هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران منظور ٿيل

# ڪارونجهر

چهه ماهي

[ تحقيقي جرنل ]

ISSN 2222_2375

جلد- 11، شمارو: 21، ڊسمبر 2019ع

ايڊيٽر

ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

Gul Hayat Institute

سنڌي شعبو

وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي،
عبدالحق ڪيمپس، ڪراچي، سنڌ، پاڪستان.

# Editorial Board's Policies

**Review Process:**

All manuscripts are reviewed by an editor and members of the editorial board or qualified outside reviewers. Decision will be made as rapidly as possible.

**Articles:**

The paper must be typed for Sindhi (in MB Bhitai Sattar Font, size 13),Urdu (in Noori Nastaleeq font, size 14) and English (in Times New Roman font,size 12) with double spaced on A-4 size paper. The title should be brief phrase describing the contents of the paper. The title pages should include the author's full names and affiliations. All manuscripts to be send in hard copy along with the text in CD to mailing address of Department of Sindhi and also through email to **dr.kamaljamro@gmail.com**

**Abstract:**

The abstract should be informative and completely self-explanatory, briefly present the topic and state the scope of work. The abstract should be 100 to 200 words in length.

**Tables and Figures:**

Tables should be kept to a minimum and be designed to be as simple as possible. Figure legends should be typed in numerical order on a separate sheet. Graphics should be prepared using applications capable of generating high resolution GIF, TIFF, JPEG or Power Point before pasting in Microsoft Word manuscript file. Tables should be prepared in Microsoft Word or Microsoft Publisher.

**Acknowledgement:**

The acknowledgement of people, grants, funds etc should be brief.

**References:**

In the text, a reference identified by means of an author's name should be followed by the year of the reference in parentheses. Patterns are as following:

**سنڌي:**

**جامڙو، ڪمال، ڊاڪٽر** (2018)، **"ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سگهڙائپ"، ڪراچي: پيڪاڪ پبلشرس**

اردو:

سلطانہ بخش،ڈاکٹر،''پاکستانی اہل قلم خواتین''،ص:48،اکادمی ادبیات پاکستان،2003ء

**English:**

Deuze, M. (2005), "Professional identity and ideology of journalists reconsidered", Journalism, Vol. 6, No. 4, 422-464

You can follow the given other patterns in this journal also.

Gul Hayat Institute

**Copyright:**

All the statements of fact and opinion expressed in this journal are the sole responsibility of the authors, and do not imply and endorsement on part or whole in any form/shape whatsoever by the editors or publishers.

# فهرست


- ايڊيٽوريل 6


## مقالا


1. دولهه دريا خان: شخصيت ۽ ڪارناما — ڊاڪٽر شير مهراڻي 8
2. سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي ڪاليجز ڪراچي: تاريخ ۽ تنقيدي جائزو — ڊاڪٽر ڪمال جامڙو 22
3. سنڌ ۽ جپان وچ ۾ ثقافتي رابطا — ڊاڪٽر خليل الرحمان شيخ 38
4. لغت نويسيءَ جا ضابطا، اصول ۽ طريقيڪار — ڊاڪٽر رياضت برڙو 46
5. مير عبدالحسين سانگيءَ جي شاعريءَ ۾ ساڻيهه جي سِڪ — ڊاڪٽر عابده گهانگهرو 57
6. سائل آزاد جي شخصيت ۽ ڪلام: هڪ اڀياس — ڊاڪٽر ڪمال جامڙو 81
7. جمال ابڙي جي افسانن جو مختصر جائزو — ڊاڪٽر علي جان برڙو/ ڊاڪٽر حاڪم علي برڙو 93
8. فقير قادر بخش بيدل جي شاعريءَ جو تحقيقي اڀياس — عابد مهيسر 107
9. ابراهيم منشيءَ جي شاعريءَ ۾ هارين ۽ پورهيتن جي حقن جو آواز — قربان علي چنا 121

- سنڌي شعبي پاران ثقافت جو ڏينهن (رپورٽ) — ڊاڪٽر ڪمال جامڙو 132


Gul Hayat Institute

# ايڊيٽوريل

ڊسمبر 2019ع جو ”ڪارونجهر“ اوهان آڏو آهي. هميشه وانگر هن شماري ۾ به سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ ثقافت تي ٽيل نئين تحقيق اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪئي آهي. سينئر محققن سان گڏ نوَن محققن جي تحقيق به شامل ڪئي آهي.

سنڌي شعبي جي بند ڪرڻ يا ان جي خودمختيار حيثيت ختم ڪرڻ ۽ ايم فِل ۾ داخلا نه ڏيڻ جون خبرون به ميڊيا ۾ هلنديون رهيون، جنهن جي موٽ ۾ سنڌ اسيمبليءَ 05_آڪٽوبر 2019ع تي ٺهراءُ منظور ڪيو. سنڌي شعبي جي واهر ڪرڻ تي، مان سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن ۽ سنڌي ميڊيا ۽ اديبن، شاعرن ۽ ٻين سڄاڻن جو ٿورائتو آهيان. سوشل ميڊيا تي، مون ان سلسلي ۾ وضاحت جاري ڪئي ته: يونيورسٽين ۾ شعبن جي کولڻ ۽ حيثيتن تبديل ڪرڻ يا ختم ڪرڻ جا اختيار اڪيلي سر وائس چانسلر وٽ ناهن. ان لاءِ سينيٽ، سينڊيڪيٽ ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل جي منظوري لازمي آهي. خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته: سينيٽ، سينڊيڪيٽ ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل جا لڳ ڀڳ سڀئي ميمبر سنڌي شعبي جي بچاءَ ۾ اُٿي بيٺا. خاص طور تي سينيئر ڊاڪٽر رياض احمد، سينيئر ڊاڪٽر عرفان عزيز، ڊاڪٽر توصيف احمد خان، سينڊيڪيٽ جا ميمبر ڊاڪٽر ممنون احمد خان ۽ ڊاڪٽر محمد عابد ۽ استادن جي هڪ گروپ جو اڳواڻ ڊاڪٽر اصغر دشتي، ڊاڪٽر فيصل جاويد، ڊاڪٽر افتخار احمد طاهري ۽ ڊاڪٽر سيد طاهر علي شاهه. سڀني دوستن جا وڏا ورڻ.

شعبي جي مسئلن حل ڪرائڻ لاءِ جاکوڙ جاري آهي ۽ نئين وائس چانسلر ڊاڪٽر عارف زبير ۽ رجسٽرار ڊاڪٽر ساجد جهانگير مسئلن حل ڪرائڻ جي پڪ ڏني آهي. شعبو معمول موجب پنهنجو تدريسي ۽ تحقيقي ڪم جاري رکندو پيو اچي. هن ڇماهيءَ ۾ ٽن شاگردن ڊاڪٽر رياضت علي ٻُرڙي، ڊاڪٽر غلام

Gul Hayat Institute

مصطفيٰ سولنگيءَ ۽ ڊاڪٽر سيما ابڙي کي پي ايڇ.ڊي ڊگريون جاري ٿيون. جڏهن ته امر هاني سنڌوءَ کي ايم فل جي ڊگري جاري ٿي. بشير احمد چني، سڪندر علي پنهيار ۽ رضيه بيگم ٻگهيو پنهنجا پي ايڇ.ڊي مقالا منهنجي نگرانيءَ ۾ جمع ڪرايا. لياقت علي همسفر گاڏهيءَ ۽ اسد الله چني، ڊاڪٽر عنايت لغاريءَ جي نگرانيءَ ۾ ايم فل ۽ طارق عزيز شيخ منهنجيءَ نگرانيءَ ۾ ايم فل مقالو جمع ڪرايو. اميد ته ايندڙ ڇماهيءَ ۾ انهن کي ڊگريون ملي وينديون.

وفاقي اردو يونيورسٽيءَ جي عبدالحق ڪيمپس جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو گرائونڊ تي ٽينٽ هڻي، وڏي پيماني تي، سنڌي شعبي پاران، 27-نومبر 2019ع تي، ثقافت جو ڏينهن ملهايو ويو. ان ڏينهن جي رپورٽ به جرنل ۾ شامل ڪئي وئي آهي. ”ڪارونجهر“ جي هِن شماري جي تياريءَ ۾ ڊاڪٽر رياضت ٻرڙي تمام گهڻي مدد ڪئي، جنهن لاءِ سندس قرب.

سڀني محققن کي مقالن موڪلڻ جي دعوت ڏجي ٿي ۽ سنڌي شعبي سان اوهان سمورن کي سهڪار ڪرڻ جي گذارش ڪجي ٿي.

**ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو**

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر شير مهراڻي

# دولهه دريا خان: شخصيت ۽ ڪارناما

## The Personality and the achievements of Doleh Darya Khan

**Abstract:**

In the history of Sindh the Samma Period (1351-1520) is very important, due to the multiple works of the great sons of the Soil. The Kingship of this clan remained 169 years in the Sindh and 19 rulers ruled over the Sindh. Some of the famous Samma Kings were; Jam Unnarr, Jam Tamachi and Jam Nizamuddin (Jam Nindo). Jam Nizamuddin remain in power for 48 years. His Prime Minister Mubarak Khan Alias Doleh Darya Khan was very trustworthy person for the King as well as very dear to the common men. He was a Army General, Spokes man, Irrigation Expert and an Expert of Foreign Affairs. Observing his leadership qualities, Jam Nizamuddin made him Madar al-Muham (Regent) and `Amir al-Umara' (The Highest Noble) and bestowed upon him the title of "Mubarak Khan". The Jam Nizamuddin declared him as an adopted son. After the death of Jam Nizamuddin; Mubarak Khan remained in the service of Jam Firoz but his supporters chafed to be under his control. On the invitations of Jam Firoz Shah Baig Argune; the Son of Zunoon came to Sindh and attacked. Even Darya Khan was not in good terms with Jam Firoz but he came out with a force to resist the invaders. He lost the battle and was martyred (926-1520). In this research article I have explored the genealogy of the great Doleh Darya Khan. I have also focused on His works and achievements.

**تعارف:**

سنڌ جو جري پهلوان، جوڌو ۽ سپهه سالار دولهه دريا خان سمن جي دَور (1351ـ 1520) جي آخري بادشاهه ڄام نظام الدين جي حڪومت ۾ وزير اعظم، آبپاشيءَ جي نظام جو انچارج ۽ فوجي سربراهه هو. سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت کان پوءِ سمن جي حڪومت جو دور شروع ٿيو. "1351ع ۾ آخري سومري حڪمران همير کي (ڄام اڻڙ) قتل



Gul Hayat Institute

ڪري، پنهنجي خاندان جي حڪومت جو بنياد رکيو.“[1] سمن جي دور ۾ ڪل 18 حاڪمن حڪومت ڪئي، جن ۾ ڄام اُنڙ، ڄام تماچي ۽ ڄام نظام الدين گهڻو مشهور ٿيا. تاريخ موجب، ”هن حڪمران خاندان ۾ ڄام نظام الدين (ڄام ننڍو) جي وڏي ساک آهي، جنهن 1461ع کان 1508ع تائين حڪومت ڪئي. سنڌ ۾ مقامي حاڪميت جي لحاظ سان هن جو دور نهايت ئي عمدو ۽ مثالي هو. ان ڪري ان کي (انتظامي حوالي سان) سونهري دور سڏيو ويو آهي.“[2] ڄام نظام الدين سنڌ تي لڳ ڀڳ 48 سال حڪومت ڪئي. ان وقت سنڌ جون سرحدون اوڀر ۾ هندستاني گجرات، اتر ۾ ملتان، اتر اولهه ۾ بولان لڪ، اولهه ۾ سوي/سبي ۽ ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ تائين هيون. دولهه دريا خان، ڄام نظام الدين جي دور ۾ انتهائي طاقتور تصور ڪيو ويندڙ شخص هو. ڄام ننڍي ڪيس پنهنجو پٽ ڪري سڏيو هو. ۽ دولهه دريا خان به سمن سان وفا جي انتها ڪئي ۽ وڏي دليريءَ سان نه صرف سنڌ جي سرحدن جي سنڀال ڪئي بلڪه پاڙيسري ملڪن سان پڻ سنا لاڳاپا رکيا. هن هر طرح سان سنڌ جي ننگن ۽ ڍنگن جي حفاظت ڪئي. هو هڪ اهڙو جرنيل هو، جيڪو جنگي حڪمت عملي ۾ ماهر هو. هو هڪ آبپاشي جو ماهر به هو. جنهن ڪيترائي نوان واهه کوٽايا، ذرعي آمدني وڌائي. هن پرڏيهي واپار کي هٿي ڏئي ٺٽي کي بين الاقوامي شهر جو رتبو ڏنو. هن گهرو وزارت کي هٿي ڏئي ننڍين ننڍين اختلافن کي نبيريو. ملڪي اپت ۾ تمام گهڻو اضافو ڪيو. نوان مدرسا ۽ مڪتب کولرايا. سندس عروج جي ڏينهن ۾ خاص طور سنڌ ۾ عالمن، ڏاهن، فنڪارن، ڪاريگرن ۽ ٻين پيشه ور ماڻهن جو تمام وڏو مانُ مرتبو هو. ڄام نظام الدين المعروف ڄام ننڍي دولهه دريا خان جي صلاحيتن، سچائي ۽ ايمانداريءَ سبب ملڪي ڪاروهنوار ۾ سندس اختيارن ۾ تمام گهڻو اضافو ڪيو. دولهه دريا خان جي دور ۾ سنڌ تمام گهڻي ترقي ڪئي. ايئن به نه هو ته هن کي ڪي اختلاف نه ڏسڻا پيا. پر هن سيني اختلافن کي بهتر نموني سان نبيريو. ڄام ننڍي جي گهرواري راڻي رمڪي/عيدان يا مدينه ماڇاڻيءَ ساڻس هر وقت اختلافن ۾ رهي، جنهن سان هن تمام سٺي نموني مامرا نبيريا ۽ ڄام ننڍي جي حياتيءَ تائين ساڻس کو به وڏو تضاد سامهون نه آيو. ٻين اختلافن ۾ ميان مهدي جونپوري جو واقعو هجي يا ارغونن سان ٿيل خوني ويڙهه، لاشارين جو ساٿ ڏيڻو هجي يا چانڊين جي حمايت جو حصول؛ هن هميشه سفارتي اصولن ۽ جنگي مهارتن کي ڪتب آندو. نتيجي طور سنڌ خوشحال ترين خطو بڻجي ويو. جيسيتائين دولهه دريا خان حال حيات هو هن اندروني توڙي بيروني

Gul Hayat Institute

اختلافن کي منهن ڏنو پر سندس شهادت سان ”خرابي سنڌ“ يعني سنڌ جو زوال شروع ٿي ويو. سندس شهادت کان پوءِ مسلسل ڏهه ڏينهن تائين ارغوني لشڪرن سندس راڄڌاني واري شهر ٺٽي کي ڦريو لٽيو ۽ ساڙيو. سموري سنڌ نه رڳو بکن، ڏکن ۽ ڏوجهرن جي ور چڙهي وئي، بلڪ سنڌ هڪ اهڙي اٽڪندڙ عذاب ۾ مبتلا ٿي وئي جنهن مان شايد اڄ به ناهي نڪري سگهي.

**خاندان:**

دولهه دريا خان جي خاندان بابت مختلف ۽ متضاد رايا سامهون آيا آهن. تاريخ طاهري ۾ سيد طاهر محمد نسياني کيس ”سيد“ سڏيو آهي. رچرڊ برٽن کيس ريبار جو ٻار سڏي ٿو ۽ لکيو آهي ته ”ڄام نندي کي ٻار کين ٿيندو هو. تنهنڪري هن گود ۾ هڪ ٻار وٺڻ جو خيال ڪيو. هڪڙي ڏينهن شڪار ڪندي ڏٺائين ته هڪ ريبار جو ٻار وڻ هيٺان ستو پيو آهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ان کي جاچيندو رهيو. ڏٺائين ته ٻار جي مٿان چانو ئي ڇانو بيٺي آهي. سمجهيائين ته هيءُ غيب جي نشاني آهي ۽ ٻار وڏي ڳالهه وارو ثابت ٿيندو. تنهنڪري هن کي ڪٺي گود ۾ ورتائين. نالو رکيائينس دريا خان.“[3] جڏهن ته ڊاڪٽر غلام محمد لاکي لکيو آهي ته، ”تحريري رڪارڊ موجب هو سيدزادو هو. سنڌ جي مقامي روايتن موجب هن عظيم سپه سالار ۽ سفارتڪار جو تعلق ’قبوليا‘ گهراڻي سان هو.“[4]

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، دولهه دريا خان کي لاشاري بلوچ سڏيو آهي ۽ شجرو پڻ ڏنو آهي. هن دولهه دريا خان جي سيد هجڻ واري حوالي کي مڪمل رد ڪيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب دولهه دريا خان کي فتح خان لاشاريءَ جي اولاد مان ڄاڻايو ويو آهي. ان شجري جي بنياد بابت ڊاڪٽر صاحب وٽ ڪافي دليل پڻ آهن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪجهه خانداني روايتون به ڏنيون آهن، جن موجب دولهه دريا خان لاشاري هو.

تاريخ ۾ اهو پڻ آيو آهي ته مير گهرام خان لاشاري جي دور ۾ دولهه دريا خان ۽ سارنگ خان به پيائر ۽ ڪجهه ٻيا نوجوان سنڌ ۾ روزگار سانگي آيا. جن مان دريا خان پنهنجي ڏاهپ وسيلي ڄام نندي جي شاهي محل تائين پهتو جنهن کيس پٽ ڪري پاليو.

پر هڪ ڳالهه ٻي به سوچڻ جوڳي آهي ته چاڪر خان رند ۽ مير گهرام خان لاشاري جي جهيڙي دوران مير عالي خان جيڪو مير گهرام خان جو پٽ هو سو خاندان جون عورتون ۽ ڪي نوجوان توڙي ٻارڙا وٺي سنڌ جي بادشاهه ڄام نندي وٽ پناهه لاءِ ويو. تاريخ



Gul Hayat Institute

۾ اهو به ملي ٿو ته جنگ دوران رامڻ خان (مير گهرام جو ڀيو پٽ) پڻ سنڌ هليو آيو هو. دولهه دريا خان مير عالي سان گڏجي سنڌ آيو ۽ پنهنجي مردانگي وجاهت ۽ عقل سبب جلد بادشاهه جي توجهه جو مرڪز بڻيو ۽ ترقي ڪندي وزيراعظم جي عهدي تي پهتو يعني دولهه دريا خان مير گهرام خان جي خاندان مان هو جنهن کي ڄام ننڊي پٽ ڪري پاليو ۽ چاڪاڻ ته مير گهرام خان سان سندس وڏي دوستي به هئي. ٻي پاسي چاڪر خان مير گهرام خان جي اهڙي طاقت سان سينو نه ساهڻ جي سگهه ڏسي ذوالنون ارغون وٽ پنهنجي پاٽيجي بيبرگ/بيبرڪ کي ايلچي ڪري موڪليو. پر هو ٻئي مصيبت ۾ ڦاسي ويو. بيبرڪ خوبصورت نوجوان هو ۽ شاعر به هو. هن رات جو ذوالنون ارغون جي محل ۾ شعر و شاعريءَ جا جوهر ڏيکاريا جنهن کي پردي پويان ذولنون جي ڌيءَ پئي ٻڌو جيڪا مٿس موهت ٿي پئي ۽ رات جو دير سان ساڻس اچي ملي. ايتري تائين محل مان نڪرڻ جي چٺو پچٺو ٿي وئي ۽ هو ڇوڪري کي ساڻ ڪري راتو رات نڪري ڀڄو. پر ڪيس پنهنجي مامي چاڪر خان طرفان ڪنهن سٺي مدد جو آسرو نه هوان ڪري مير گهرام خان لاشاري وٽ پناهه ورتائين. لاشارين ڪيس بلوچ روايت تحت پناهه ڏني. ذوالنون ارغون بيبرڪ جو پيڇو ڪيو ۽ ويجهوئي اچي پنهنجي اٿالي سميت لنگر انداز ٿيو. بيبرڪ ڪنهن وڏي حرفت سان لاشارين جي حدن ٻاهران پڙاءُ ڪري ويٺل ذوالنون جي خيمي ۾ وڃي پهتو ۽ پاڻ پيش ڪيائين. جنهن ڪيس معاف ڪيو ۽ نينگريءَ سان شادي ڪرايائينس. هو واپس ورڻ تي هيو جو بيبرڪ هڪ ٻي حرفت ڪئي ۽ ذوالنون جي ٻن نوجوان پٽن حيدر ۽ نادر کي قتل ڪري لاشارين تي قتل جو الزام مڙهيو جنهن تي تيش ۾ اچي ذوالنون ارغون، چاڪر خان رند سان گڏ لاشارين تي حملو ڪيو جنهن ۾ ڪيئي ڪونڌر ڪسجي ويا. لاشارين کي وڏي شڪست آئي ۽ سندن مال متاع ۽ عورتون معاهدي تحت ارغونن ڪٽڻ تي گهريون ته هڪ نياڻيءَ چاڪر خان کي چيو ته "اسان پنهنجو سَتُ لاشارين ۽ رندن لاءِ سنڀاليو هو نه کي ارغونن لاءِ!" ان ڳالهه جو اثر چاڪر خان تي تمام گهڻو ٿيو ۽ لاشارين جون عورتون نه ڏيڻ عيوض پنهنجو مال متاع ڏيڻ جي حامي ڀريائين. جڏهن سندس سڄو مال متاع ارغونن حوالي ٿي ويو ته ڪيس اچا وڏيڪ دولت جي ضرورت پئي ته چانڊيئي سردار سندس مدد ڪئي.

شايد اهو ساڳيو دور هو جنهن ۾ سمن جي صوبيدار بهادر خان کي سبيءَ ۾ شڪست آئي، جنهن جي پلاند طور سنڌ مان دولهه دريا خان وڏو ڪٽڪ وٺي ڪاهي پيو ۽ مقامي



Gul Hayat Institute

نوابن جي مدد سان ذوالنون جي پٽ محمد مرزا کي مارايائين ۽ سبي تي سنڌين جي حڪومت جو جهنڊو ڦڙڪايائين. هوڏانهن وجهه وٺي چاڪر خان هاٽوڪي پنجاب طرف ڀڄي ويو. هڪ روايت موجب پنجاب ۾ مير نندي جي پاءَ بايزيد (جيڪو ڪن ڳالهين تان ڄام نندي کان ناراض ٿي اتر طرف هليو ويو هو) کيس هاٽوڪي اوڪاڙه ويجهو "ست گهري" وٽ پناهه ڏني. چاڪر خان جو مقبرو اڄ به اتي موجود آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ٽن روايتن جي آڌار بيان ڪيو آهي ته دولهه دريا خان لاشاري هو. ڪجهه محققن کيس ذات جو "قبوليو" سڏيو آهي ته ڪجهه وري سيدزادو ۽ ڪن وري کيس سمون سڏيو آهي. اسان هن تحقيق مان ان نتيجي تي پهتا آهيون ته ٻن دليلن کان سواءِ ٻيا سڀ دليل ۽ حوالا دولهه دريا خان جي لاشاري هجڻ جي ثابتي ڏين ٿا. جن حوالن سبب دولهه دريا خان کي لاشاري نه ٿو مڃي سگهجي انهن ۾ هڪ سندس قبر تي لڳل ڪتبو آهي. مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي ڄام نندي جي مقبري جي اولاهين پاسي کان هڪ ٿلهي کي چوديواري ڏنل آهي. جنهن ۾ دولهه درياخان شهيد جي تاج واري قبر سان گڏ ان چوديواري اندر ويهارو کن ٻيون به قبرون آهن. جن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهي دولهه دريا خان جي خاندان جون قبرون آهن. دولهه دريا خان جي قبر اطهر تي هي حرف لکيل آهن:

"يا الله

هذا مرقد المعطر

للخان الاعظم

شهيد مبارڪ خان

ابن سلطان نظام الدين" (5)

يعني هي قبر اطهر خان اعظم شهيد مبارڪ خان ولد ڄام نظام الدين جي آهي. ڪو به بلوچ ڪيترو به ڪنهن ٻي سان پيار ڪندو هجي پر هو ڪنهن به ريت ڪنهن ٻي ماڻهوءَ کي پنهنجو پيءُ لکت ۾ نه ڄاڻائيندو. دولهه دريا خان جي ذات قبوليو هجڻ جون ٿي ثابتيون ملن ٿيون. هڪ ته ڪجهه ٻين تاريخن سميت قديم تاريخي ماخذ "تاريخ معصومي" جي ليکڪ مير معصوم بکريءَ کيس "قبوليو" سڏيو آهي ۽ ٻيو ته چانڊڪا يا چانڊڪي جي جاگير جيڪا ڄام نندي, دولهه دريا خان جي سفارش تي چانڊين کي ڏني هئي, ان جي پرواني تي ٽي مهرون لڳل آهن. انهن مهرن ۾ هڪ ڄام نظام الدين جي, ٻي

دولهہ دريا خان قبوليو جي ۽ ٽين دلشاد نالي وزير جي مهر شامل آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ دولهہ دريا خان ذات جو قبوليو هو. ٽيون هڪ قديم بلوچي شعر آهي:

هشت صد سورهہ تيارا بيشون

گون قبوليو جهيڙو وين

(يعني هن اٺ سئو سالن تائين تياري ڪئي تہ قبولئي سان وڙهڻو آهي)(6)

دولهہ دريا خان جي سيد يا سمون هجڻ جون روايتون ڪمزور آهن، ڇاڪاڻ تہ جن ڪيس "سيد" سڏيو آهي انهن مان هڪڙن جو چوڻ آهي تہ هو لکمير ديوان وٽ غلام هيو. ۽ ٻين ليڪڪن جو چوڻ آهي تہ هو ڪبير شاھ جو پٽ ۽ ٻاروتڻ ۾ ئي يتيم ٿي ويو هو. جيڪو بعد ۾ ٻالي رانوڙجا ڳابا چاريندو هو. سنڌ ۾ سيد ڪڏهن بہ غلام ڪري ناهن رکيا ويا. بلڪہ سيد ڪيترو بہ غريب ڇو نہ هجي هن جي عزت ۽ احترام هر ماڻهوپاڻ تي فرض سمجهندو آهي. مشهور سنڌي چوڻي "سيد ميرو تڏهن بہ پنج سيرو" نفسياتي طور تي سنڌ ۾ سيد قبيلي جي عزت ۽ احترام جو اهم ثبوت آهي. جڏهن تہ بلوچ پڻ سيد ذات جو تمام گهڻو احترام ڪندا آهن. بلوچن وٽ هڪ روايت آهي تہ يزيد ابن معاويہ جڏهن اميرن ڪبيرن کي بيعت جي دعوت ڏني ۽ امام حسين پنهنجي آل عيال ۽ ڪجھ دوستن ساٿين سان گڏ بيعت ڪرڻ بدران پهريان مدينو ڇڏڻ ۽ پوءِ ڪربلا جي ميدان ۾ يزيدي فوج سان جنگ جو اعلان ڪيو تہ امام حسين توڙي يزيد مختلف طاقتور قبيلن ڏانهن مدد لاءِ خط لکيا ويا. بلوش قبيلو جيڪو اصل ۾ هلب جو رهواسي هو ان کي يزيد جو خط پهتو ۽ هنن امام حسين جي خلاف جنگ ڪرڻ بدران لڏپلاڻ کي ترجيح ڏني ۽ پوءِ مسلسل خانہ بدوشي ۾ رهيا. هو جڏهن ايران جي سرحدن ۾ آيا تہ ڪين احساس ٿيو تہ لڏپلاڻ بدران ڪين امام حسين جو ساٿ ڏيڻ گهرجي ها. پنهنجي ان خطا جو تدارڪ ڪرڻ لاءِ هو هر وقت سيد ذات جو احترام ڪرڻ لڳا. جيڪو هو اڄ تائين ڪندا اچن ٿا. سنڌ سان هوندئن ئي اهلبيت جي محبت رهي آهي. ان ڪري دولهہ دريا خان "سيدزادو" هجي ۽ غلام هجي، اها ڳالهہ تسليم ڪرڻ جوڳي ناهي. جيڪڏهن دولهہ دريا خان سمون هجي ها تہ پوءِ بہ قبر جي ڪتبي تي سندس پٽ ڪيس "ڄام نظام الدين جو پٽ" ڪري نہ لکرائي ها.

**نالو:**

دولهہ دريا خان جي نالي بابت پڻ مختلف روايتون ۽ حوالا ملن ٿا. ڪن جو چوڻ آهي تہ سندس اصل نالو مبارڪ خان يا قبوليو هو جنهن کي "آبدار" ڪري پڻ سڏيو



Gul Hayat Institute

ويندو هو. آبدار مان ڪافي ليڪن ”پاڻي پيارڻ وارو ڇوڪرو“ مراد ورتي آهي، پر اصل ۾ هو ”آبپاشي جو ماهر“ هو (ان موضوع تي ايندڙ صفحن ۾ بحث ڪيو ويندو). عين ممڪن آهي آبپاشي جي نظام کي تمام وڏي ترقي وٺرائڻ، نوان واهه کوٽائڻ ۽ درياهه جي وهڪري ۾ تبديليون آڻڻ سبب کيس دريا خان سڏيو ويو هجي. کيس دولهه ڪري پڻ سڏيو ويندو هو جنهن جي معنيٰ آهي ”تمام وڏو بهادر“ ۽ ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته دولهه دريا خان تمام وڏو بهادر هو. سندس ٻين لقبن ۾ ”مدارالمهام“، ”امير الامراء“، ”خانِ خانان“ ۽ ”خان اعظم“ وغيره شامل آهن. يعني سندس نالو مبارڪ خان هو، ڇاڪاڻ ته مبارڪ خان ڪو به خطاب ناهي. البته دريا خان، ”مدارالمهام“، ”امير الامراء“، ”خانِ خانان“ ۽ ”خان اعظم“ سندس خطاب هئا.

**شادي:**

دولهه دريا خان جي شادي همون/هيمون نالي ذات جي راڻوڙ ڇوڪريءَ سان ٿي، جيڪا پنهنجي سونهن ۽ سوڀيا جي سبب تمام گهڻي مشهور هئي. همونءَ جو پيءُ ٻالي راڻوڙ ڪلان ڪوٽ جو والي هو. تاريخي ماخذن ۾ ملي ٿو ته همونءَ جو مڱڻو ننڍي عمر ۾ ئي ڄام نظام الدين جي سالي ڪاهو ڏنئور سان ٿيل هو. اهو مڱڻو ڄام جي گهرواري، جنهن جو نالو ”مدينه“ يا ”عيدان“ يا رمڪي هو ۽ هوءَ ذات جي ماڇياڻي هئي؛ ان ڪرايو هو. عيدان هميشه دولهه دريا خان کان خفا رهندي هئي، جو کيس ڊپ هو ته بادشاهه جي گذاري وڃڻ کان پوءِ سندس پٽ ڄام فيروز بدران هو بادشاهي جو وارث بڻجي ويندو، جنهن جا اشارا ڄام ننڍو ڪافي ڀيرا ڏئي چڪو هو. مدينه ماڇياڻي دولهه دريا خان کي رستي تان هٽائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڄام ننڍي جي زندگيءَ ۾ ئي ڪئي هئي. هن پنهنجي هڪ ڪنيز سان مشورو ڪري دريا خان کي مارڻ جي سٽ سٽي هئي. هن گهوڙن جي نگراني ڪندڙ سپاهيءَ جي هٿان دولهه دريا خان جي گهوڙي کي ڪا نشيدار شيءِ کارائي ڇڏي. معمول موجب دولهه دريا خان گهوڙي تي سوار ٿي آس پاس جي علائقن جو سير ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو ته گهوڙي سرڪشي ڪئي، پر دولهه دريا خان ان کي سنڀالي ورتو ۽ ويجهو ئي ڪنهن تلاءَ وٽ سندس گهوڙو گوڏا کوڙي ويهي رهيو. اتفاق سان ان تلاءَ تي همون پنهنجي ساهيڙين سان وهنتي پئي ۽ سندس سونهن جو تير دلير دولهه دريا خان جي دل ۾ کپي ويو. گهڻن دلير جوڌن کي ماريندڙ ۽ زخمي ڪندڙ دولهه دريا خان پاڻ ڦٽجي پيو. ۽ همون به سندس ويڪري ڇاتيءَ ۾ منهن لڪائي ڇڏيو. سندن عشق جو داستان لکجي

Gul Hayat Institute

ويو. ڄام نظام الدين کي جڏهن ان واقعي جي ڀڻڪ پئي ته هن اهو ڄاڻندي به ته همون ڪاهو ڏانور سان مڱيل آهي. هن پنهنجو قاصد اول خان ڪنهن ٻي ساٿي سان گڏائي همونءَ جي پيءُ ڏانهن موڪليو جنهن پنهنجي ڌيءَ جو سڱ دولهه دريا خان کي ڏيڻ جو اعلان ڪيو. ڄام نظام الدين وڏي ڌوم ڌام سان دولهه دريا خان جي شادي ڪرائي.

**اولاد:**

دولهه دريا خان کي همونءَ مان پنجن پٽن جو اولاد ٿيو. ڪن ڪتابن ۾ سندس پٽن جو تعداد ٽي ملي ٿو پر پير حسام الدين راشديءَ سندس پنجن پٽن جا نالا ڏنا آهن، جيڪي هن ريت آهن: علاوالدين، محمود خان، منڻ خان(موٺڙ خان) سارنگ خان ۽ احمد خان. اهي سڀيئي ڀائر سورهيه، بهادر، نڊر، دلير ۽ وطن دوست هئا. ڪين سيوهڻ لڳ جاگيرون هيون. خاص طور محمود خان ۽ موٺڙ خان مخدوم بلاول سان ويجهن لاڳاپن ۾ رهيا ۽ پيءُ جي شهادت کان پوءِ "خرابيءَ سنڌ" جي ابتدائي ڏينهن ۾ ارغونن سان جهيڙيندي شهيد ٿيا. ڪجهه ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو ته جڏهن ارغونن مختلف ماڻهن ڏانهن صلح جا پيغام موڪليا ته دولهه دريا خان جي پٽن ڏانهن به اهڙا پيغام پهتا پر هنن ڪڏهن به ارغونن سان ٺاهه نه ڪيو.

دولهه دريا خان جي ڪتبن مان معلوم ٿئي ٿو ته دولهه دريا خان جي قبر ننڍي پٽ احمد خان جوڙائي. دولهه دريا خان جي قبر هڪ چوديواري اندر آهي، جنهن ۾ ٻيون به گهڻيون قبرون آهن. ان چوديواري جي ڏاکڻي پٽ تي هن طرح جو ڪتبو لڳل آهي: "هٰذا المقام بامر خان الاعظم مبارک خان بن سلطان نظام الدين شاه بن صدر الدين شاه بن صلاح الدين شاه بن سلطان رکن الدين شاه وهو المظفر علي مغلان الهري والقندهار کتبه قطب الدين بن محمود - احمد بن دريا خان غفر الله له."[7]

ڊاڪٽر بلوچ موجب سنڌس پٽ جي گنداواهه ۾ جاگير هئي، جيڪو ڪافي عرصي تائين اتي رهيو ۽ پنهنجي ايڙ ڪيڙ کي عزت سان پاليندو نپائيندو رهيو.

**سياسي ڪارناما:**

تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته دولهه دريا خان هڪ وڏو دور انديش ۽ سياسي بصيرت رکندڙ ڏاهو ماڻهو هو. جنهن جي قابليتن جي پروڙ مختلف ڏکين مرحلن دوران ورتل سنڌس ترت فيصلن مان پوي ٿي. هن مهدي جونپوريءَ جو مامرو تمام احسن طريقي سان حل ڪيو ڇاڪاڻ ته ڄام ننڍي مقامي عالمن جي چوڻ تي مهدي جونپوري کي گرفتار

Gul Hayat Institute

ڪرڻ جو حڪم ڏنو پر دولهه دريا خان کي گمان هو ته سندس گرفتاري سبب ملڪي حالتون خراب ٿي سگهن ٿيون. ان ڪري هن ڄام کي مشورو ڏنو ته مهدي جونپوري کي سنڌ مان ٻي دخل ڪيو وڃي، جنهن تي ڄام نندي مهدي جونپوري کي سنڌ ڇڏي وڃڻ جو حڪم ڏنو جيڪو سنڌ مان نڪري بلوچستان ۽ پوءِ افغانستان هليو ويو. دولهه دريا خان مختلف دنگئي ملڪن جي حاڪمن سان بهترين لاڳاپا قائم ڪيا. جتي تلوار جي ضرورت نه هئي هن اتي تلوار نه کنئي. هن اڪثر ماهرا سفارتي حڪمت عمليءَ سان نبيريا. سندن دور ۾ گجرات جا ڪجهه واپاري سنڌ ۾ قرجي قتل ٿي ويا. دولهه دريا خان جي صلاح تي ڄام نندي نه صرف انهن جي قاتلن کي گرفتار ڪيو بلڪ انهن جي وارثن توڙي حاڪمن ڏانهن معافي نامو پڻ موڪليائين. نتيجي طور گجرات جي حاڪمن سان سندن لاڳاپا خراب ٿيڻ بدران اڃا وڌيڪ مستحڪم ۽ مضبوط ٿي ويا. دولهه دريا خان وڏي سياسي بصيرت رکندڙ بردبار ۽ ڏاهو هو. ان ڪري هن ڪٿي به ڪا به سياسي عدم استحڪام واري صورتحال پيدا ٿيڻ نه ڏني. البته ارغوني فوجون جيڪي بنيادي طور تي غاصب ۽ قابض طبيعت جون هونديون هيون. ۽ ذوالنون جي لاءِ ته مشهور هو ته هن کي نوان ملڪ فتح ڪرڻ جو خفت هوندو هو. نتيجي طور هن سنڌ جي سرحدن سان هٿ چراند ڪئي. پر دولهه دريا خان سندس ناپاڪ ارادا خاڪ ۾ ملائي ڇڏيا ۽ سبيءَ جي جنگ ۾ سندس پٽ کي قتل ڪري خيبر جي ويجهو سنڌي فوج جو جهنڊو کوڙڪايو.

**ذرعي سڌارا ۽ آبپاشي جي نظام ۾ بهتري:**

سنڌ جيئن ته ذرعي ملڪ هو ان ڪري ان جي ترقيءَ لاءِ ذرعي ترقي تمام گهڻي ضروري هئي. دولهه دريا خان ذرعي ترقيءَ لاءِ مختلف اپاءَ ورتا. هن مختلف فصلن جي نه صرف اپت وڌائڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي بلڪ نوان واهه کوٽائي نيون زمينون پڻ آباد ڪيون. سندس کوٽايل واهن ۾ خان واهه (جنهن جي ڪناري تي دولهه دريا خان آخري جنگ ڪندي شهيد ٿي ويو) جنهن تي ساڪري جون زمينون آباد ٿينديون هيون. ساوه واهه يا ساولي واهه: هيءُ واهه سيوهڻ جي پرسان کوٽايو ويو ته جيئن مينهن جو پاڻي گڏ ڪري زمينون آباد ڪيون وڃن ۽ واڌو پاڻي منڇر ۾ ڇڏيو وڃي. ڪاڇي وارو واهه: منڇر جي ڏکڻ طرف بند ٻڌي هيءُ کٽايو ويو جنهن سان ڪاڇي جون زمينون آباد ٿينديون هيون. هن واهه جو ذڪر تاريخ مظهر شاهجهاني ۾ به آيل آهي. دريا خان واهه: هيءُ واهه دولهه دريا خان سڪرنڊ واري پاسي کوٽايو هو. جڏهن ته باغبان ۾ پڻ ڪافي واهه کوٽايا

ويا، جن تي ائن وسيلي هُرلا هلائي پوکيءَ لاءِ پاڻي ڪڍيوويندو هو. ارغوني لشڪر جڏهن باغبان کي لٽيو تہ اتان پاڻي ڪيندڙ اٺ هزار اٺ بہ پاڻ سان ڪاهي ويا. ان کان علاوه کور واهہ ۽ ٻيا بہ ڪيترائي واهہ دولهہ دريا خان کوٽايا هئا، جن سان سنڌ جي ذرعي اپت تمام گهڻو وڌي وئي هئي. دولهہ دريا خان سمنڊ مان نڪتل هڪ قدرتي ڦاٽ کي وڏائي سڌو ڪرايو، جنهن مان واپاري ٻيڙا گذري سگهندا هئا. ان ڦاٽ کي بعد ۾ ترخانن پورائي ڇڏيو. مطلب تہ دولهہ دريا خان هر طرح سان پنهنجي ملڪ سان سچو رهيو ۽ هو هر وس هلائي سنڌ جي اپت وڌائيندو رهيو.

**علمي ۽ ادبي خدمتون:**

دولهہ دريا خان هڪ پڙهيل لکيل ۽ عالم قسم جو ماڻهو هو. ڇاڪاڻ تہ سندس تربيت ڄام نندي جهڙي عالم ۽ باوقار بادشاهہ جي هٿن هيٺ ٿي هئي. هو علم سان تمام گهڻو چاهہ رکندڙ هو. ”ڄام نظام الدين سنڌ جو بادشاهہ ۽ وڏو عالم هيو دولهہ دريا خان ڄام نظام الدين جي ٻاريل لاٽ کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائي رهيو هو. انهيءَ دور ۾ ٻاهرين ملڪن کان ڪيترائي عالم سنڌ ۾ آيا.“[8] ڄام نندي عالمن جي لاءِ پنهنجي خزاني جي دروازا کولي رکيا هئا. هيءُ اهو ئي دور هو جنهن لاءِ مشهور آهي تہ ٻاهرين ملڪن جا ڪيئي عالم اڪابر سنڌ ۾ صرف ان ڪري ايندا هئا جو هتي سندن قدر ٿيندو هو. دولهہ دريا خان ڪاهان ۽ باغبان سميت ٻين علائقن ۾ مدرسہ پڻ تعمير ڪرايا. هن پنهنجي لاءِ مانجهند ويجهو گوپانگ اسٽيشن وٽ هڪ عاليشان اوطاق پڻ جوڙائي جتي علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي ميڙ ٿيندا هئا. دولهہ دريا خان اتي ڪن خاص ماڻهن سان ملڪي مامرن تي پڻ ڳالهيون ڪندو هو. جڏهن تہ گهيريلي ۾ پڻ سندس جوڙايل هڪ جاءِ جا آثار ملن ٿا. مطلب تہ هن علمي توڙي ادبي حوالي سان ڪيترائي اهڙا اپاءَ ورتا جن سان سنڌ کي تمام وڏو لاڀ مليو. پير حسام الدين راشدي مڪلي نامي جي حاشيي ۾ لکيو آهي تہ، ’دريا خان سنڌ کي هر لحاظ سان مضبوط ئي محڪم ڪيو. فوجي، سياسي توڙي سماجي يا اقتصادي صورتحال کي هن اهڙي ڪڙي تي پهچايو جو مورخن جو متفقہ قول آهي تہ اهڙو زمانو سنڌ نہ پهرين ڏٺو ۽ نہ پوءِ.‘

**جنگي ڪارناما:**

ڊاڪٽر غلام محمد لاکو لکي ٿو ”دريا خان سنڌي شهيدن جي تاريخ ۾ نمايان اهميت رکي ٿو. ان کان علاوه سياست، ڊپلوميسي توڙي فوجي مهارت سبب ڪيس اسان جي تاريخ ۾ نهايت وڏو رتبو حاصل آهي.“[9]

Gul Hayat Institute

هڪڙي پاسي چاڪر خان هو جنهن چيو پئي:

قنڌار پوزان من سري زيران
از پڌا چڪ چين و مغل روخ بان
تئي گوانزغي پلانا نہ پرداچان

(آئون قنڌار ڪان لشڪر وٺي ايندس. مغلن وانگر توهان جو قتل عام ڪرائيندس ۽ توهان جي پيينگهن ۾ موجود ٻارن کي بہ معاف نہ ڪندس.)

ٻي پاسي مير گهرام خان هو جنهن چيو پئي:

شاهہ منان باري اي بہ داث روشہ
(من) سمہ ويٺي آني چاري آن
تنہ اي پوزان من سرا ريشان
آسا پہ چاپوان مان داران
هنگران گرانين لوغ موغيمان ني
توسلا دلي ترڪ و ليخي بان

(خدا مون کي ڪنهن ڏينهن وجهہ ڏي، آئون سمن ۽ ٽيين جي لشڪر جو منتظر آهيان. ٺٽي جي فوجين ذريعي يلغار ڪندس ۽ خطرناڪ باهہ لڳائي ڇڏيندس. پنهنجن بهادر دشمنن جا گهر ساڙي ڇڏيندس. ان باهہ کي دهلي جا ترڪ (چاڪر جا دوست مغل) بہ ڪو نہ وسائي سگهندا.)[10]

دولهہ دريا خان پنهنجي دَور ۾ ڪيئي جنگيون وڙهيو. سندس اهم ڪاميابين ۾ سبيءَ جي جنگ ۾ ارغونن کي ڏنل عبرتناڪ شڪست آهي، جنهن ۾ هن ذوالنون ارغون جي پٽ ۽ شاهہ بيگ ارغون جي پيءُ کي قتل ڪري ارغوني فوج کي ڀوڄائي ڪيڏيو ۽ سنڌي فوج جي ڪاميابيءَ جي نئين تاريخ رقم ڪئي. جام نندي جي گذاري وڃڻ کان پوءِ جام فيروز مسلسل دولهہ دريا خان کي نظر انداز ڪندو رهيو، جنهن سبب هو عهدي تان استعيفا ڏئي پنهنجي جاگير ۾ وڃي رهڻ لڳو. تخت جو هڪ ٻيو دعويدار جام صلاح الدين وجهہ وٺي ٺٽي تي ڪاهي آيو ۽ جام فيروز کي راڄڌانيءَ مان بيدخل ڪري ڇڏيائين. جيڪو پنهنجي ماءُ کي ساڻ ڪري دولهہ دريا خان وٽ ويو جنهن تي دولهہ دريا خان ٽڙيل پکڙيل فوج گڏ ڪري حملو ڪيو، پر ان ۾ ناڪام ويو. ناڪاميءَ جو سبب تاريخدانن ٽڙ تڪڙ ڪري فوج ۾ ڀرتي ڪيل نوان نوجوان ڄاڻايا آهن، جن کي جنگ جو

ڪو بہ تجربو نہ هو پر ان هوندي بہ دولهہ دريا خان جو قسمت ساٿ ڏنو۽ سياسي حڪمت عملي ڪري مخالفن جو هڪ ايلچي پنهنجي ڏر ڪري جام صلاح الدين کان ٺٽو خالي ڪرائي جام فيروز جي حوالي ڪيو. دولهہ دريا خان آخري پيرو خان واهہ تي ارغوني فوج سان وڙهندي شهيد ٿي ويو. سندس دليري، بهادري ۽ بي ڊپائيءَ جي قصن سان تاريخ جا صفحا ڀريا پيا آهن.

**شهادت:**

ياءَ جي قتل، پيءُ جي وفات ۽ مغلن جي افراتفري سبب شاهہ بيگ ارغون افغانستان ۾ سوڙهہ محسوس ڪري رهيو هو. هو پنهنجي لاءِ ڪو نئون هنڌ تلاشڻ ۾ مصروف هو تہ جام فيروز جي ماءُ مدينا ماڇاڻي وٽس وڃي نڪتي ۽ کيس عرض ڪيائين تہ سندس پٽ جام فيروز کي دولهہ دريا خان مان خطرو آهي، ان ڪري هو سندن واهر ڪري، "انڌو گهري هڪ اک، هتي ٻئي پئي مليون." هو اڳ ئي اهڙي موقعي جي تلاش ۾ هو۽ ترت فوج تيار ڪري سنڌ تي حملو ڪيائين. هو شال، مستونگ، ماڇي ڪوٽ ۽ چانڊڪا کي ڦريندو لٽيندو باغبان وٽان اچي نڪتو جتي دريا خان جي پٽن ارغوني لشڪر جو اڳ جهليو تہ هو رستو مٽائي خانواهہ طرف مڙيو. اهو 22 ڊسمبر 1520ع (11 محرم 927هہ) جو ڏينهن هو. پاڻ کي پڪو مسلمان سڏيندڙ ارغونَ محرم الحرام جو احترام وساريندي سنڌ ۾ ننڍي ڪربلا مچائڻ آيا هئا. دولهہ دريا خان پنهنجي ٿڙيل پکڙيل سپاهين سان ارغوني لشڪر کي للڪاريو. دولهہ دريا خان ميار لاهڻ لاءِ جام فيروز کي بہ لشڪر وٺي اچي ڏارين سان وڙهڻ جي صلاح ڏني پر ڪانئر ڪجهہ نہ ڪيو۽ خاموش رهيو. دولهہ دريا خان جيڪو هن وقت عمر جي سنئين ڏاڪي ۾ هو پر هو جنگ ۾ اهڙي نموني وڙهيو جو جو مورخن لکيو آهي تہ هن "جنگ جو احوال لکڻ کان قلم قاصر آهي."

"ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ اهڙي سخت لڙائي لڳي، جنهن جي شرح کان قلم جي زبان قاصر آهي. نيٺ امير شاهہ بيگ فتحمند ٿيو. جام فيروز درياهہ ٽپي ڀڄي ويو ۽ دريا خان هڪڙي تنگربردي قبتاش نالي ارغون جي، جنهن کي قبتاش جي لقب سان سڏيندا هئا، هٿ چڙهيو ۽ ٻين سمن سپاهين سان گڏ قتل ٿي ويو. مغل 20 محرم تائين ٺٽي جي شهر کي ڦريندا ۽ لٽيندا ۽ ان جي رهاڪن کي ذليل ڪندا رهيا."[11]

ڊاڪٽر غلام محمد لاکي موجب "ڪجهہ عالمن جو خيال آهي تہ ارغونن دريا خان کي صلح جي ڳالهين تي گهرايو۽ بعد ۾ کيس قتل ڪرائي ڇڏيائون."[12]



Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پڻ لکيو آهي ته، ”حقيقت ۾ اها شاهه بيگ جي سازش هئي، اڳ طئي ٿيل پروگرام موجب ڳالهين دوران دريا خان کي شهيد ڪيو ويو.“(13)

دولهه دريا خان جي شهادت بابت ٻيا رايا پڻ آهن، جن مان هڪ اهو به آهي ته جنگ دوران ڪيس ڪِچيءَ ۾ تير لڳو ۽ هو شهيد ٿي ويو. يا هڪ حوالو اهو به آهي ته گمسان جي جنگ ۾ سندس گهوڙو مري ويو ۽ هو ڪجهه سنڌي سپاهين سميت گرفتار ٿي پيو. جن کي شاهه بيگ ارغون جي سامهون آندو ويو، جتي ويٺلن مان هڪ ڄڻي ڪيس سڃاتو، جنهن جي تصديق جڏهن شاهه بيگ ڪانئس فارسيءَ ۾ ڪئي ته هن صرف سنڌي لفظ ”جيءُ“ چيو. جيڪو شاهه بيگ سمجهي ويو. ڪيس پنهنجي پاءُ جو قتل ياد اچي ويو ۽ هن هٿ ٻڌل جوڌي دولهه دريا خان کي تلوار جو وار ڪري شهيد ڪري ڇڏيو.

**نتيجو:**

اسان هن مقالي ۾ پيش ڪيل تحقيق مان ان نتيجي تي پهتا آهيون ته سنڌ جو سپوٽ دولهه دريا خان نسلن بلوچ ٿي سگهي ٿو پر هو قوم جي حوالي سان سنڌي آهي. جيئن اڄ به ڪيترائي اهڙا خاندان سنڌ ۾ رهن ٿا جيڪي پاڻ کي نسل جي اعتبار کان پاڻ کي بلوچ سڏرائين ٿا ۽ قوم جي اعتبار کان هو پاڻ کي سنڌي سڏرائڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا. جهڙوڪ نامور اديب رشيد احمد لاشاري ۽ مشهور سگهڙ عاجز رحمت الله لاشاري. نوجوان قانوندان ۽ شاعر اي بي لاشاري پاڻ کي هميشه نسل جي اعتبار کان بلوچ ۽ قوم جي اعتبار کان سنڌي سڏرائي ٿو. (هيءُ مقالو لکڻ وقت اي بي لاشاري صاحب سان ڪافي مامرن تي بحث مباحثا پڻ ٿيا. جن مان مون کي لاڀ مليو.)

دولهه دريا خان پڙهيل لکيل عالم هجڻ سان گڏ هڪ بهترين جرنيل، سياسي اڳواڻ، دور انديش، آبپاشيءَ جو ماهر، مذهبي هم آهنگي پيدا ڪندڙ، انسان دوستيءَ ۽ رواداريءَ جهڙن ڳڻن سان ڀرپور شصيت جو مالڪ هو. دولهه دريا خان پنهنجي سياسي بصيرت سبب سنڌ کي تمام گهڻي ترقي وٺرائي. هو هڪ اهڙو بهادر ۽ ٻي ڊپو شخص هو. جو اڄ به ”دولهه دريا خان“ بهادريءَ ۽ ٻي ڊپائيءَ جي استعاري طور سنڌ ۾ استعمال ٿي رهيو آهي. علمي ۽ ادبي حوالي سان پڻ هن تمام گهڻو ڪم ڪيو.

Gul Hayat Institute

**حوالا:**

(1) هينري ڪزنس: سنڌ جا قديم آثار، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي، 1975ع، ص 31
(2) آزاد قاضي: مرتب، شهيد دولهه دريا خان، لاڪو ڦلاٽي پبليڪيشن نوابشاهه، 2010ع، ص،86
(3) برٽن رچرڊ: سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون، مترجم: محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1971ع، ص 121
(4) لاکو غلام محمد ڊاڪٽر: سمن جي سلطنت، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1996ع، ص 110
(5) آزاد قاضي: مرتب، شهيد دولهه دريا خان، 2010ع، ص 40
(6) آزاد قاضي: مرتب، شهيد دولهه دريا خان، 2010ع، ص 215
(7) دولهه دريا خان جي قبر جي چوڌيواري تي پٽ تي لڳل ڪتبو.
(8) آزاد قاضي: مرتب، شهيد دولهه دريا خان، 2010ع، ص 206
(9) لاکو غلام محمد ڊاڪٽر: سمن جي سلطنت، 1996ع
(10) شهيد دولهه دريا خان، آزاد قاضي، 2010ع، ص 166، 167
(11) بکري مير معصوم: تاريخ معصومي، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ص، 150
(12) لاکو غلام محمد ڊاڪٽر: سمن جي سلطنت، 1996ع
(13) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، مضمون، سپهه سالار دريا خان جو حسب نسب، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 1980ع، ص 101

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

# سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي ڪاليجز ڪراچي:
# تاريخ ۽ تنقيدي جائزو

## A Brief History and Analysis of Sindhi Subject Society Colleges Karachi

**Abstract:**

Sindhi language is a medium of teaching in schools, colleges and universities in Sindh. In most government schools in Sindh, primary education is given in Sindhi language. It is also the medium of instruction, and the medium of examination up to university level. Sindhi subject is compulsory in government colleges as well. The general universities of public sector are running a Sindhi department for students of Bachelors, Masters and Ph.D level. Students and teachers also run different societies, circles and forums in colleges and universities. One such society is the Sindhi Subject Society Karachi, established in 2003 by teachers teaching Sindhi subject from various colleges with the aim of promoting their subject.

No written record of these subject societies can be found. No history was written or preserved by any member or others. For this reason, a first ever brief history and analysis of the progress of Sindhi Subject Society Colleges Karachi has been written in this research paper.

سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ ثقافت جي واڌاري لاءِ اڻڳڻين ماڻهن جون ڪوششون ۽ خدمتون آهن. انهن مان تمام ٿورڙن شخصن جي جاکوڙ تاريخ جو حصو بڻجي سگهي آهي. جن جي خدمت رڪارڊ تي اچي تاريخ جو حصو بڻي آهي، انهن مان اڪثريت اهڙن جي آهي جيڪي ڪنهن تنظيم، تعليمي اداري يا ٻئي سرڪاري ۽ غير سرڪاري اداري سان لاڳاپيل رهيا آهن، يا وري ڪنهن ڪتاب، اخبار ۽ رسالي جي پنن ۾ سندن ذڪر ٿيل آهي. اهي خوشنصيب به رڪارڊ تي آيا آهن جن جو قلمي پورهيو محفوظ رهيو آهي.



Gul Hayat Institute

سنڌ تي انگريز راڄ (1843) شروع ٿيڻ کان پوءِ سنڌ ۾ ادب ۽ ٻوليءَ جي بچاءَ ۽ واڌاري لاءِ تنظيمن جو رواج شروع ٿيو جن ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين، سنڌي ادبي سرڪل، سنڌي ادبي سنگت، جميعت الشعراء سنڌ، سنڌي زبان سوسائٽي ۽ ٻيون شامل آهن. سنڌ جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ به ٻوليءَ، ادب ۽ ثقافت جي ترقيءَ لاءِ مختلف تنظيمون جڙنديون رهيون آهن. استادن جي مختلف تنظيمن پڻ ٻوليءَ ۽ ثقافت کي اهميت ڏني آهي. اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ هڪ مضمون جي واڌاري لاءِ پڻ سبجيڪٽ سوسائٽيون ڪم ڪنديون رهن ٿيون جن ۾ سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي، ڪاليجز ڪراچي به هڪ آهي. انهن مان اڪثر تنظيمن جي تاريخ نه لکي وئي آهي. اهو ئي سبب آهي ته مان اوهان جي خدمت ۾ سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي ڪاليجز ڪراچيءَ جي تاريخ ۽ خدمت پيش ڪريان ٿو. ڪراچيءَ جي سمورن ڪاليجن جي سطح تي اها پهرين سوسائٽي آهي. جيڪڏهن هن کان اڳ ڪا سنڌي مضمون جي سوسائٽي هئي يا آهي ته دوست ان جي به تاريخ لکن ته جيئن سنڌي ٻوليءَ لاءِ جاکوڙيندڙن جو احوال رڪارڊ تي اچي سگهي ۽ نئون نسل پڻ ان کان واقف ٿي سگهي.

سنڌي ٻوليءَ سان منهنجو ننڍپڻ جو ناتو جائي جم کان شروع ٿيو. مڊل ۾ پڙهڻ دوران ئي سنڌي ادب ۾ پير پاتم. انٽر آرٽس ڪرڻ کان پوءِ مُڪمل طور ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ داخل ٿي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تعليم پرائڻ ۾ لڳي ويس. ان سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ڏيڻ ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ جاکوڙڻ جو سلسلو به جاري رکيم. ريڊيو، ٽي ويءَ، اخبارن، مختلف ادبي، سماجي، ثقافتي ۽ علمي تنظيمن جي پليٽفارمن تان جدوجهد جاري آهي.

جڏهن انيئن آگسٽ 2000ع تي گورنمينٽ اسلاميا سائنس ڪاليج ڪراچيءَ ۾ سنڌي مضمون جو ليڪچرار مقرر ٿيس ته ڪراچيءَ جي ڪاليجن ۾ سنڌي مضمون جي پڙهائيءَ، اُستادن ۽ مسئلن کان واقفيت ٿيڻ لڳي. اُتي اِن حوالي سان مسئلن جا انبار ڏسڻ ۾ آيا جيڪي اڃا تائين موجود آهن. انهن کي حل ڪرڻ اسان جي وَس ۾ ته نه هو پر انهن جي حل لاءِ آواز اُٿارڻ نه رڳو وس ۾ هو ۽ آهي پر پنهنجو فرض به سمجهيوسين. مون سنڌي مضمون جي ترقيءَ لاءِ ٿيندڙ سرگرمين جو مرڪز اسلاميا سائنس ڪاليج کي بڻايو ڇا ڪاڻ ته ٻيا اُستاد پنهنجن ڪاليجن ۾ اهڙن عملن ڪرڻ کان ڪِيٻائيندا هُئا/ آهن. ان سلسلي ۾ ڪراچيءَ جي ڪاليجن ۾ سنڌي مضمون جا جيڪي اُستاد هُئا/آهن اُنهن



Gul Hayat Institute

سان رابطا شروع ڪيم. اِن مامري ۾ نالي وارو ليکڪ، مخلص ماڻهو ۽ سينيئر پروفيسر منظور حُسين کُهڙو پهريان ئي اڪيلي سِر آواز اُٿاريندو رهندو هو. نوجوان ليکڪ زين سولنگي ۽ پروفيسر محمّد ابراهيم سولنگي کهڙي صاحب سان منهنجي واقفيت جو ذريعو بڻيا. اهڙيءَ ريت پروفيسر منظور کهڙو صاحب اسلاميا ڪاليج ۾ قرب ڪري مون وٽ آيو ۽ ڪچهرين جا سلسلا شروع ٿيا.

اسان ٻنهي 2002ع ۾ طئہ ڪيو تہ ڪاليجن ۾ سنڌي مضمون جي مسئلن جي حل لاءِ هڪ تنظيم جوڙجي، جنهن جو نالو مون 'سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي ڪاليجز ڪراچي' تجويز ڪيو جنهن جو دائرو ڪراچيءَ کان شروع ڪري سڄيءَ سنڌ تائين وڌائڻ طئہ ڪيوسين.

**پهرين ۽ بُنيادي گڏجاڻي:**

تنظيم جي باقاعدي پهرين گڏجاڻي ڇهين فيبروري 2003ع تي اسلاميا سائنس ڪاليج ڪراچيءَ ۾ رکي وئي. ڇهين فيبروري 2003ع ئي هن تنظيم جو بُنيادي ڏينهن آهي. اِن گڏجاڻيءَ جي خبر هِن ريت جاري ڪئي وئي:

”ڪراچيءَ جي ڪاليجن ۾ سنڌي پڙهائيندڙ اُستادن جي هڪ گڏجاڻي پروفيسر گل محمّد سولنگيءَ جي صدارت ۾ گورنمينٽ اسلاميا سائنس ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پروفيسر ڪمال جامڙي جي ميزبانيءَ ۾ ٿي، جنهن ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ، ڪاليج سطح تي سنڌي مضمون جي واڌاري ۽ سنڌي پڙهائيندڙ اُستادن جي مسئلن جي حل لاءِ سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي (ڪاليجز) جو بُنياد وِڌو ويو. اِن سلسلي ۾ تنظيم جا مول متا طئہ ڪيا ويا. تنظيم کي فعال ڪرڻ لاءِ چار رڪني آرگنائيزنگ ڪاميٽي ٺاهي وئي، جنهن ۾ پروفيسر منظور کهڙو، پروفيسر پروين شهاب، پروفيسر ڪمال جامڙو ۽ پروفيسر عبدالستار خاصخيلي شامل آهن. ان موقعي تي پروفيسر گل محمّد سولنگيءَ هِن تنظيم جي بُنياد وِجهندڙن کي واڌايون ڏيندي چيو تہ اسان جي ٻَڌيءَ نہ هُجڻ سبب نہ رڳو ٻوليءَ ۽ ادب کي نقصان پهچي رهيو آهي پر ڪاليجن ۾ سنڌي پڙهائيندڙ اُستادن کي ڇيهو بہ رَسي رهيو آهي. هُن چيو تہ اسان کي مايوس ٿيڻ نہ کپي. هڪ ڏينهن ضرور ڪاميابي ماڻينداسين. ٻين تقريرن ڪندڙن ۾ پروفيسر شهناز حُسين ميمڻ، پروفيسر نصرت ممتاز، پروفيسر منظور کهڙو ۽ پروفيسر عبدالستار خاصخيلي شامل هُئا. هُنن چيو تہ اُستاد معاشري جو اهم حصو آهي ۽ انقلاب آڻڻ ۾ سندس وڏو ڪردار آهي. هُنن وڌيڪ چيو تہ



Gul Hayat Institute

1972ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ ٺهراءُ پاس ڪيو هو تہ ڪراچيءَ جي ڪاليجن ۾ آسان سنڌي لازمي ڪئي ويندي پر ان تي عمل ناهي ٿيو. آخر ۾ ڪمال جامڙي تنظيم ناهڻ لاءِ سُٺي موٽ ڏيندڙ سيني اُستادن جا ٿورا ميجيا. ايندڙ گڏجاڻي اپرين مارچ تي ساڳي هنڌ رکي وئي آهي.“

**سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي ڪاليجز جا مقصد:**

01) آئين ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي ٺهرائن مطابق ڪراچيءَ جي ڪاليجن ۾ يارهين درجي لاءِ سوَلي سنڌيءَ جو مضمون شروع ڪرائڻ.
02) سنڌي مضمون، ٻوليءَ ۽ ادب جي واڌاري لاءِ جاکوڙڻ.
03) سنڌي مضمون جي اُستادن جا جائز مسئلا حل ڪرائڻ.
04) ڪاليجن يا هاير سيڪنڊري اسڪولن جي لائبريرين ۾ سنڌي ڪتابن ۽ اخبارن جي خريداري لازمي بڻائڻ.
05) ڪراچيءَ جي ڪاليج ميگزينن ۾ سنڌي ڀاڱو شروع ڪرائڻ.
06) انٽرميڊيئيٽ بورڊ ۽ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي مضمون جي حوالي سان مسئلا حل ڪرائڻ.
07) سنڌي نصاب کي وقت ۽ حالتن مطابق ترتيب ڏيارڻ.
08) سرڪاري پڌراين ۽ اطلاعن (Notifications / Orders) کان اُستادن کي باخبر رکڻ.
09) غير نصابي سرگرمين وسيلي سنڌي شاگردن کي سنڌي ادب، ثقافت ۽ ٻوليءَ بابت ڄاڻ ڏيڻ ۽ اُنهن کي اهڙن پروگرامن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪرڻ.
10) سنڌي ٻوليءَ، ادب، ثقافت ۽ ٻڌيءَ خاطر ڪراچيءَ ۾ مختلف ميڙاڪا ڪرائڻ.
11) سنڌي اُستادن ۽ شاگردن کي بهتر ڪارڪردگيءَ ۽ بهترين ادبي ڪم تي ايوارڊ ڏيڻ.

**سوسائٽيءَ جي عهديدارن ۽ ڪاروباري ڪميٽيءَ جي ميمبرن جي مقرري:**

سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي ڪاليجز جو ٻيو ۽ اهم اجلاس اپرين مارچ 2003ع تي اسلاميا سائنس ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پروفيسر نظام صحرائيءَ جي صدارت ۾ ٿيو، جنهن ۾ ڪراچيءَ جي مختلف ڪاليجن ۾ پڙهائيندڙ اُستادن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سوسائٽيءَ جا عهديدار ۽ ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا ميمبر چُونڊيا ويا جن ۾ صدر ڪمال

Gul Hayat Institute

ڄامڙو، نائب صدر پروفيسر پروين شهاب، جنرل سيڪريٽري پروفيسر منظور کهڙو، جوائنٽ سيڪريٽري پروفيسر انيس گهانگهرو، پريس سيڪريٽري پروفيسر عبدالستار خاصخيلي ۽ خزانچي پروفيسر اقبال بلوچ ۽ ڪاروباري ڪاميٽيءَ ۾ پروفيسر نظام صحرائي، پروفيسر گل محمّد سولنگي، پروفيسر سُلطانا وقاصي، پروفيسر محمّد رحيم راولاٽي، پروفيسر شاهدا عباسي، پروفيسر نصرت ممتاز، پروفيسر ياسمين مستوئي ۽ پروفيسر علي راز شر شامل هُئا. اجلاس ۾ نهراءَ وسيلي تعليم جي وزير، گورنر ۽ انٽرميڊيئيٽ ايجوڪيشن بورڊ ڪراچيءَ جي چيئرمين کان گُهر ڪئي وئي ته آئين ۽ سنڌ اسيمبليءَ مان پاس ٿيل رٺ مطابق يارهين درجي تي رڪيل آسان سنڌيءَ جو پرچو هن سال کان ئي شروع ڪيو وڃي. ٻئي نهراءَ ۾ انٽرميڊيئيٽ ايجوڪيشن بورڊ پاران سنڌي نصاب ڪاميٽيءَ جي فيصلن کي اورانگهڻ جي ننڌا ڪئي وئي.

**عهديدارن جي پهرين گڏجاڻي:**

تنظيم جي عهديدارن جي پهرين گڏجاڻي تي، جنهن جي ڪاروائي جنرل سيڪريٽري پروفيسر منظور حسين کهڙي هن ريت لکي: ’سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي فار ڪاليجز ڪراچيءَ جي عهديدارن جي پهرين گڏجاڻي 17 هين مارچ 2003ع تي گورنمينٽ اسلاميا سائنس ڪاليج ڪراچيءَ ۾ تنظيم جي مرڪزي صدر ڪمال ڄامڙي جي صدارت ۾ ٿي جنهن جي ايجنڊا هيٺينءَ ريت آهي:

1. يارهين درجي ۾ آسان سنڌي لاڳو ڪرڻ لاءِ سوچ ويچار ۽ رٿابندي.
2. تنظيم سازيءَ لاءِ سوچ ويچار ۽ حڪمت عملي.

ايجنڊا ـ1 تي سڀني عهديدارن ويچار ونديا. جن ۾ پريس سيڪريٽري پروفيسر عبدالستار خاصخيليءَ صلاح ڏني ته سنڌ اسيمبليءَ پاران منظور ڪيل نهراءَ جو نقل هٿ ڪري وڏي وزير سان ملاقات ڪجي ۽ پريس کان به سهڪار حاصل ڪجي. انهيءَ تي نائب صدر پروفيسر پروين شهاب، جوائنٽ سيڪريٽري انيس گهانگهري ۽ جنرل سيڪريٽري پروفيسر منظور کهڙي اتفاق ڪيو. ڪمال ڄامڙي جي راءِ هُئي ته اخبارن وسيلي باقاعدي مهم شروع ڪرڻ گهُرجي ۽ سياسي سماجي ماڻهن کان به مدد وٺڻ جي ضرورت آهي. فيصلو ڪيو ويو ته ڪمال ڄامڙو ۽ پروفيسر منظور کهڙو نهراءَ جو نقل هٿ ڪرڻ جي سلسلي ۾ سنڌ اسيمبليءَ ويندا. اُن کان پوءِ ٻين طريقن تي عمل ڪرڻ جي لاءِ اُپاءَ ورتا ويندا.

ايجنڊا 2۔ عبدالستار خاصخيلي چيو تہ اسان کي ٻين دوستن سان رابطا ڪرڻ گهرجن ۽ پاڻ کي ڪاليجن ۾ وڃي گڏجاڻيون ڪرڻ گهرجن. پروين شهاب ۽ انيس گهانگهرو چيو تہ اسان کي پاڻ پتوڙڻو پوندو. ڪمال جامڙي چيو تہ سوسائٽيءَ جا عهديدار گهٽ ۾ گهٽ مهيني ۾ ڏهن ڪاليجن جا دورا ڪن ۽ مول متا ڪمپوز ڪرائي ڪاليجن ۾ ورهائن. ٻين عهديدارن سندس راءِ سان اتفاق ڪيو.

انهيءَ موقعي تي هيٺيان ٺهراءَ پاس ڪيا ويا

1. يونيورسٽي ۽ بورڊ کان گهر ڪئي وئي تہ اُهي سنڌي نصاب کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ جي سلسلي ۾ اُپاءَ وٺن ۽ پراڻي نصاب کي تبديل ڪن.
2. 1. حاجي عبدالله هارون ڪاليج، 2. جي پرنسيپال ڊائريڪٽر ڪاليجز ڏانهن خط لکيو هو تہ سنڌي مضمون جي اُستادن جي ضرورت نہ آهي. انهيءَ تعصب پرستيءَ کي نندينديءَ گهر ڪئي وئي تہ پرنسيپال کان اهڙي رويي تي پڇاڻو ڪيو وڃي.

ايندڙ گڏجاڻي ڇنڇر ڇهين اپريل 2003 ع تي يارهين وڳي گورنمينٽ اسلاميا سائنس ڪاليج ۾ رکي وئي. ضرورت پوڻ تي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو اجلاس گهرائڻ جو بہ طئہ ڪيو ويو.

شرڪت ڪندڙ: 1.ڪمال جامڙو صدر، 2. پروفيسر منظور حسين کهڙو جنرل سيڪريٽري، 3. پروفيسر انيس گهانگهرو جوائنٽ سيڪريٽري، 4. پروفيسر پروين شهاب، نائب صدر، 5. پروفيسر عبدالستار خاصخيلي، پريس سيڪريٽري، 6. پروفيسر نصرت ممتاز، ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ميمبر.

**سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽيءَ جي جاکوڙ ۽ ڪُجھ ڪاميابيون:**

اسان جون تنظيمون گهڻي ڀاڱي پنهنجيءَ مدد پاڻ هيٺ جُڙنديون ۽ هلنديون رهنديون آهن. ڪُجھ فرد ئي پنهنجي هڙئون وڙئون ڏئي پيا ڪم هلائيندا آهن. تنظيمن ۾ فيءَ جو نظام بہ رڳو ڏيکاءَ لاءِ هوندو آهي. ڪم گهٽ ۽ هڪ ٻئي مٿان الزام ڏاڍا هڻندا آهيون. وڏين ڳالهين هڻڻ جا ماهر، باقي عمل کان کوهين ڏور رهندا آهيون. نتيجي ۾ گهربل مقصد ماڻڻ ناممڪن نہ، تہ بہ تمام گهڻو مشڪل ڪم هُوندو آهي. اِن صُورتحال جي باوجود سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي ڪاليجز ڪراچي پنهنجن مُک مقصدن حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب وئي.

اسان جو پهريون مقصد هو يارهين درجي ۾ آسان سنڌيءَ جي مضمون جي پڙهائي شروع ڪرائڻ. اِن مضمون پڙهائڻ جو فيصلو 1972ع جي سنڌي ٻولي ايڪٽ موجب



Gul Hayat Institute

ٿيل هوءِ درجي بہ درجي 82 ـ 1981ع ۾ لاڳو ٿيڻو هو پر ٽيهن سالن کان وڌيڪ عرصي گذرڻ باوجُود لاڳو نہ ٿي سگهيو هو. اسان سنڌ پروفيسرس اينڊ ليڪچررس ايسوسيئيشن (SPLA) ۽ سنڌي ادبي سنگت سان گڏجي آسان سنڌي مضمون شروع ڪرائڻ لاءِ مهم شروع ڪئي. اخبارن ۾ ليک لکياسين. ميڙاڪن ۾ نعراءَ منظور ڪراياسين. سنڌ جي وڏي وزير، گورنر، چيف سيڪريٽري، تعليم جي وزير، سيڪريٽريءَ ۽ ٻين واسطي دارن کي خط لکياسين. گڏجاڻيون ڪيونسين ۽ هر محاذ (Forum) تي آواز اُٿاريوسين. ٽن سالن جي لاڳيتيءَ جاکوڙ کان پوءِ 2005ع ۾ سنڌي مضمون لاڳو ڪرائڻ ۾ وقتي طور ڪامياب وياسين. اِن ڪاميابيءَ ۾ مُک ڪردار تعليم جي تڏهوڪي وزير ڊاڪٽر حميده کهڙي ادا ڪيو جنهن جو نوٽيفڪيشن اُن وقت جي تعليم واري ايڊيشنل سيڪريٽري ڊاڪٽر محبُوب شيخ ڪيو. ان دور ۾ ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم سنڌ جو وڏو وزير ۽ ڊاڪٽر عشرت العباد سنڌ جو گورنر هو. اسان جي جدوجهد جي نتيجي ۾ 2006ع ۾ سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪاليجن ۾ هڪ ئي وقت 119 سنڌي مضمون جا ليڪچرار ايڊهاڪ تي مقرر ڪيا ويا: جيڪي اڳتي هلي پڪا ٿي ويا. کين پڪي ڪرائڻ ۾ بہ اسان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. ان سلسلي ۾ مون ڊاڪٽر حميده کهڙو صاحبا کي ٿورن جو خط بہ لکيو. جنهن جو متن هِن ريت آهي:

سائڻ ڊاڪٽر حميده کهڙو!

تعليم جي وزير، سنڌ حڪومت ڪراچي

مانواري سائڻ،

پهريان تہ اسان اوهان جا ٿورائتا آهيون جو اوهان ڪيترن ئي سالن کان حل نہ ٿيندڙ سنڌي مضمون وارو مسئلو حل ڪيو آهي. ان حوالي سان ڪجھ گذارشون ڏجن ٿيون.

01) انٽرميڊيئيٽ ۾ شروع ڪرايل آسان سنڌي مضمون کي هن ئي تعليمي سال کان لاڳو ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي.

02) ڪراچيءَ ۾ Centralized Admission Policy (CAP) انتظاميا کي پابند ڪيو وڃي تہ اها پنهنجي پراسپيڪٽس ۾ آسان سنڌي مضمون لازمي لکي. اهڙيءَ ريت ڪراچيءَ جي سمورن ڪاليجن کي هدايت ڪئي وڃي تہ ڊگريءَ توڙي انٽرميڊئيٽ ۾ رکيل لازمي سنڌي مضمون جو داخلا واري ڪتابڙي ۾ ذڪر ڪن.

03) آغا خان تعليمي بورڊ کي پابند ڪيو وڃي تہ هُو سنڌي مضمون شامل ڪري.



Gul Hayat Institute

04) ڪراچيءَ جي سمورن ڪاليجن کي پابند ڪيو وڃي تہ اُهي اُردو ۽ انگريزي اخبارن سان گڏ هڪ سنڌي اخبار بہ خريد ڪن. اهڙيءَ ريت لائبريريءَ لاءِ سنڌي ڪتاب بہ خريد ڪيا وڃن. هر هڪ ڪاليج ڪاليج ميگزين ۾ سنڌي ڀاڱو لازم رکي.

05) ڪراچيءَ جي جن ڪاليجن ۾ سنڌي مضمون جا اُستاد ناهن، اُتي مقرر ڪيا وڃن.

06) سنڌي مضمون جي ڪاليجي اُستادن لاءِ جديد ادب جي حوالي سان ورڪشاپ ۽ سيمينار ڪرايا وڃن.

07) سنڌي مضمون جي ڪاليجي اُستادن کي سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ نمائندگي ڏني وڃي.

08) جهڙيءَ ريت يونيورسٽيءَ ۾ اُستادن کي تحقيقي ڪم ڪرڻ، مقالن ۽ ڪتابن لکڻ تي پروموشن ۾ اوليت ڏني وڃي ٿي، اهڙيءَ ريت ڪاليج جي ليکڪ ۽ مُحقق اُستادن کي بہ پروموشن ۾ اوليت ڏني وڃي. (ڪمال ڄامڙو صدر)

آسان سنڌيءَ جو ڪتاب بہ شايع ٿي چُڪو هو ۽ ڪجھ ڪاليجن ۾ پڙهائي بہ شروع ڪئي وئي هئي، پر افسوس آهي تہ اسان جي ساڃاهہ وندن ۽ سياست دانن جي خاموشيءَ ۽ ايم ڪيو ايم جي سياسي دٻاءَ تي پڙهائي بند ڪئي وئي، جيڪا اڄ تائين ٻيهر جاري نہ ٿي سگهي آهي. اِن کي وري شروع ڪرائڻ لاءِ سگهاريءَ مهم جي ضرورت آهي.

2. ڪراچيءَ جي ڪاليجن ۾ سنڌي اخبارون ۽ ڪتاب نہ گهُرايا ويندا هُئا يا تمام گهٽ ڪاليجن ۾ گهرايا ويندا هئا. اسان جي ڪوشش سان ڪيترن ئي ڪاليجن ۾ سنڌي اخبارون ۽ ڪتاب گهرائڻ جو عمل شروع ٿيو. مون، پروفيسر منظور حسين کهڙي ۽ پروفيسر نصرت ممتاز 15هين اپريل 2004ع تي اُن وقت جي ڊسٽرڪٽ آفيسر ايجوڪيشن ڪاليجز/ڊائريڪٽر پروفيسر هارون رشيد سان اسلاميا ڪاليج ۾ گڏجاڻي ڪري، ڪانئس اهو مطالبو مڃرايو سين.

3. بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ ايجوڪيشن ڪراچيءَ 2001ع ڌاري سنڌي شاگردن کي انٽر ۾ سنڌي مضمون پڙهڻ کان روڪڻ جي هڪ پاليسي جوڙي، جنهن موجب رڳو اهو سنڌي شاگرد يارهين ۾ آسان اُردو ۽ ٻارهين ۾ سنڌي لازمي مضمون پڙهي سگهي ٿو

Gul Hayat Institute

جنهن ميٽرڪ ۾ آسان سنڌي مضمون بدران نارمل سنڌي مضمون پڙهيو هوندو. ڪراچيءَ جي تمام ٿورڙن اسڪولن ۾ نائين درجي ۾ نارمل سنڌي مضمون پڙهائڻ جو بندوبست ٿيل آهي. تنهنڪري اهو جواز غير قانوني ۽ تعصب تي ٻڌل آهي. اسان ان خلاف مسلسل جاکوڙيو. ٻاويهين اپريل 2004ع تي ملير پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس به ڪئي وئي، جيڪا مون، پروفيسر منظور حُسين کهڙي، پروفيسر عبدالستار خاصخيليءَ ۽ پروفيسر اقبال بلوچ ڪئي. پريس ڪانفرنس جي اخبارن ۾ شايع ٿيل خبر جو متن هتي ڏجي ٿو:

ڪراچيءَ جي تعليمي ادارن مان سنڌي پيپر جي خاتمي خلاف

سبجيڪٽ سوسائٽيءَ پاران احتجاج جو اعلان:

ملير (رپورٽ: راهب ڳاهو) ڪراچيءَ جي ڪاليجن جي سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽيءَ ڪراچيءَ جي اسڪُولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين مان سنڌي مضمون جي خاتمي واري سازش خلاف ڀرپور جدوجهد جو اعلان ڪري ڇڏيو. بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ ڪراچيءَ پاران ڪاليجن ۾ سنڌي مضمون کي ختم ڪرڻ وارين ڪوشش کي سنڌ دشمن سمجهندي سنڌي شاگردن جا والدين به هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪندا. ان ڏس ۾ سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي ڪاليجز جي صدر پروفيسر ڪمال جامڙي، جنرل سيڪريٽري پروفيسر منظور کهڙي، خزانچي پروفيسر اقبال بلوچ ۽ پريس سيڪريٽري پروفيسر عبدالستار خاصخيليءَ ملير پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ٻڌايو ته هڪ پاسي سنڌ اسيمبلي پرائيويٽ توڙي سرڪاري تعليمي ادارن ۾ سنڌي ٻولي پڙهڻ جو بل پاس ڪري ٿي، ان بل جي سرڪاري ۽ مخالف ڌر جا ميمبر حمايت ڪن ٿا پر ٻئي طرف انٽرميڊيئيٽ بورڊ ڪراچي سنڌي مضمون جي خلاف سازش شروع ڪري ڇڏي ٿو. جيڪا هڪ منظم سازش آهي. ان سازش مطابق اڄ انٽر ۾ سنڌي مضمون پڙهڻ کان روڪيو وڃي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ سُياڻي جنهن سنڌي شاگرد انٽر ۾ سنڌي نه پڙهي هُوندي، سو بي اي، بي ايس سي ۽ بي ڪام ۾ سنڌي مضمون نه پڙهي سگهندو. اهڙيءَ طرح ايم اي سنڌي به نه پڙهي سگهندو. اهڙيءَ ريت ڪراچيءَ مان سنڌي مضمون ختم ٿي ويندو. هُنن چيو ته هن سال انٽرميڊيئيٽ بورڊ ڪراچي پنهنجي سازش ۾ گهڻي قدر ڪامياب ويو آهي ۽ بورڊ انتظاميا پاران ڌمڪين ذريعي ڪيترن ئي سنڌي شاگردن تي اعتراض واري ڪين اُردو پڙهڻ تي مجبُور ڪيو پيو وڃي. هُنن چيو ته 1995ع



Gul Hayat Institute

۾ بورڊ هندستان مان لڏي ايندڙن لاءِ نارمل اُردوءَ بدران آسان اُردو پڙهڻ جو حُڪم ڏنو آهي پر سنڌي مادري زبان وارا جڏهن سنڌي پڙهڻ چاهن ٿا اُنهن لاءِ ايڊوانسڊ انگريزي پڙهڻ جو شرط رکي، کين سزا ڏني پئي وڃي ۽ سنڌي پڙهڻ لاءِ بورڊ کان اجازت وٺڻ لازمي قرار ڏنو آهي. هُنن چيو تہ بورڊ ۾ سنڌ حڪومت 75 سيڪڙو حاضري قانون ٺاهيو آهي. ٻيءَ صُورت ۾ شاگرد امتحان ۾ نہ ٿو ويهي سگهي پر ڪراچي بورڊ پنهنجا قانون ٽوڙڻ لاءِ تيار آهي. (روزاني عبرت حيدرآباد، چنچر 24 اپريل 2004ع بہ مطابق 03 ربيع الاول 1425هہ)

ان سلسلي ۾ تعليم کاتي جي اڳوڻي وزير عرفان الله مروت، سيڪريٽري محمّد هاشم لغاري، انٽرميڊيئيٽ بورڊ جي چيئرمين پروفيسر افتخار زيدي، پروفيسر انوار احمد زئي ۽ ٻين لاڳاپيل ذرين سان بہ ملاقاتون ٿينديون رهيون. لکت ۾ بہ درخواستون ڏينديا رهياسين، پر افسوس آهي تہ اڄ تائين اهو مسئلو حل نہ ٿي سگهيو آهي. نتيجي ۾ هزارين سنڌي شاگرد پنهنجي مادري ٻوليءَ واري مضمون پڙهڻ کان محروم ٿي چُڪا آهن.

4. نيشنل يونيورسٽي آف ماڊرن لينگئيجز اسلام آباد کي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي قائم ڪرڻ لاءِ خط لکيو ويو جنهن جو متن هتي ڏجي ٿو:

جناب ریکٹر صاحب

نیشنل یونیورسٹی آف ماڈرن لینگیجز

سیکٹر ایچ-9، اسلام آباد

عنوان: یونیورسٹی میں سندھی شعبہ قائم کرنے کی اپیل

جنابِ عالی!

ہمیں بڑی خوشی ہے کہ آپ کی یونیورسٹی میں انگریزی، اردو اور دیگر زبانوں کے ساتھ پشتو، بلوچی اور پنجابی پڑھائی جاتی ہے اور ان کے باقاعدہ شعبے قائم ہیں۔

سندھی ایک قدیم زبان ہے۔ اسے اپنا رسم الخط، تہذیبی ورثہ اور علمی ادبی و ثقافتی ذخیرہ ہے۔ لوگ اسے پڑھنے اور سیکھنے میں گہری دلچسپی رکھتے ہیں۔ گزشتہ تین صدیوں سے یہ اس خطے میں ذریعۂ تعلیم بھی ہے۔ مگر افسوس کی بات یہ ہے کہ آپ نے ابھی تک سندھی زبان کو نظرانداز کیا ہے۔

لہٰذا ہم اپیل کرتے ہیں کہ جلد از جلد سندھی شعبہ قائم کیا جائے۔ اُمید ہے کہ آپ ضرور غور فرمائیں گے۔

مخلص کمال جامڑو (صدر)

کاپی برائے اطلاع



Gul Hayat Institute

(1) جناب آصف علی زرداری، کو چیئرمین پ پ پ

(2) جناب وزیرِ اعظم پاکستان، اسلام آباد

(3) جناب وزیرِ تعلیم، حکومتِ پاکستان

(4) جناب وزیرِ اعلیٰ سندھ، کراچی

### 5. سنڌي ٻوليءَ جو ڏينهن مقرر ڪرڻ:

سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي ڪاليجز ڪراچيءَ 2008ع ۾ 29هين آگسٽ کي سنڌي ٻوليءَ جي ڏينهن طور ملهائڻ جو فيصلو ڪيو. ان تاريخ تي انگريز دور ۾ ڪمشنر سر بارٽل فريئر 1857ع ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ۽ دفتري ٻوليءَ جي حيثيت ڏيڻ جي پڌرائي (Notification) جاري ڪئي هُئي. اسان جڏهن ان کي سنڌي ٻوليءَ جو ڏينهن پڌرو ڪيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري بہ ان کي ملهائڻ جو اعلان ڪيو. اسان سنڌي ٻوليءَ جي ڏينهن ملهائڻ جي تقريب ڪراچيءَ ۾ ثقافت کاتي ۽ سُرهاڻ ويلفيئر سوسائٽيءَ جي سهڪار سان ممتاز مرزا اسٽوڊيوءَ ۾ رکي جنهن جي صدارت مُلڪ جي نالي واري صحافي، ليکڪ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي تڏهوڪي وائس چيئرمين شيخ عزيز ڪئي. تقريب ۾ ڪراچيءَ جي مختلف ڪاليجن، اسڪولن ۽ يونيورسٽين جي اُستادن کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ سان پيار ڪندڙ ماڻهن شرڪت ڪئي. شريڪ ٿيندڙن ۾ ڊاڪٽر محمّد علي مانجهي، ڊاڪٽر عنايت لغاري، پروفيسر طارق عزيز شيخ، مريد علي چانڊيو، گل حسن سومرو، پروفيسر نصرت ممتاز ۽ ٻيا شامل هئا. ان موقعي تي سنڌي ادبي بورڊ ڄام شوري جي وائس چيئرمين شيخ عزيز چيو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ بگاڙ پيدا ٿي رهي آهي. انهيءَ تي ڳڻتي آهي پر خوشي بہ آهي تہ جيستائين هڪ بہ سنڌي موجود آهي ٻولي ڪير بہ ختم نہ ڪري سگهي. هن چيو تہ سنڌيءَ کي رومن ۾ لکڻ جي تحريڪ هلي پئي جيڪا غلط آهي. ان کي روڪڻ گهرجي. گورنمينٽ سيڪنڊري اسڪُول ٽيچرس ايسوسيئيشن جي اڳوڻي صدر الهه رکئي خاصخيليءَ چيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي خاتمي جي ڳالهہ ڪندڙ ناڪام ويندا. ٻولي ماهر آفتاب ابڙي چيو تہ انگريزن سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڪيترا ئي اُپاءَ ورتا جن ۾ الف بي جو معيار مقرر ڪرڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏيڻ شامل آهن. ڪمال ڄامڙي چيو تہ ڪراچيءَ جي تعليمي ادارن مان سنڌي ٻوليءَ کي تڙيو پيو وڃي ۽ سنڌي مضمون جي



Gul Hayat Institute

اُستادن سان ماٺيليءَ ماءُ وارو سلُوڪ ڪيو پيو وڃي. انهن کان سواءِ ڊاڪٽر رضيا ڪوڪر، زبيدا جمالي، پروفيسر منظور کهڙي، پروفيسر شهناز ميمڻ، حنيف ٻُگهيئي ۽ پروفيسر ستار خاصخيليءَ ۽ پروفيسر عزيز ابڙي به خطاب ڪيو." (روزاني سنڌ سجاڳ ڪراچي ۽ روزاني هلچل ڪراچي، آچر 31 آگسٽ 2008ع به مطابق 28 شعبان المعظم 1429هه)

ان موقعي تي هي نعراءَ منظور ڪيا ويا:

1. سنڌي ٻوليءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولين ۾ شامل ڪيو وڃي.
2. يارهين درجي ۾ آسان سنڌيءَ جو مضمون هِن سال (2008ع) کان ئي شروع ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته نصاب به موجُود آهي ته اُستاد به موجود آهن.
3. خاص ڪري آسان سنڌي پڙهائڻ لاءِ مقرر ڪيل ليڪچرارن کي پڪو ڪيو وڃي.
4. هر ڪاليج ۽ سينٽرلائيزڊ ايڊميشن پاليسي (CAP) کي پابند ڪيو وڃي ته هُو پنهنجي پراسپيڪٽس ۽ ٽائيم ٽيبل ۾ لازمي طور سنڌي مضمون بابت لکن ته جيئن سنڌي شاگردن کي پنهنجي مضمون پڙهڻ ۾ ڏکيائي نه ٿئي.
5. انٽرميڊئيٽ ايجوڪيشن بورڊ ڪراچيءَ پاران 2001ع کان جوڙيل اِن پاليسيءَ کي ٽُرت ئي ختم ڪيو وڃي جنهن هيٺ سنڌي شاگرد انٽر ۾ لازمي سنڌي مضمون پڙهڻ کان محروم ٿي وڃن ٿا.
6. هر ڪاليج کي پابند ڪيو وڃي ته اُهو اُردو ۽ انگريزي اخبارن ۽ ڪتابن سان گڏ سنڌي اخبارون، ڪتاب ۽ رسالا به خريد ڪري.
7. خاص ڪري ڪراچيءَ جي خانگي اسڪُولن ۾ سنڌي مضمون غير سنڌي اُستادن کان پڙهايو پيو وڃي. اهو سنڌي قابل اُستادن کان پڙهايو وڃي.
8. ڪاليج جي اُستادن کي يونيورسٽيءَ جي اُستادن وانگر اپ گريڊ ڪيو وڃي.
9. سنڌ حڪُومت پاران تعليمي بورڊن کي تعليم کاتي جي ماتحت ڪرڻ واري فيصلي جي آجيان ڪئي وڃي ٿي.
10. هندو جيم خاني کي واپس وٺڻ جي سلسلي ۾ ثقافت کاتي جي وزير سائڻ سسئي پليجي پاران ورتل ڪوشش کي واکاڻيندي مُطالبو ڪريون ٿا ته هندو جيم خانو ٽُرت ئي ثقافت کاتي حوالي ڪيو وڃي.
11. پاڪستان ٽيليويزن ۽ ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي سنڌي پروگرامن جو وقت وڌايو وڃي.

Gul Hayat Institute

12. آغا خان ايجوڪيشن بورڊ ۽ فيڊرل ايجوڪيشن بورڊ جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌي مضمون لازمي پڙهايو وڃي.
13. نيشنل يونيورسٽي آف ماڊرن لينگئيجز (نمل) ۾ پنجابيءَ، پشتوءِ اُردوءَ وانگر سنڌي شعبو بہ کوليو وڃي.
14. ڪراچيءَ جي سنڌي ميڊيم سرڪاري اسڪولن ۾ اُستادن جي کوٽ پُوري ڪئي وڃي.
15. ڪراچيءَ جي ڪاليجي اُستادن کي سنڌ جي مختلف علمي ادبي ادارن جهڙوڪ سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ، شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، سچل چيئر، شيخ اياز چيئر، مرزا قليچ بيگ چيئر وغيره ۾ نمائندگي ڏني وڃي.

اهي ٺهراءَ مون لاڳاپيل ۽ سُڄاڻ ڌُرين ڏانهن موڪليا، جن تي عمل ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جي گذارش ڪيم. اِن خط جو متن ڳُجهہ هِن ريت آهي:

**موضوع:** 29هين آگسٽ سنڌي ٻوليءَ جي ڏينهن تي منظور ڪيل ٺهرائن تي عمل.

سائين / سائڻ!

29هين آگسٽ 1857ع تي انگريز سرڪار سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻوليءَ طور رائج ڪرڻ جو حُڪم جاري ڪيو. اسان 29هين آگسٽ 2008ع تي ممتاز مرزا اسٽوڊيو ڪراچيءَ ۾ ان ڏينهن کي ’سنڌي ٻوليءَ جو ڏينهن‘ ڪري ملهايو، جنهن جي صدارت سنڌي ادبي بورڊ جي وائس چيئرمين محترم شيخ عزيز ڪئي.

ان ڏينهن ملهائڻ لاءِ سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي ڪاليجز ڪراچيءَ کي ثقافت ۽ سياحت کاتي، سنڌ حڪومت، ايڪشن ايڊ انٽرنيشنل پاڪستان ۽ سُرهاڻ ويلفيئر سوسائٽي سنڌ جو سهڪار حاصل هو.

ان موقعي تي متفق راءِ سان ٺهراءَ منظور ڪيا ويا جيڪي اوهان ڏانهن غور ۽ عمل لاءِ موڪلجن ٿا. اُميد تہ پنهنجو قومي فرض سمجهي هٿ ونڊائيندا. (مخلص، ڊاڪٽر ڪمال جامڙو، صدر)

ان خط جي موٽ ۾ جواب تمام گهٽ مليا پر سنڌ يونيورسٽيءَ جي اُن وقت جي وائس چانسلر محترم مظهرالحق صديقيءَ کي شاباس آهي جنهن 29هين سيپٽمبر 2008ع تي جوابي خط لکيو، جنهن جو متن هتي ڏجي ٿو:



Gul Hayat Institute

محترم ڊاڪٽر ڪمال جامڙو صاحب

صدر، سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي

**موضوع:** 29هين آگسٽ سنڌي ٻوليءَ جي ڏينهن تي منظور ڪيل ٺهرائن تي عمل.

اوهان طرفان 05 سيپٽمبر 2008ع تي موڪليل خط سان گڏ پاس ڪيل ٺهرائن جي ڪاپي موڪلڻ لاءِ مهرباني. پاس ڪيل ٺهراءَ اهم آهن ۽ آءٌ بحيثيت وائس چانسلر سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌ جي هڪ شهري، انهن مسئلن ڏانهن ڌيان ڏيندي مختلف موقعن تي انهن مسئلن بابت پنهنجي ويچارن جو اظهار پڻ ڪندو رهيو آهيان.

پاس ڪيل ٺهرائن ۾ 15 نمبر ٺهراءَ جو ڪجهه تعلق سنڌ يونيورسٽيءَ جي ھڪ اداري انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۽ مرزا قليچ بيگ چيئر تي نمائندگي ڏيڻ متعلق آهي.

ان سلسلي ۾ اوهان کي گوش گذار ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ سنڌ يونيورسٽي پنهنجي مختلف علمي ادارن، فورمن ۽ اڪيڊمڪ باڊيز تي سرڪاري ميمبرن کان علاوه اسڪالر، عالم ۽ اديب اهليت ۽ سندن ڪارڪردگيءَ جي بُنياد تي نامزد ڪندي آهي. تنهنڪري يونيورسٽي، ڪاليج، اسڪول يا ڪنهن ٻئي اداري مان ميمبر ڪڻڻ ۾ ڪا بہ رڪاوٽ نہ آهي ۽ اسان مٿين ادارن مان اهليت ۽ بهتر ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي اعزازي طور ميمبر کڻندا رهيا آهيون ۽ انشاءَ الله تعاليٰ اڳتي بہ کڻندا رهنداسين.“

(مخلص مظهرالحق صديقي، وائس چانسلر، سنڌ يونيورسٽي جام شورو)



University of Sindh
JAMSHORO, SINDH-PAKISTAN
Mazharul Haq Siddiqui
VICE-CHANCELLOR
Cable: "UNISINDH"
Office: (022) 2771363
(022) 2771544
Fax: (022) 2771372
Res: (022) 2771193
Fax: (022) 2771246
vc@usindh.edu.pk
No: VC/2/1/258
dt. 27/9/08

محترم ڊاڪٽر ڪمال جامڙو صاحب
صدر- سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي

**موضوع: 29 هين آگسٽ- سنڌي ٻوليءَ جي ڏينهن جي موقعي تي منظور ڪيل ٺهرائن تي عمل**

اوهان طرفان 5 سيپٽمبر 2008 تي موڪليل خط سان گڏ پاس ڪيل ٺهرائن جي ڪاپي موڪلڻ لاءِ مهرباني.

پاس ڪيل ٺهراءَ اهم آهن ۽ آءٌ بحيثيت وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌ جي هڪ شهري؛ انهن مسئلن ڏانهن ڌيان ڏيندي، مختلف موقعن تي انهن مسئلن بابت پنهنجي ويچارن جو اظهار پڻ ڪندو رهيو آهيان.

پاس ڪيل ٺهرائن ۾ 15 نمبر ٺهراءَ جو ڪجهه تعلق سنڌ يونيورسٽيءَ جي هڪ ادارن انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ مرزا قليچ بيگ چيئر تي نمائندگي ڏيڻ متعلق آهي.

ان سلسلي ۾ اوهانکي گوش گذار ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ سنڌ يونيورسٽي پنهنجي مختلف علمي ادارن، فورمن ۽ اڪيڊمڪ باڊيز تي سرڪاري ميمبرن کان علاوه اسڪالر، عالم ۽ اديب اهليت ۽ سندن ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي نامزد ڪندي آهي. تنهنڪري يونيورسٽي، ڪاليج، اسڪول يا ڪنهن ٻئي اداري مان ميمبر کڻڻ ۾ ڪا بہ رڪاوٽ نہ آهي ۽ اسان مٿين ادارن مان اهليت ۽ بهتر ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي اعزازي طور ميمبر کڻندا رهيا آهيون ۽ انشاءالله تعاليٰ اڳتي بہ کڻندا رهنداسون

مخلص
مظهرالحق صديقي
وائيس چانسلر
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو



SINDHI ADABI BOARD
Jamshoro, Sindh
سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو، سنڌ
Ref: SAB 2004-1 06
Date: 12 FEB 2004

محترم ڪمال جامڙو صاحب،
صدر،
سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي ڪاليجز ڪراچي،
پوسٽ باڪس نمبر 7435،
صدر، ڪراچي.

السلام عليڪم:

اوهان پاران عيد واڌاين لاءِ مهرباني. الله سائين اوهان کي بہ اهڙيون هزارين عيدون نصيب ڪري. پيارا، اڄڪلهہ ڪمن ۾ ڦاٿل آهيان. ٿورڙو واندو ٿي وٺان انشاءالله سنڌي مضمونن تي ضرور لکندس. اوهان جي موڪليل ڪارڊ تي مقصدن وارو حصو پڙهي متاثر ٿيس. توهان سوسائٽي جي صدر جي عهدي تي فائز آهيو. جيڪڏهن سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتابن کي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي لائبررين تائين پهچائڻ لاءِ ڪجهہ مدد ڪري سگهو تہ مهرباني ٿيندي.

آفيس رڪارڊ مان معلوم ٿيو آهي تہ ڪجهہ سال پهرين اسڪولن ۽ ڪاليجن جا ذميوار عملدار بورڊ جا ڪتاب باقاعدگيءَ سان خريد ڪندا هئا. ليڪن اهو سلسلو آهستي آهستي گهٽجي ويو. هن وقت ڪي چند اهڙا آفيسر آهن جيڪي بورڊ جا ۽ ٻيا سنڌي ڪتاب پنهنجي ادارن لاءِ وٺن ٿا. انهيءَ سلسلي ۾ اوهان طرفان ڪا مدد ٿي سگهي تہ مهرباني.

(انعام الله شيخ)
سيڪريٽري

Telephone Nos. Head Office: (0221) 771276 - 771300 - 771405- 772670. Book Stall Hyd. (0221) 633679: Email: Sindhiab@yahoo.com

Gul Hayat Institute

ان کان سواءِ ان کان اڳ، اُن وقت جي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ محترم انعام الحق شيخ کي بہ شابس آهي جنهن پڻ جوابي خط لکيو هو.

مان جڏهن جنوري 2011ع ۾ اسلاميا سائنس ڪاليج ڇڏي، وفاقي اُردو يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ اُستاد مُقرر ٿيس تہ سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي ڪاليجز مان هٿ ڪيڏنا پيا ۽ ڪاليج جي دوستن کي سوسائٽي هلائڻ جي پارٽ ڪرڻ سان گڏ کين مڪمل تعاون يقين ڏيارڻ جو وچن بہ ڪيو. اهو ئي سبب آهي تہ اڄ بہ مان ڪاليج جي دوستن سان رابطي ۾ آهيان. سندن مختلف معاملن تي رهنمائي بہ ڪندو رهندو آهيان. سبجيڪٽ سوسائٽيءَ جا ڪيترا ئي ساٿي پنهنجي ملازمت جو مدو پورو ڪري چڪا آهن. جن ۾ پروفيسر منظور کهڙو، پروفيسر پروين شاب، پروفيسر انيس گهانگهرو، ڊاڪٽر رضيا کوکر، پروفيسر ستار خاصخيلي، پروفيسر اقبال بلوچ، پروفيسر نصرت ممتاز، پروفيسر نظام صحرائي، پروفيسر محمّد يعقوب عباسي، پروفيسر گل محمّد سولنگي، پروفيسر شهناز ميمڻ، پروفيسر سڪينا ميمڻ، پروفيسر نورجهان کتري، پروفيسر عبدالرحيم راولاٽي، پروفيسر عبدالڪريم پناڻ ۽ بيا شامل آهن.

سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽيءَ کي سرگرم ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر قاسم راڄپر ڏاڍي ڪوشش ڪئي آهي. ڊاڪٽر احسان دانش ان کي سنڌ سطح تي آڻڻ لاءِ ڪوششون ورتيون. واٽس ايپ گروپ بہ ٺاهيا ويا. ڊاڪٽر قاسم جي ڪوشش سان عائشا باواني ڪاليج ۾ سندس ميزبانيءَ هيٺ سنڌي مضمون جي اُستادن جي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ عهديدار بہ مقرر ڪيا ويا. ان موجب هن وقت پروفيسر علي راز شر صدر ۽ پروفيسر سيما عباسي جنرل سيڪريٽري آهن. ٻين ساٿين ۾ پروفيسر نثار منصور، ڊاڪٽر حميد سبزوئي، پروفيسر طارق عزيز شيخ، ڊاڪٽر ذوالفقار ڀٽي، پروفيسر شفقت کوسو، پروفيسر عبدالعزيز خاصخيلي، پروفيسر جاويد شيخ، پروفيسر شهربانو ڪاڪا، پروفيسر رضيا ٻُگهيو، ڊاڪٽر آمنا سُومرو، پروفيسر امين ٻرڙو، پروفيسر سرور شاهہ ۽ ٻيا شامل آهن.

مان کين گذارش ڪريان ٿو تہ سائين اڄ بہ ڪاليج جي سنڌي اُستادن، سنڌي مضمون ۽ سنڌي شاگردن جا اڻ ڳڻيا مسئلا آهن. ڀلائي ڪري سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽيءَ کي متحرڪ ڪري، انهن کي حل ڪرائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريو. اوهان اڪيلي سر جيڪا خدمت ڪريو پيا، اُها ساراهہ جوڳي آهي پر ٻَڌيءَ جي ڳالهہ ئي ٻي آهي.



Gul Hayat Institute

**حوالا:**

1. محفوظ ٿيل ذاتي رڪارڊ ۽ اخباري بيان وغيره.
2. روزاني عبرت حيدرآباد (24_4_2004)
3. روزاني سنڌ سجاڳ ڪراچي (31_8_2008)
4. مختلف ادارن جي سربراهن ڏانهن لکيل خط 1. ڊاڪٽر حميده کهڙو سنڌ جي تعليم جي اڳوڻي وزير. 2. ريڪٽر، نيشنل يونيورسٽي آف ماڊرن لينگئيجز اسلام آباد.
5. مختلف ادارن جي سربراهن جا آيل خط: 1. محترم مظهرالحق صديقي، اڳوڻو وائيس چانسلر، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو. 2. محترم انعام شيخ اڳوڻو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ.

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر خليل الرحمان شيخ

# سنڌ ۽ جپان وچ ۾ ثقافتي رابطا

## Cultural linkages between Sindh (Pakistan) and Japan

**Abstract:**

The cultural linkages between the people of Sindh and Japan have been since pre-partition of the sub-continent which took place in 1947 A.D. The merchants from Sindh reached Japan in the nineteenth century and started business there. The trade of Japan was dominated by Sindhis, Marwadis, and Gujarati Muslim communities. Hindu Sindhi merchants also played momentous role. This was the period of British suzerainty in major portion of the world. The major migration from Sindh took place twice to Japan. First was originated with the British annexation of Sindh. Second took place after the partition of the subcontinent in 1947 A.D. Many Sindhi merchants, before 1947, went to Japan and settled there in Yokohama. Sindhi merchants approached Japan through two ways for the purpose of trade. Firstly, they exclusively took journey to Japan and secondly, they visited China and Japan having one travelling certificate. Sindhi people also accepted cultural impact of Japan. They married with Japanese and lived successful life. Moreover, Sindhi women and girls liked traditional dress of Japan, *Kimono.*

Cultural linkages between Japan and Pakistan are important for bilateral relations of both the countries. The cultural relations keep people close to each other and develop understanding and public opinion on matters of mutual interests. Consequently diplomatic relations gets strengthened. In this research paper such type of relations between Japan and Sindh (Pakistan) are studied.

Gul Hayat Institute

ثقافتي رابطا ۽ ناتا ڪن ٻـ ٻن خطن جي رهواسين ۾ حقيقي ۽ دائمي ويجهڙائپ قائم ڪن ٿا. شهرين جي سطح تي مضبوط ناتا پنهنجي خطن وچ ۾ ٻين سطحن تي جٽادار ناتا قائم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

جپان ۽ سنڌ ۾ ثقافتي ناتا ان وقت قائم ٿيا جڏهن نئين ڪنڌ تي انگريزن جي حڪومت هئي. سنڌي واپار سانگي جپان ويا ۽ اتي آباد ٿيا. انهن پنهنجي ثقافت کي برقرار رکڻ سان گڏ جپان جي ثقافت ۾ به دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي.

جپان ۽ سنڌ ۾ اڳ ئي هڪ گڏيل تعلق موجود هيو. موئن جو دڙو جي آثارن مان چاڻ ملي ٿي ته جنهن خطي ۾ هينئر پاڪستان قائم آهي اتي 200 ق. م ۾ ٻڌمت جو زور رهو. جپان ۾ به ٻڌمت ملڪ جي اهم مذهبن يا نظرين مان هڪ آهي.

انگريزن 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪئي، جلد ئي ان کي ممبئي پريزيڊينسيءَ سان ڳنڍي، ان جو ملڪ طور وجود ختم ڪيو ويو. انهن ئي ڏينهن ۾ سنڌي واپاري جپان سميت دنيا جي مختلف حصن ۾ پهتا.

جپان ۾ ميجي شهنشاهيت (Meiji Empire) دوران جپان ۽ نئين ڪنڌ ۾ مضبوط واپاري لاڳاپا موجود هئا. ان وقت سنڌ ۽ پنجاب مان ڏکڻ ۽ اوڀر ايشيا علائقن ڏانهن ڪپهه موڪلي ويندي هئي جنهن جپان جي واپارين جو ڌيان ڏانهن ڇڪايو. جپان جي ملن ۾ استعمال ٿيندڙ ڪپهه جو 50 سيڪڙو ان علائقي مان گهرايو ويندو هو[1]. ڪپهه جي واپار ۾ تيزي اچڻ سبب جپاني ڪمپنين ڪراچيءَ ۾ پنهنجيون شاخون قائم ڪيون[2].

سنڌي واپارين جا ٻه مشهور گروهه هئا جن ڏيسارو ۾ واپاري رابطا قائم ڪيا. اهي حيدرآبادي ۽ شڪارپوري هئا. سنڌي خاص طور حيدرآبادي گروهه نئين ڪنڊ ۽ ڏور اوڀر وچ ۾ رابطي جو ذريعو بڻايو[3]. جپان ڏور اوڀر علائقي ۾ واقع آهي.

شڪارپوري واپارين "پائيواري نظام" شاهه-گماستا (Shah gumastha) استعمال ڪيو. حيدرآبادي واپارين به پهريائين اهو نظام اختيار ڪيو پر بعد ۾ ان ۾ ڪجهه تبديليون آنديون[4].

ڪاروبار سنڌين جو جپان ۾ مکيه ڌنڌو آهي. ان کان علاوه سنڌي مختلف ڌنڌن ۾ مصروف آهن. مثال طور آٽو موبائيل، واپار ۽ فردن جي ڀرتي وغيره ۾. مان 10-2009ع ۾ جڏهن جپان فائونڊيشن جي فيلوشپ تي تحقيق ڪرڻ لاءِ جپان ويس ته سائيتما علائقي ۾ خيرپور جي هڪ نوجوان وساڻ سان ملاقات ٿي. هن ٻڌايو ته هتي پنهنجي ڪٽنب سان رهي ٿو ۽ رڪروٽمنيٽ جو ڪم ڪري ٿو.

**سنڌي ٻولي جو شعبو:**

اوساڪا يونيورسٽي جپان جي پراڻين يونيورسٽين مان هڪ آهي. هتي ٻين شعبن سان گڏ سنڌي ٻولي جو شعبو به قائم ڪيو ويو آهي. ان شعبي ۾ سنڌي ٻولي جون



Gul Hayat Institute

مختلف صنفون پڙهايون وڃن ٿيون. اتان جي هڪ جپاني پروفيسر سنڌ يونيورسٽي مان سنڌي ٻوليءَ ۾ ماسٽرز جي ڊگري حاصل ڪئي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ سفر نامي کي عام ڪندڙ ميئرين انجينئر الطاف شيخ ان يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ سفرنامي تي ليڪچر ڏيندو رهيو آهي.

**جپان ۾ سنڌين جا مُکيه شهر:**

اوساڪا جپان جو صنعتي ۽ تجارتي شهر آهي. سنڌين جي اڪثريت جيئن ته واپار سان تعلق رکي ٿي ان ڪري هن شهر ۾ سنڌي چڱي تعداد ۾ آباد آهن. ان کان علاوه سنڌي ڪوبي ۽ ٽوڪيو وغيره ۾ به رهن ٿا. جپان ۾ جيڪي امير ترين سنڌي واپاري آهن انهن کي اتان جي شهريت به ملي چڪي آهي[5]. سعيد نقوي جو هڪ مضمون جپان جي هڪ انگريزي اخبار ۾ شايع ٿيو. هو ان ۾ لکي ٿو: "1923ع ۾ جپان ۾ جيڪو زلزلو آيو هو ان ۾ يوڪو هاما شهر جو وڏو حصو تباهه ٿي ويو هو... سنڌي ڪميونٽي کي يوڪاهاما مان لڏائي ويجهي شهر اوساڪا ۾ آباد ڪيو ويو"[6].

جپان ۾ رهندڙ سنڌي واپاري پنهنجي ڪم واسطي صرف جپان تائين محدود نه آهي. دنيا جي مختلف ملڪن ۾ آباد سنڌي واپارين سان انهن جو مضبوط تعلق آهي. اهي انهن کان شيون گهرائي جپان ۾ کپائين ٿا. ننڍي کنڊ جي ورهاست (1947ع ۾ پاڪستان ۽ ڀارت انگريزن جي غلامي مان آزادي حاصل ڪئي) کان اڳ اها چوٽي عام هئي ته دنيا ۾ جيترين به ٻولين آهن اهي سڀ حيدرآباد سنڌ ۾ ڳالهيون وڃن ٿيون. مطلب اهو ته سنڌ جو واپاري دنيا جي هر کنڊ ۾ ويندو هو ۽ اتان جي ٻولي سکي ان ۾ ڳالهائي سگهندو هو[7].

**جپان ۽ الطاف شيخ:**

سنڌ جو سيلاني الطاف شيخ سامونڊي جهاز جو انجنيئر هو. هينئر رٽائر آهي. هي سامونڊي جهازن جي ذريعي دنيا جي مختلف بندرگاهن تي پهتو ملڪ گهميا ۽ اتان جو حال احوال سفرنامن جي شڪل ۾ ڪتابن ۾ محفوظ ڪيو. خاص ۽ عام قاري انهن ڪتابن ذريعي دنياجي مختلف ملڪن بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهن ٿا.

جپان ڏور اوڀر علائقي جو هڪ اسريل ۽ صنعتي ملڪ آهي جيڪو ايشيا کنڊ ۾ واقع آهي. جپان بابت الطاف شيخ پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته عام ماڻهن جي راءِ مطابق جپان هڪ محظ ٽيڪنيڪل ملڪ آهي جتي صرف ڪارون، ڪمپيوٽر ۽ ڪئميرا تيار

ڪيا ويندا آهن، ايئن هرگز نہ آهي. جپان شعر شاعري ۽ علم و ادب ساڀ مالا مال آهي... جپان ۾ اڄ بہ قديم رسمون ۽ رواج، انساني قدر، پراڻي تهذيب ۽ ثقافت موجود آهي.

هن سيلاني انجنيئر پنهنجي سفر نامن ۾ جپان جي ريتن رسمن، رهڻي ڪهڻي، تهذيب، ثقافت، روزاني زندگي، ٻارتي نالي رکڻ جي رسم، جپان ۾ انسانذات جي عزت، جپان ۾ عالمن ۽ ليکڪن جو قدر ۽ احترام اتان جي مشهور بلٽ ٽرين، ريسٽورنٽس، طعامن وغيره بابت حال احوال درج ڪيو آهي.

جپان بابت الطاف شيخ سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ ڪتاب لکيا آهن. انهن مان ڪجهہ ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

1) جپان جن جي جيءَ سان
2) جپان رَس
3) ٽوڪيو جي گيشا گرل
4) جپان 25 ورهين بعد
5) ڪراچي کان ڪوڪورا
6) ڳالهيون تنهن جپان جون
7) جپان ڪي دن (اردو)، ۽
8) گيشائون ڪي ديس مين (اردو)

### جپاني شاعري سنڌي ٻولي ۾:

جپاني شاعري جي مختلف صنفن مان هائڪو بہ هڪ صنف آهي. ان جو بيت ٽن سٽن تي مشتمل هوندو آهي جنهن ۾ شاعر ڪنهن موضوع يا شيءِ بابت پنهنجو خيال يا تصور بيان ڪري ٿو. هائڪو صنف سنڌي ٻولي ۾ انگريزي ٻولي ذريعي پهتي، جپاني ٻولي وانگر سنڌي ٻولي ۾ بہ اها ٽن سٽن تي مشتمل ٿيئي ٿي. ان کان علاوه اها صنف اردو ۽ پنجابي ٻولين ۾ بہ موجود آهي. سنڌي ٻولي ۾ ان صنف جو بنياد وجهندڙ نارائڻ شيام آهي. ان کان پوءِ مختلف شاعرن ان صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سنڌ جو مهان ڪوي شاعر شيخ اياز بہ ان صنف کي پنهنجي شاعري ۾ جاءِ ڏني. هن جو ڪتاب "پن ڇڻ پڇاڙان" هائڪو صنف تي لکيل آهي. ان ڪتاب مان هڪ هائڪو هيٺ ڏجي ٿو:

ميان! مان ڇاڻان!
ٽيندو ڇا گل مهر سان
پَن ڇڻ پڇاڙان



Gul Hayat Institute

امداد حسينيءَ بہ ان صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. جيئن تہ اهو بيت ٽن سٽن تي مشتمل هوندو آهي. ان ڪري امداد حسينيءَ هائڪو لفظ کي سنڌي ويس پهرائي ”ٽيڙو“ جو نالو ڏنو. سنڌي ٻوليءَ جي هن پلوڙ شاعر جا ڪجهہ ٽيڙو هيٺ ڏجن ٿا:

مون ۾ مورَ
ٽوڙي ماٺ رڙي رڙي
سناٽي سان لڙي لڙي

مون ۾ لاٽَ
ڪاٽي رات سڙي سڙي
اونداهي سان لڙي لڙي

هنن ٻنهي ٽيڙوئن ۾ شاعر انسان، پکي ۽ روشني جو مثال ڏيندي پڙهندڙ ۾ اتساهہ پيدا ڪري ٿو. شاعر چئي ٿو تہ مسلسل عزم ۽ همت سان انسان منزل ماڻي سگهي ٿو. شاعر ٽن سٽن ۾ ڪردار، جدوجهد، پس منظر ۽ منزل کي واضح ڪري بيان ڪيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي شاعر زاهد شيخ ٽيڙو کي گيت جي شڪل ڏئي ”هائڪو گيت“ جي هڪ نئين صنف ڏيڻ جو تجربو ڪيو آهي. انهن گيتن مان هڪ گيت نموني طور هيٺ ڏجي ٿو:

شام جون هيرون
سمنڊ جو ويرون
ڪيئي تصويرون
تنهن خوابن ۾
ٺمڪڙا تنهنجا پينگهہ لوڏن تي
وار وڪرن ٿا
منهنجي خوابن ۾
مرڪندڙ چهرا
چڻ تہ شاديءَ جا
ٿا لڳن شهر
منهنجي خوابن ۾

Gul Hayat Institute

مَست آهي ٽيو
سونهن تنهنجي تي
چنڊ جهومي ٿو
منهنجي خوابن ۾
پل وسن بوندون
هيل زاهد سان
ساڻ آهين تون
منهنجي خوابن ۾

مرد شاعرن سان گڏ عورت شاعرن بہ ٽيڙو جي صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. امداد حسينيءَ جي گهر واريءَ سنڌي ٻوليءَ جي ناليواري شاعره سحر امداد جو چيل هڪ ٽيڙو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

راند ڪريندو ڪير
"سنڌيا" جو ڊوڙندي
ٿڪجي پيو آ پير

**سنڌي پوشاڪ:**

جپان ۾ رهندڙ سنڌي پنهنجي ثقافتي لباس سان گڏ جپاني پوشاڪ بہ پائين ٿا. جن سنڌين جپاني ڇوڪرين سان شاديون ڪيون آهن اهي بہ سنڌي پوشاڪ پڻ اوڍين ٿيون.

**پاڪستان –جپان ثقافتي ٺاهہ:**

1957ع ۾ پاڪستان جپان هڪ ثقافتي ٺاهہ تي صحيحون ڪيون. ان ٺاهہ جي آرٽيڪل II مطابق ٻئي ملڪ پروفيسرن، عالمن، شاگردن ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ مصروف فردن جي مٽاسٽا ڪي هٿي وٺرائيندا. سنڌ يونيورسٽي جا مختلف استاد سرڪاري اسڪالرشپ تي جپان مان پي ايڇ ڊي ڪري آيا آهن ۽ پنهنجي قابليت ۾ اضافو ڪرڻ سان گڏ شاگردن کي بہ فائدو پهچائي رهيا آهن. ان کان علاوه مختلف عالم بہ پنهنجي تحقيق واسطي جپاني ادارن جي فيلوشپ تي جپان ويا ۽ اتي تحقيقي سهولتين مان لاڀ پرايو.

ان ثقافتي ٺاهہ جي آرٽيڪل IV مطابق ٻئي ملڪ پاڻ وٽ ثقافتي تنظيمون قائم ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ سهڪار ڪندا. جپان ۽ پاڪستان وچ ۾ ڪيتريون ئي ثقافتي تنظيمون



Gul Hayat Institute

قائم آهن جيڪي ٻنهي ملڪن وچ ۾ ثقافتي ناتا مضبوط ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن.

پاڪستان-جپان ڪلچرل ايسوسيئيشن پاڪستان ۾ ۽ جپان-پاڪستان ايسوسيئيشن ٽوڪيو جپان ۾ ڪم ڪري رهي آهي. پهرين ذڪر ڪيل تنظيم جون شاخون اسلام آباد، ڪراچي، لاهور، پشاور ۽ ڪوئيٽا ۾ قائم آهن. انهن تنظيمن ٻنهي ملڪن جي عوام کي هڪٻئي جي ويجهو آڻڻ ۽ هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اهي ثقافتي ناتا ٻنهي ملڪن جي خوشگوار سفارتي ناتن جي بنيادن مان هڪ بنياد آهي.

**سنڌ جا روايتي ثقافتي ڪپڙا:**

جپان سنڌ جي روايتي ڪپڙن ۾ دلچسپي رکي ٿو. سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ڪراچي ۾ مقرر جپاني قونصل جنرل فيبروري 2017ع ۾ صحافين سان ڳالهائيندي يونيورسٽي جي آرٽس ۽ ڊزائن شعبي جي شاگردن تي زور ڀريو ته اهي سنڌي اجرڪ ٽوپيون، ڀرت ۽ ٻيو هٿ جي هنر جو سامان تيار ڪن ته جيئن اهي شيون جپان موڪلي (export) سگهجن. هن وڌيڪ چيو ته جپان ۽ پاڪستان خاص طور تي سنڌ جي ثقافت ۾ گهڻيءَ حد تائين هڪجهڙائي آهي. جپان ۾ ماڻهو سنڌي ثقافتي هٿنڊي ڪرافٽس کي پسند ڪن ٿا.

ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته جپاني سنڌ جي ثقافت ۽ ثقافتي ڪپڙن کي ڪيترو پسند ڪن ٿا.مارچ 2017ع ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي انڊوومينٽ فنڊ فار ٽرسٽ ۽ اسپين اينڊ جپانيز سينٽر فار سائوٿ ايشين ڪلچرل هيريٽيج وچ ۾ هڪ ميمورينڊم آف انڊراسٽينڊنگ تي صحيحون ڪيون ويون. ان مطابق پاڪستان، جپان ۽ اسپين وچ ۾ تحقيق، قديم آثارن (Archeology) ، ثقافتي ورثي ۽ ورڪشاپ ۽ سيمينار وغيره منعقد ڪرڻ هو. ثقافتي سرگرمين کي جيئارڻ ۽ هٿي وٺرائڻ لاءِ فيبوري 2018ع ۾ ڪئلينڊر جي نمائش منعقد ڪئي وئي.

سنڌ ۾جپاني کاڌا پسند ڪيا وڃن ٿا ۽ شوق سان کاڌا وڃن ٿا. انهن کاڌن ۾ ٽاڪو ياڪي (مڇي ڪيڪ)، نوڊلس ۽ ٻيا روايتي کاڌا شامل آهن.

پاڪستان جي قائم ٿيڻ (1947ع) ۽ جپان جي آمريڪي قبضي مان نجات حاصل ڪرڻ (1951ع) کان اڳ ئي ٻنهي خطن جي ماڻهن وچ ۾ ثقافتي ناتا قائم ٿي چڪا هئا.



Gul Hayat Institute

اهي وقت گذرڻ سان گڏ وڌيا، جن مضبوط سياسي ۽ سفارتي ناتا قائم ڪرڻ جو بنياد مهيا ڪيو.

**حوالا:**


1. احمد راشد ملڪ: پاڪستان-جاپان رليشنز ڪنٽيونٽي اينڊ چينج اِن اڪنامڪ رليشنز اينڊ سڪيورٽي انٽريٽس، رائو ٽليج ٽيلر اينڊ، فرانس، لنڊن، 2009، صفحو 18
2. ساڳيو
3. جئه تي پٽ اچاريه، بانڊ دي مٽ: انڊين بزنس ڪميونٽيز اِن سنڌ، انسٽيٽيوٽ آف سائوٿ ايسٽ ايشين اسٽڊيز، سينگاپور، 2011 صفحو 48
4. ڪاڊي مارڪووٽس، دي گلوبل ورلڊ آف انڊين مرچنٽس، 1947_1750 ٽريڊرس آف سنڌ فرام بخارا ٽو پناما، ڪئمبرج يونيورسٽي پريس، نيويارڪ، 200، صفحو 156
5. الطاف شيخ، جاپان ڪي دن، ويلڪم بڪ پورٽ، ڪراچي 2016ع صفحو 40
6. ساڳيو
7. ساڳيو


Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر رياضت ٻرڙو

# لغت نويسيءَ جا ضابطا، اصولَ ۽ طريقيڪار

## Disciplines, Principles and Methodology of Lexicography

**Abstract:**

Lexicography is an activity and art of compilation, composition and editing of dictionaries, though it is also taken as work of writing. It has two disciplines, namely practical lexicography and theoretical lexicography. The first one is related with compilation or writing of dictionaries by art and craft and the later discipline is associated with analysis and account of semantic and syntagmatic study within the vocabulary of a language.

It is essential for a lexicographer that he must be an honest and a sincere person. Also, he should not induce his or her likings and dislikings or jealousness in the text or explanations of the words. He should be careful in the selection of words and their synonyms.

The methodology of lexicography depends upon many factors, such as: type of lexicon, languages involved, thickness of dictionary, selection of terms and words, etymology, spelling, pronunciation, alternate words, explanations, grammatical variations, and idiomatic meanings.

In this research paper, I have discussed these disciplines, principles and methodology of lexicons in detail.

ٻوليءَ ۾ لفظ پنهنجين اصطلاحي ۽ لغوي معنائن سميت مروج هوندا آهن. ان ڪري، لغت جي ڪتاب (Dictionary/Lexicon) کي، جنهن ۾ اهي معنائون ڏنيون وينديون آهن، عام طور لکڻ يا تصنيف ڪرڻ بدران، ترتيب ڏيڻ ۽ تدوين ڪرڻ جو ڪم ليکيو ويندو آهي. جڏهن ته اهو ڪم، جنهن کي اصطلاحي طور لغت نويسي (Lexicography) چئجي ٿو، ڪو ايڏو سهنجو به نه آهي. لغتن جوڙڻ جي آڳاٽي دَور ۾، لغت نويسيءَ کي تصنيف جو ڪم به سمجهيو ويندو هو. لغت لکڻ مان مراد، حقيقت ۾،



Gul Hayat Institute

لفظن جون تشريحون لکڻ بہ آهي. ان ريت، لغت لکڻ، ترتيب ڏيڻ ۽ تدوين ڪرڻ کي لغت نويسي چئجي ٿو يعني لغت لکڻ سان گڏوگڏ سهيڙڻ (compilation)، ترتيب ڏيڻ (composition)، ۽ تدوين ڪرڻ (editing) جي سرگرميءَ جو نالو آهي. عام طور، لغت کي ترتيب ۽ تدوين جو ڪم ئي ڄاتو ويندو آهي. ڇاڪاڻ تہ لفظ ۽ انهن جون معنائون سماج ۾ موجود هونديون آهن، جن کي ميڙي، چُونڊي، چڻ جي عمل مان گذاري، گڏ ڪيو ويندو آهي. لغت ۾ جيئن تہ لفظن جي معنيٰ، مفهوم، سمجهاڻي وغيره ڏني ويندي آهي، ان ڪري لغت جي جوڙڻ کي ترتيب، تاليف، تدوين، سهيڙ واري سرگرمي سڏي گهٽ اهميت ڏني ويندي آهي. جيتوڻيڪ لغت جهڙو وسيع حوالاجاتي ڪتاب مرتب ڪرڻ يا جوڙڻ ڪو سهنجو ڪم نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ لغت ۾، هر هڪ لفظ جون، لغت جي قسم پٽاندڙ، سڀ ضروري ڳالهيون بيان ڪرڻيون پونديون آهن. خاص ڪري ان جا صرفي ۽ نحوي تفصيل لکڻا پوندا آهن. لغت کي لکڻ، ڪو ٻن ٽِن ڏينهن يا مهينن جو ڪم نہ آهي، اهو ڪم ڪيترن ئي سالن تائين مڪمل ڌيان سان ڪرڻ بعد تڪميل تي رَسندو آهي. ڪن لغتن جي جوڙڻ ۾، لغت نويسن جون جمارون بہ ڳري ويون. ان ڪري ئي لغت نويسيءَ کي اَڻ ڪانيو ڪم پڻ چيو ويندو آهي. ايڏي گهڻي محنت ڪرڻ ۽ وقت ڏيڻ باوجود، لغت ۾ ڪي داخلائون رهجي وڃڻ جي گنجائش هوندي آهي يا ڪن داخلائن ۾ اختلاف ٿي پوندو آهي. عام طور، ڪنهن بہ ٻوليءَ جي عام (General) لغت ۾، لفظ گڏ ڪرڻ کان وٺي، ان جي اچارن، قسمن، مترادفن، متبادلن، معنائن ۽ سمجهاڻين کي، سنَدن ۽ مثالن سان درج ڪرڻ جي گهرج رهندي آهي.

لغت لکڻ جي سموري محنت طلب عمل، علمِي ۽ عملِي طريقيڪار ۽ ساٿ (process) کي لغت نويسي چئجي ٿو. ان جو ٻيو متبادل لغت سازي پڻ آهي. لغت جوڙڻ جي سڄي عمل کي، سائنسي انداز سان، سرانجام ڏيڻ جو انگريزي نالو 'ليڪسِڪاگرافي' (Lexicography)• آهي. يعني 'ليڪسڪاگرافي' لغتون جوڙڻ جو علم آهي، جنهن جو تعلق 'اطلاقي لسانيات' (Applied Linguistics) سان آهي. ان ڪري اها ٻوليءَ جي سائنسي شاخ جي حيثيت رکي ٿي. 'ليڪسِڪاگرافي' ٻن لفظن 'ليڪسڪن' ۽ '-گرافي' (graphy-) جي ميلاپ مان جڙيل علمي اصطلاح آهي. '-گرافي' (graphy-) ترڪيبي اسم ٺاهيندڙ پڇاڙي آهي، جيڪا: (1) بياني يا تعريفي

• ليڪسِڪاگرافي جو اسان وٽ عام اچار 'ليڪسِيڪوگرافي' ڪيو ويندو آهي.



Gul Hayat Institute

سائنس جي وضاحت ڪري ٿي جهڙوڪ: geography (جيوگرافي)؛ (2) ٽيڪنڪ يا فن جي نشاندهي ڪري ٿي جهڙوڪ: photography (فوٽوگرافي) ۽ typography (ٽائپاگرافي)، ۽ (3) سهڻن اکرن جي نموني يا هنر جي وضاحت ڪري ٿي جهڙوڪ: calligraphy (ڪئليگرافي).

**لغت نويسيءَ جا ضابطا** (Disciplines of Lexicography):

**لغت** نويسيءَ جا هيٺيان ٻه ضابطا آهن:

(1) **عَمَلِي لغت نويسي** (Practical lexicography)، ۽

(2) **نظرياتي لغت نويسي** (Theoretical lexicography).

عَمَلِي لغت نويسي ڊڪشنرين کي مرتب ڪرڻ، لکڻ ۽ تدوين ڪرڻ جو فن (art) يا هنر (craft) آهي. هن ضابطي تي سنڌي ٻوليءَ ۾ چڱو ڪم ٿيو آهي ۽ مختلف نوعيتن جون گهٽيون ئي لغتون مرتب ڪيون ويون آهن. خاص طور انگريزن جي حڪومتي عهد ۾ ٻن ٻولين (ٻه-ٻوليائي، Bi_lingual) لغتن جي تدوين سان، لغت نويسيءَ جي باضابطا شروعات ٿي، ته ان کي هڪ موضوع (subject) طور پڻ هٿي وٺرائي وئي.

نظرياتي لغت نويسي ٻوليءَ جي ليڪسن (وڪيبيلري) اندر معنوي، گرداني ۽ نحوي ترڪيبي جزن جي لاڳاپن جي ڇنڊڇاڻ ۽ تجزيي ڪرڻ، لغتن اندر لغت جي جُزن ۽ ڊيٽا کي ڳنڍيندڙ بناوتن جي نظرين کي ناهڻ، ۽ حالتن جي مخصوص قسمن ۾ صارفن (users) پاران ڇاڻ جي ضرورتن جو هڪ عالماڻو ضابطو آهي. گڏوگڏ اهو به ته ڪهڙيءَ ريت صارفُ ڇپيل ۽ اليڪٽرانِڪ (electronic) لغتن ۾ آندل تفصيل کي بهترين طرح ڪتب آڻي سگهي ٿو. نظرياتي لغت نويسيءَ کي 'مَٿيري/اُتم لغت نويسي' (metalexicography) پڻ چئجي ٿو.[1] هن ضابطي تي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم تمام گهٽ ٿيو آهي. وياڪرڻ (گرامر، Grammar) جي مختلف ڪتابن ۾ ان ضابطي جي ڪن جزن کي ته مطالعي هيٺ آندو ويو آهي، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ لغت نويسيءَ جو هيءُ اهم ضابطو تفصيلي مطالعي کان پوءِ به وانجهيل آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي تحقيقي مقالي "علم اللغات ۽ سنڌيءَ ۾ لغت سازيءَ جي روايت"♦ ۾، انهن ٻنهي ضابطن کي لغت نويسيءَ جا قسم ڄاڻايو آهي. هوءَ لکي

---

♦ ڊاڪٽر فهميده حسين، ان مقالي ۾، 'علم اللغات' لاءِ (Lexicology) ۽ 'لغت سازيءَ' لاءِ (Lexicography) اصطلاح ڪتب آندا آهن.



Gul Hayat Institute

ٿي: ”Lexicography جا ٻه قسم ٿيندا آهن, هڪ اصولي لغت سازي (Theoretical Lexicography) ۽ ٻيو عملي لغت سازي (Practical Lexicography).“[2]

درحقيقت, اهي لغت جي قسمن بدران, ان جا ضابطا آهن. لغت جي قسمن ۾ هڪ ٻوليائي عام مقصدي لغتون (Monolingual/Unilingual General Purpose Dictionaries), ٻه-ٻوليائي توڙي گهڻ ٻوليائي لغتون (Bi_lingual and Multilingual Dictionaries), عالماڻيون لغتون (Scholarly Dictionaries), ۽ خاص لغتون (Special Dictionaries) شامل آهن.

لغت نويسيءَ جي مٿي ڄاڻايل ٻنهي ضابطن يعني عَمَلِي لغت نويسيءَ ۽ نظرياتي لغت نويسيءَ ذريعي, تفصيل سان ۽ سٺيءَ ريت, ڪنهن به ٻوليءَ ۽ ان جي وياڪرڻي سٽاءَ کي پوريءَ ريت مطالعي هيٺ آڻي سگهجي ٿو. ان ڪري, انهن ٻنهي ضابطن جي لسانيات توڙي لغت ۾ وڏي اهميت ۽ ڪارج آهي. جڏهن ته اهي ٻئي ضابطا, سماجي علمن جي اڀياس ۾ پڻ ٻانهن ٻيلي هوندا آهن. لفظن ۾ قومن جي تاريخ, ثقافت, ريتون رسمون, تصور, خيال, امنگون سمايل هونديون آهن, ان ڪري لفظن جو گهڻ رخو مطالعو تمام ضروري هوندو آهي. پروفيسر عبدالجبار شاڪر موجب: ”اگر کسی قوم کی تاریخ مٹ جائے تو محض لغت کی مدد سے اس کے تمام تر آثار کو از سر نو دریافت کیا جا سکتا ہے۔ لفظوں کے باہمی روابط سے اور ان کی سیاحت سے قوموں کے تعلقات کا نقشہ مرتب کیا جا سکتا ہے۔ اس حوالے سے لغت کا مطالعہ ایک سائنسی اور فنی منہاج کا متقاضی ہے۔“[3] ٻوليءَ جي ”لفظن جو ذخيرو ۽ انهن جي استعمال جو طور طريقو ٻڌائيندا آهن ته سندن ڳالهائيندڙن جي قومي ثقافت ڇا آهي.“[4] ان ڪري انهن ذخيرن جو اڀياس اڻٽر بڻجي پوي ٿو. جيڪڏهن لغتون نه لکيون وينديون, ته لفظ ۽ انهن جون معنائون گم ٿينديون وينديون, جنهن جو لازمي نتيجو نڪرندو ته هوري هوري ٿي, گهڻا ئي لفظ متروڪ بڻجي ويندا ۽ سماج ۾ استعمال ٿيڻ ڇڏي, پنهنجو ڪارج وڃائي ويهندا. لغت جي لسانيات ۾ ڪارج بابت ڊاڪٽر فهميده حسين جي هيءَ راءِ پڻ اهم آهي ته ”ٻوليءَ جي سکياءَ, ترقيءَ ۽ درست استعمال لاءِ لغتن جو وڏو ڪردار هوندو آهي. اهي نه صرف ڪنهن ٻوليءَ جي لفظي ذخيري کي محفوظ ڪن ٿيون, بلڪ ان جي لفظن جي صحيح هِجي, وياڪرڻي حيثيت ۽ اشتقاق بابت به ضروري ڄاڻ مهيا ڪرڻ جو ذريعو ٿين ٿيون.“[5]



Gul Hayat Institute

**لغت نويسيءَ جا اصول:**

سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۾ لغت نويسيءَ جي اصولن کي عام طور لغت جوڙڻ جي طريقيڪار سان ملايو ويو آهي، جڏهن ته اهي ٻئي معاملا هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هئڻ باوجود الڳ الڳ پڻ آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجن جوڙيل لغتن جي مهاڳن ۽ مقدمن ۾ گهڻي ڀاڱي انهن طريقيڪارن کي ئي درج ڪيو آهي، جن هيٺ هُن اهي لغتون جوڙيون. ڊاڪٽر غلام علي الانا جو "لغات سنڌي مخففات" (1991ع) ۾ ڪارائتو 'مقدمو' لکيل آهي، پر ان ۾ به اصولن، قاعدن ۽ قانونن جي تفصيل هيٺ، گهڻي ڀاڱي طريقيڪار کي ئي بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ لفظ ميڙڻ، الف-بي وار چٽڪيون ۽ فهرستون ٺاهڻ، اچار، هجي، جزن، پدن وغيره جا نُڪتا بيان ڪيل آهن[6]. اهڙيءَ ريت، ڊاڪٽر فهميده حسين جي مقالي "علم اللغات ۽ سنڌيءَ ۾ لغت سازيءَ جي روايت" ۾ به چٽي نموني اصولن کي بحث هيٺ نه آندو ويو آهي، پر مجموعي طور مقالي جي حوالي سان ڳالهه بيان ڪئي وئي آهي ته "هِن مضمون ۾ ڪجهه بنيادي اصول بيان ڪيا ويا آهن"[7]، جنهن کان پوءِ لغت نويس لاءِ ڪي بنيادي نُڪتا بيان ڪيا ويا آهن، جن ۾ لغت نويس لاءِ معنويات، صوتيات، صرفيات، نحويات، علم اشتقاق، صورتخطي، ترتيب جي ڄاڻ هجڻ بابت سمجهايل ۽ بحث ڪيل آهي. ان ڪري اصولن ۽ طريقيڪار کي هڪ ٻئي کان وڌيڪ ويڇارڻ لازمي آهي.

لغت نويسيءَ جي اصولن هيٺ سڀ کان اهم ڳالهه هيءَ آهي ته لغت نويس کي هر لحاظ کان ايماندار، سچو ۽ مخلص هئڻ گهرجي. ان لحاظ کان ضروري آهي ته لغت نويس:

1. ڪنهن به لفظ کي ذاتي بنياد تي پسند يا ناپسند نه ڪندو هجي ۽ حسداڻي رويي کان وانجهيل هجي،
2. لفظن جون حقيقي معنائون، مفهوم، سنَدون ۽ مترادف پيش ڪري،
3. لفظن جي چونڊ ۾ ڏُر نه ٻڌجي، پر هر هڪ لاڳاپيل لفظ کي، لغت جي نوعيت ۽ قسم موجب، داخلا هيٺ آڻي،
4. پنهنجيءَ مرضيءَ موجب لفظن جي معنائن ۽ مترادفن کي لکڻ کان پاسو ڪري،
5. لفظ جو اشتقاق جنهن به ٻوليءَ منجهان نڪرندڙ هجي، ان کي ان منجهان ئي پيش ڪري،
6. لفظ جي حقيقي بيهڪ ۽ سيني ممڪن اچارن کي لکت ۾ آڻي.



Gul Hayat Institute

7. ڪنهن به هڪ علائقائي اچار کي، ٻئي علائقائي اچار تي فوقيت نه ڏئي، خاص ڪري، جنهن علائقي سان پاڻ تعلق رکي ٿو صرف ان علائقي جي تلفظ، اتي مروج معنيٰ ۽ اتان جي سنڌن کي اهميت نه ڏئي،
8. سنَدن ڏيڻ ۾ ذاتي پسند ۽ ناپسند کي وچ ۾ اچڻ نه ڏئي،
9. مثالي فقرا ۽ جملا اڌ اکري ٻوليءَ ۾ قلمبند نه ڪري ۽
10. لغتن جي اڳ ٿيل سموري ڪم کان آگاهہ هجي ۽ ان تي حقيقي ۽ تعميري تنقيدي نگاهہ رکندڙ هجي.

لغت نويسيءَ جي اصول هيٺ اهو پڻ لازمي آهي، تہ لغت نويس کي پنهنجن قومي، مذهبي، ثقافتي، نسلي ۽ شخصي خيالن جي اپٽار لغتن ۾ نہ ڪرڻ گهرجي. ڪا بہ لغت، جنهن بہ قسم سان تعلق رکي ٿي، ان کي، ان موجب ئي تدوين ڪرڻ جي صلاحيت جو هجڻ لازمي آهي.

**لغت نويسيءَ جو فن:**

لغت نويسيءَ جي فن جون تمام گهڻيون تقاضائون آهن، جن تي عمل ڪرڻ سان ئي هڪ سٺي لغت جوڙي سگهجي ٿي. لغت نويسيءَ جي فن جو دارومدار مختلف جزن تي آهي. لغت نويسيءَ جي فن ۾ لغت نويسيءَ جي اصولن سان گڏ لفظ ۽ انهن جي معنائن جي داخلائن جو طريقو اچي وڃن ٿا.

**لغت نويسيءَ جو طريقيڪار:**

لغت نويسيءَ ۾، لغت جوڙڻ جي طريقيڪار جي تمام گهڻي اهميت آهي. صحيح طريقيڪار نہ هئڻ ڪري، اڪثر لغتن جي لکجڻ ۽ مرتب ٿيڻ جو ڪم اڌ ۾ ئي ختم ٿي، تڪميل تي رَسي نہ سگهندو آهي. طريقيڪار جي صحيح نہ هئڻ جي ڪري لغتن ۾ ترتيب، داخلائن، معنائن، سنَدن ۽ سمجهاڻين سميت ڪيئي خاميون ۽ ڪوتون پڻ رهجي وينديون آهن.

هيٺ لغت نويسيءَ جي طريقيڪار کي واضح ڪرڻ لاءِ مختلف نُڪتا درج ڪجن ٿا:

1. قسم: لغت نويسيءَ جو قسم طيءِ ڪرڻ تمام گهڻو ضروري آهي، تہ جيئن ان موجب ڪم کي اڳتي وڌائجي. مختلف قسمن جي لغتن جوڙڻ جي نوعيت الڳ الڳ ٿيندي آهي، ان ڪري هر هڪ قسم واسطي الڳ طريقيڪار جي گهرج رهندي.

Gul Hayat Institute

2. **ٻولي**: لغت جو هڪ-ٻوليائي، ٻه-ٻوليائي وغيره طيءِ ڪرڻ لازمي آهي. لهجي جي صورت ۾ اوليتي لهجي کي مقرر ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن هڪ ئي ٻوليءَ جي لغت جوڙڻي آهي، ته ان صورت ۾ معياري لهجي کي اوليت ڏني ويندي آهي. ٻيءَ صورت ۾، لغت ڪنهن به ٻوليءَ جي هڪ مخصوص علائقي جي لفظن ۽ اتي مروج معنائن جي نمائندگي ڪندڙ هوندي.

3. **ضخامت**: لغت جي ضخامت هڪ اهم جزو آهي. ان موجب لغت ۾ داخلائون شامل ۽ رد ٿي سگهنديون آهن. جامع لغت جي ضخامت لازمي طور وڏي هوندي، ۽ عالماڻي لغت ته ڪيترن ئي جلدن تي پکڙيل هوندي. خاص لغتن جي ضخامت الڳ الڳ ٿيندي.

4. **الف-بي جي ترتيب**: لغت لاءِ منتخب لفظن ۽ اصطلاحن جون فهرستون الف-بي وار جوڙڻ ضروري آهن. ته جيئن گهربل لفظ کي سولائيءَ سان ڳولي سگهجي ۽ ان جي معنيٰ کي ڄاڻي سگهجي. جيڪڏهن ترتيب الف-بي وار نه هوندي، ته پوءِ ورق پيا ورائبا، جنهن سان سخت بيزاري پيدا ٿيندي ۽ ماڻهو لغت ڏانهن رجوع ڪرڻ ڇڏي ڏيندا. هاڻ ڪمپيوٽرن وسيلي به اها ترتيب آسانيءَ سان جوڙي سگهجي ٿي.

5. **لفظن جي چونڊ**: لفظن جي چونڊ يا انتخاب جو معاملو هڪ انتهائي اهم معاملو آهي، جنهن ۾ لغت نويس کي ڌيان ۾ رکڻو پوندو آهي، ته جوڙي ويندڙ لغت ڪهڙي قسم جي صارفن يا ماڻهن لاءِ مرتب ڪئي پئي وڃي. ڪيترائي لفظ ۽ اصطلاح لغت نويس لاءِ سهنجا هوندا آهن، جن کي هو لکڻ نه چاهيندو آهي، پر ضروري نه آهي ته اهي صارفن لاءِ به سهنجا هجن. ان ڪري، لغت نويس کي لفظن جي چونڊ ۾ احتياط کان ڪم وٺڻ گهرجي.

6. **هِجي** (Spelling): مختلف لفظ الڳ الڳ هِجي سان لکيا ويندا آهن، ان ڪري معياري هِجي ڏيڻ کان پوءِ ٻيون مروج هجيئيون به لغت ۾ ڄاڻائڻ گهرجن.

7. **اُچار** (Pronunciation): لغت ۾ لفظ جو اچار هڪ اهم جزو آهي. اچار جو واسطو ڳالهائڻ سان آهي، جيڪو لغت ۾ لکت وسيلي ظاهر ڪرڻو پوندو آهي، ان ڪري اهو اهڙيءَ طرح لکجي جو پڙهندڙ ان جي درست اچار کي ڄاڻي سگهي. لغتن ۾ اچارن جي واسطي خاص اهتمام ڪيو ويندو آهي، ۽ ان لاءِ الڳ نشانين جو استعمال ڪيو ويندو آهي. ان کان سواءِ مختلف لفظن کي الڳ الڳ اچارن سان پڻ اچاريو ويندو آهي، جن جي داخلا پڻ آڻڻ گهرجي. اچارن لاءِ بين الاقوامي فونيٽڪ طريقو به اختيار ڪيو وڃي ٿو. ڪن حالتن ۾ پدن ۽ اعرابن ذريعي به اچارن کي سمجهايو ويندو آهي.

8. **معنيٰ ۽ مترادف:** لفظن جي معنيٰ ڏيڻ تمام ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته لغت جي بنيادي مقصدن ۾ اهو هڪ اهم مقصد آهي. معنيٰ بعد مترادف ڏيڻ به ضروري آهن. معنيٰ جي وياڪرڻي حيثيتن موجب به معنائون درج ڪرڻيون پونديون آهن.

9. **سَنَدون:** عام مقصدي ۽ عالماڻين لغتن ۾ لفظن جي مختلف معنائن واسطي الڳ الڳ سَنَدن جي گهرج پوندي آهي. اهي سَنَدون نظم ۽ نثر سميت، ڪلاسيڪل ادب، لوڪ ادب ۽ جديد ادب مان به هجڻ گهرجن.

10. **اشتقاق** (Etymology): لفظ جو اشتقاق وڏي اهميت رکندڙ آهي، جنهن مان ان جي اصل ۽ بڻ بڻياد جي معلومات ملندي آهي. ان ڪان سواءِ لفظ جي قدامت جي سُڌ به پوندي آهي. اشتقاق وسيلي معلوم ٿي سگهندو آهي ته لفظ ان ئي ٻوليءَ جو آهي يا ٻيءَ ٻوليءَ مان آيو آهي ۽ اهو پڻ ته لفظ جي معنيٰ ۾ ڪهڙيءَ ريت تبديلي آئي آهي.

11. **صرفي ۽ نحوي حيثيت:** هر هڪ لفظ صرفي ۽ نحوي طور تي ڪا نه ڪا حيثيت رکندڙ آهي، جنهن موجب ان جي معنيٰ جو تعين پڻ ٿيندو آهي. ان ڪري لغت ۾ صرفي حيثيت ڄاڻائڻ ضروري آهي. ان ڪان سواءِ لفظ جي اسم هجڻ جي صورت ۾ ان جو واحد ۽ جمع ڄاڻائڻ سميت، مذڪر ۽ مؤنث جي ڄاڻ ڏيڻ گهرجي. معنيٰ کي واضح ڪرڻ واسطي ڪن حالتن ۾ ضد لفظ پڻ ڏنا ويندا آهن.

12. **معنيٰ جي سمجهه** (Sense division): ڪا به ٻولي جيتري گهڻي ڳُوڙهي هوندي آهي، اوتري قدر منجهس معنيٰ جي سمجهه اخذ ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. ان ڪري ڪن حالتن ۾ معنوي سمجهه جو اظهار ڪرڻ پڻ ضروري ٿي پوندو آهي.

13. **اصطلاحي معنيٰ** (idiomatic meaning): لغتن ۾ عام طور سادي معنيٰ ڏني ويندي آهي، جنهن کي لغوي معنيٰ چئجي ٿو. جڏهن ته ٻي معنيٰ انهن ۾ لڪل پڻ ٿي سگهي ٿي، جنهن کي اصطلاحي معنيٰ چئبو آهي، جيڪا ظاهري يا لغوي معنيٰ ڪان بلڪل مختلف هوندي آهي. اهڙين معنائن کي پڻ لغتن ۾ درج ڪرڻ گهرجي.

14. **ادارو، لائبريري ۽ ڪارڪن:** جامع ۽ عالماڻي لغتون جوڙڻ ڪنهن هڪ لغت نويس لاءِ انتهائي ڏکيو ڪم آهي، خاص ڪري عالماڻي لغت ته ڪنهن به ريت ممڪن نه آهي، ته ڪو هڪ ماڻهو مدون ڪري سگهي. ان ڪري اهڙين لغتن لاءِ الڳ اداري، لائبريريءَ، مستقل ۽ عارضي ڪارڪنن جي گهرج پوندي آهي. ڪارڪنن جي تربيت پڻ لازمي آهي، ته جيئن اهي ڪم کي صحيح طرح ڪري سگهن.

Gul Hayat Institute

**لغت ۾ داخلا جو طريقيڪار:**

مختلف قسمن جي لغتن ۾ آندل داخلائن جون معنائون ۽ ٻيو ضروري تفصيل الڳ الڳ طريقن سان لکيو ويندو آهي. انهن سڀني ۾ بنيادي ڪوشش اها ئي ڪيل هوندي آهي، تہ لاڳاپيل تفصيل ڪي اهڙيءَ ترتيب ۾ آڻجي، جو اها صارف لاءِ وڌ ۾ وڌ لاڀائتي ثابت ٿي سگهي. مثال طور، ”اوڪسفرڊ انگلش ڊڪشنري“، جنهن کي عام طور ”لرنرس (سيکڙاڪن لاءِ) ڊڪشنري“ پڻ چيو ويندو آهي، دنيا جي معياري لغتن ۾ ليکجي ٿي. ان لغت جو انگريزي-سنڌي ورزن 2010ع[8] ۾ ڇپيو آهي، جنهن ۾ داخلائن جو جيڪو طريقو اختيار ڪيو ويو آهي، ان جو اختصار هن ريت آهي. ڏسجي، تہ اهو ڪيڏو نہ گهڻ رخو ۽ جامع آهي: (1) بنيادي/اصل داخلا، سوڪي ڪيل (**Bold alphabet**) (2) آءِ پي اي موجب اچار، ضرورت موجب فرانسيسي اچار، (3) عام اچار، (4) ڳالهائڻ جو قسم/وياڪرڻي حيثيت، (5) متبادل (امريڪي) هِجي/اسپيل/املا، (6) صفت/اسم تفضيل، (7) اسم جي حالت ۾ جمع، (8) اسم جي حالت ۾ مؤنث، (9) فعل جي حالت ۾ ٻي ۽ ٽين صورت، (10) فعل جي تصريفي (جمع) صورت، (11) همشڪل لفظن (ساڳيءَ هِجي وارن) تي مٿيرو انگ، (12) متبادل اسپيلنگ/املا، (13) ذيلي محاورا ۽ فقرا، (14) (الف)، (ب) سان تحتي معنائون، (15) مرڪب داخلائون، (16) ذيلي ۽ مشتق داخلائن جي وياڪرڻي حالت، (17) ننڍين ڏنگين ۾ موقعي محل سان استعمال جي وضاحت (18) مثالي جملا، (19) موضوعي عنوان، (20) قاعدي موجب اضافي وضاحت، (21) لفظ جي علائقائي واهپي جي نشاندهي، (22) ننڍين ڏنگين ۾ ڪنهن اداري سان ان جي ملڪ جو حوالو (23) نحوي ترڪيب جي وضاحت، (24) مثال سان ڇپائي ترجمي سميت، (25) اصل داخلا سان جڙندڙ مرڪب لفظ، (26) جملي جي ترڪيب جي سلسلي ۾ اضافي هدايت، (27) ضرورت موجب ضد، (28) وڌيڪ معلومات ڏسڻ لاءِ اشارو، (29) متبادل جي الڳ داخلا، (30) فعل جي ٻيءَ ۽ ٽين صورت جي الڳ داخلا، (31) لاطيني اصطلاحن جي داخلا، (32) حاشين ۾ دلچسپ جوڙجڪ وارن لفظن جا اشتقاق، ۽ (33) ٻن افقي ليڪن منجهہ وضاحتون.

بهرحال، مختلف لغتن ۾، داخلا جي طريقيڪارن ۾، ڪي جزوي تبديليون ڪري سگهبيون آهن، تہ جيئن لغت جي تقاضا مڪمل رهي.

Gul Hayat Institute

**لغت جون ڪجهه وڏيڪ خوبيون:**

هڪ سٺي لغت ۾ هيٺيون خوبيون شامل هئڻ گهرجن:

1. گهربل لفظ کي ڳولڻ ۾ سهنجي هئڻ گهرجي، تہ جيئن لفظ جي معنيٰ ترت ڳولي سگهجي.
2. لغت مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ جو طريقيڪار ڏسيل هجي.
3. اچارن کي سمجهائڻ ۽ ياد رکرائڻ ۾ آساني ۽ ورجاءُ رکڻ گهرجي.
4. لغت جو معنائون ۽ سمجهاڻيون ان ريت ڏيڻ گهرجن، جو اهي ياد ٿي وڃن.
5. لفظن جون سڀ ممڪن معنائون ڄاڻائڻ گهرجن. ڌار ڌار معنائن ۽ مفهومن جون ڌاتوئي، لغوي، مجازي، فني، عوامي، محاوراتي ۽ مترڪ معنائون ڏيڻ گهرجن.
6. بيهڪ جي نشانين جو پورو پورو ۽ درست استعمال هجڻ گهرجي، جن جي سمجهاڻي الڳ ڏنل هجي.
7. لفظن ۽ اصطلاحن جي چونڊ ۾ احتياط کان ڪم وٺڻ گهرجي.
8. لغت ۾ شامل ڪيل مواد پڙهڻ ۾ سهنجو هجڻ گهرجي.

**نتيجا:**

هر هڪ سماج ۾ هڪ يا وڌيڪ ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. سماج جا ماڻهو ان ٻوليءَ يا ٻولين ذريعي هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن. ٻولي لفظن جي ذخيري، انهن جي معنائن، مفهومن، سمجهاڻين ۽ مخصوص قسم جي صرفي ۽ نحوي ترتيب تي مشتمل ٿئي ٿي. ٻوليءَ جي لفظن جو رڪارڊ لغتن ۾ درج ڪيو ويندو آهي. لغت هڪ حوالاجاتي ڪتاب آهي، جنهن ۾ لفظن بابت گهڻ رُخي معلومات، الف-بي وار ترتيب ۾ ملندي آهي، جنهنڪري ان مان سولائيءَ سان گهربل لفظ بابت معلومات حاصل ڪري سگهبي آهي. ’لغتن‘ جا بنيادي طور چار قسم آهن، جن ۾ هڪ-ٻوليائي عام مقصدي لغتون؛ ٻہ-ٻوليائي ۽ گهڻ ٻوليائي لغتون؛ عالماڻيون لغتون ۽ خاص لغتون شامل آهن. لغت لکڻ، ترتيب ڏيڻ ۽ تدوين ڪرڻ کي لغت نويسي (ليڪسڪاگرافي) چئجي ٿو. لغت نويسيءَ جا ٻہ ضابطا ”عَمَلِي لغت نويسي“ ۽ ٻيو ”نظرياتي لغت نويسي“ آهن. لغت نويسيءَ جو بنيادي اصول آهي تہ لغت نويس ايماندر، سچو ۽ مخلص هجي ۽ ساڙ وارو مزاج رکندڙ نہ هجي. لغت نويسيءَ جا ڪيترا ئي قاعدا ۽ قانون آهن، جن تي عمل ڪرڻ سان هڪ سٺي لغت جوڙي سگهجي ٿي. لغت نويس لاءِ انهن قاعدن ۽ قانونن کان آگاهي لازمي آهي. لغت نويس لاءِ

Gul Hayat Institute

لازمي آهي تہ ڪيس پنهنجي ٻوليءَ ۽ ان جي گرامر جي مڪمل ڄاڻ هجي. لغت نويس کي مستقل مزاج هئڻ گهرجي تڏهن ئي هُو رٿيل ڪم کي نبيري سگهندو.

**حوالا:**


(1) https://en.wikipedia.org/wiki/Lexicography (Assesed on 20_8_2018)

(2) فهميده حسين، ڊاڪٽر: ”سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو“، سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڇاپو پهريون 2012ع، ص 126

(3) شاکر، عبدالجبار، پروفیسر: پردہ اُٹھادو ان اگر چہرۂ الفاظ سے...، مصنف: ڈاکٹر ف۔ عبدالرحیم، کتاب سرائے، لاہور؛ اشاعت دوم 2016ء، ص: 6

(4) جتوئي، علي نواز حاجن خان: علم لسان ۽ سنڌي زبان، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڇاپو ٻيو آگسٽ 1983ع، ص: 11

(5) فهميده حسين، ڊاڪٽر: ”سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو“، سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڇاپو پهريون 2012ع، ص 9

(6) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: مقدمو. ”لغات سنڌي مخففات“، مصنف مخدوم محمد زمان طالب المولي، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو/حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1991ع، ص د_ڏ

(7) فهميده حسين، ڊاڪٽر: ”سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو“، سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڇاپو پهريون 2012ع، ص 130

(8) اوڪسفرڊ انگريزي سنڌي ڊڪشنري، اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس، ڪراچي، پهريون ڇاپو 2010ع.


Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر عابده گهانگهرو

# مير عبدالحسين سانگيءَ جي شاعريءَ ۾ ساڃهه جي سِڪ

## Patriotism in the poetry of Mir Abdul Hussain Sangi

**Abstract:**

Mir Abdul Hussain Sangi is Sindhi Neo-classical poet. He was great fan of Shah Abdul Latif Bhitai, hence inspired by his thoughts and poetic art etc. One can see Bhitai's inspiration and reflection in his poetry and diction. He belongs to British era. During his period of intellectuality, Sindhi language and literature were passing a revolutionary progress and he might be inspired by all those progressive trends and thoughts. His poetry is evidence of his era as well. He has changed the shape of Persianized Sindhi Ghazal in pure Sindhi diction and introduced new subjects in this genre. Although Sangi is famous for his classic romantic poetry, but there are many other qualities of his poetry as well, which are not exposed yet. While analyzing his poetry it seems that he has great concern with his land and people, he cannot compromise with unethical attitudes in the society. This article presents a brief study of his poetry and highlights with examples about his thoughts, diction, his concerns and a unique genre of his poetry that can be describes as "poetic travelogue", which is not common in Sindhi poetry. Indeed, it is a unique quality of his poetry. Main focus of this article is Patriotism in the poetry of Mir Abdul Hussain Sangi.

غزل جي عروضي صنف کي نيٺ سنڌيءَ جو ويس پهرائيندڙ سنڌي نيوڪلاسيڪي شاعر ميرعبدالحسين سانگي (1851 – 1924) ٽالپر گهراڻي جي آخري حڪمران مير نصير خان جو پوٽو هو. هيءُ انگريزن جي دور جو شاعر آهي. سنڌس ڏاڏو مير نصير خان ٽالپر بہ سنڌ جو سٺو شاعر هو. مير عبدالحسين جي خاندان ۾ مير شهداد خان حيدري (وفات: 1857ع)، مير حسن علي خان (وفات: 1878ع) ۽ ٻيا بہ سنڌي شاعر هئا. ميرعبدالحسين سانگيءَ جي پيدائش ٽالپر خاندان جي جلاوطنيءَ واري دور ۾

ڪلڪتي ۾ ٿي. سندس والده هڪ انگريز عورت هئي جيڪا سندس پيدائش جي ڇهن ڏينهن کان پوءِ فوت ٿي وئي. مير عبدالحسين سانگي اُن تي چوندو هو ’اسين ڇنيءَ جا ڇورا آهيون!‘

انگريزن جو دور سنڌ ۾ علم، ادب ۽ سماجي پلي جي حوالي سان تعمير ۽ ترقيءَ وارو دور هو. سانگي هڪ وڏ گهراڻي جي هئڻ ڪري بهتر تعليم ۽ تربيت هيٺ رهيو پر ان جي باوجود هو طبيعت ۾ سادگي پسند هو. سنڌ جي چوٽيءَ جي شاعرن ۾ اِها ڳالهه نظر اچي ٿي تہ شاهہ، سچل، سامي، شاهہ عنايت يا سانگي وڏن گهراڻن جا دادلا فرزند هئا پر هنن کي ديس جي ماڻهن سان اُنسيت، لڳاءُ ۽ ويجهڙائي هئي ۽ انهن سيني پنهنجي پنهنجي طور تي پنهنجن وڏ گهراڻن واري طبقي مان نڪري عوامي زندگيءَ جي رنگ ۾ رَچي عوام جي جذبن، اُمنگن ۽ آهنجن کي شاعريءَ ۾ بيان ڪيو. عبدالحسين سانگيءَ کي ننڍپڻ کان ئي شاهہ ڀٽائيءَ سان عقيدت هئي. هن هميشہ شاهہ لطيف جي ٻڌايل گس کي رهبري سمجهيو ۽ پاڻ کي چيوتہ ..آءٌ خاڪ نشين آهيان.سندس وڏا بہ شاهہ عبداللطيف جا عقيدتمند هئا.

سندس چاچو مير حسن علي خان کيس ننڍپڻ ۾ پاڻ سان گڏ جاڏي ڪاڏي وٺي ويندو هو. وڏي ٿيڻ تي هُو چاچي پاران ٻين خاندانن جي ماڻهن، بلڙي شاهہ ڪريم ۽ ٻين سادا تن وٽ ايندو ويندو هو. نوجوانيءَ ۾ پنهنجي اُستاد ميين احمد ذريعي شاهہ جي درگاهہ سان ناتو جوڙيائين ۽ اڪيلو ئي رات جو گهوڙي تي سُوار ٿي شاهہ صاحب جي مزار تي راڳ ٻڌڻ وِيندو هو ۽ راتوڪي رات ئي موٽي ايندو هو. پنهنجي محبوب گهر واري حاجران سان شادي ڪرڻ کان پوءِ هُو ٻئي گڏجي گهوڙي تي جمعي جي رات جو راڳ ٻُڌڻ ڀٽ شاهہ ويندا هئا ۽ صبح جو حيدرآباد موٽي ايندا هئا. حاجران جي وفات کان پوءِ سانگيءَ جي شاهہ سان اِها عقيدت ۽ اُلفت اڃا بہ وَڌي وئي. سندس اِن حالت لاءِ محمد صديق ميمڻ لکي ٿو تہ ”پوءِ حيدرآباد ۽ شاهہ جي ڀِٽ جي وچ ۾ اُگهاڙين پيرين اچڻ وڃڻ ۽ راتين جون راتيون گنجي ٽَڪر تي سسئيءَ وانگر پير پِٽُون ڪيائين.“ (سانگي، ص: 30)

شاهہ سان وڏندڙ عقيدتمنديءَ کيس ميين احمد جي پاءُ ميين حُسين جي ويجهو ڪيو. ميون حسين موسيقيءَ جو ڄاڻو هو. سانگي، ميين احمد ۽ ميين حسين جي مدد سان شاهہ جي حياتيءَ جي احوال بابت تحقيقي مواد ۽ روايتون جمع ڪري شاهہ جي سوانح تي ٻڌل ڪتاب لطائف لطيفي فارسيءَ ۾ لکيو. اِهو ڪتاب عبدالرسول قادري بلوچ



Gul Hayat Institute

سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. سانگيءَ جي ان تحقيقي ڪتاب واري مواد مان مرزا قليچ بيگ مواد ۽ روايتون وٺي ڪتاب احوال شاهه لطيف لکيو. سانگيءَ جي شاهه سائينءَ سان ايتري گهڻي عقيدت هئي جو هُن پنهنجي پياري گهر واريءَ کي بہ اُتي دفنايو ۽ پنهنجي لاءِ بہ اها وصيت ڪيائين تہ کيس مرڻ کان پوءِ شاهه جي پيرن کان دفنايو وڃي. هُن پٽائيءَ کي لَطائف لطيفيءَ ۾ هر هنڌ مرشد چيو آهي ۽ پنهنجي هڪ سنڌي غزل ۾ پٽائيءَ بابت چوي ٿو:

هـــادي راهہ هُدا آهي پـــــٽائـي پـــرجهــــلو
ياد ٿو هر دم ڪريان تنهن مرشد و موليٰ کي آءٌ
(ڪينجهر - سانگي نمبر, ص: 60)

شاهہ سائينءَ جي فڪر جو اثر سندس شاعريءَ تي واضح نظر اچي ٿو. عبدالحسين سانگيءَ جي شاعريءَ ۾ سماجي زندگيءَ جو مشاهدو پٽائيءَ جي ڪلام ۾ بيان ڪيل داستان ۽ تصوف وارو نظريو وغيره شاهہ ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن جي اثر کي ظاهر ڪن ٿا. ٽالپر ايراني اثر هيٺ ڪري فارسي لکندا پڙهندا هئا پر ڳالهائيندا سرائڪي هئا. سانگيءَ پنهنجي شاعريءَ جي مک ٻولي سنڌي رکي, سا بہ ٺيٺ سنڌي. سانگيءَ جي ڪلام جا مختلف رنگ آهن. اسان هتي سندس ڪجهہ رنگن ۽ خوبين جو ذڪر ڪنداسين. هن جي هر رنگ ۾ ساڻيهہ جي سڪ سرس نظر اچي ٿي تنهنڪري هتي سندس ان پاسي کي وڌيڪ چٽي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

### سانگيءَ جي مذهبي رواداري ۽ عقيدتمندي:

سانگي مذهب جي معاملي ۾ گهڻو روشن خيال هو. هُو پاڻ اهلِ تشيع هو ۽ ان فرقي جي عقيدت بہ هئس پر ان جي باوجود هُو صوفي نظرئي جو وڏو حامي هو. سندس مذهبي رواداريءَ متعلق آغا تاج محمد لکي ٿو "سانگيءَ جا وڏا پَڪا اثنا عشري شيعا هُـئا. پاڻ بہ اهلبيت جو سچو عاشق هو ۽ حضرت علي المرتضيٰ رضہ ۽ اُن جي اولاد جي صفت ۽ ساراهہ پنهنجي ڪلام ۾ چپي چپي تي ڪندو آيو آهي پر اصحابن سڳورن جو بہ گهڻو ادب ڪندو هو. شيعويا سُني سڏائڻ بدران پاڻ کي صوفي سڏائيندو هو ۽ مذهبي بحث کان سخت نفرت هوندي هئس." (ڪينجهر مير عبدالحسين سانگي نمبر, ص: 273) سانگيءَ حضرت عليءَ جي عقيدت ۾ تمام گهڻو ڪلام چيو آهي جيئن هيٺين غزل سندس ان عقيدت کي ظاهر ڪري ٿو ان مان ڪجهہ بند ڏجن ٿا:

مومنن جو آهي امام عــلي، ورد منهنجو سدائين نـــام عــلي
پُــر پيالا ڪوثر جا لذيذ ڪوثر جا ڏي محبن کي ٿو مدام عــلي
ورد منهنجو هي اول و آخر، صبح جي مــُـصـطـفيٰ تہ شام علي
متحرڪ ٿين ٿا برگ درخت، وڻ بہ ڪن وَجــد ۾ ســلام علي
دين جو تِـــٽ لڳو نقارو ٿي جـِـٽ رَسيو ٿي وڃي پيام عـــلــي
دوست عبدالحسين سو پنهنجو آهي سانگي سچو غلام عــلي

حضرت علي رضہ جي ذڪر سان گڏوگڏ وري جڏهن مرثيا گوئي ڪري ٿو ۽ نهايت عقيدتمنديءَ سان ڪربلا جي واقعي، ان دردناڪ صورتحال واري وايومنڊل کي بيان ڪري ٿو تہ سندس عقيدي جي پختگيءَ جو يقين ٿيڻ لڳي ٿو. اها سندس فني صلاحيت يا فڪري پختگي بہ چئي سگهجي ٿي. ان مان اهو بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ هُو پنهنجي عقيدي ۾ پڪو هو پر اِن ۾ انتهاپسنديءَ يا فرقي واريت واريءَ سوچ جو حامي بہ نہ هو تہ وري جنگ جو قائل بہ نہ هو. ان مان اهو بہ ظاهر ٿي وڃي ٿو تہ هو يقينن شيعي سنيءَ واري بحث کان قطعي طور پاسي تي آهي. ان جي بجاءِ هُو حقيقت ۽ طريقت يعني تصوف جي نظرئي جو حامي نظر اچي ٿو. سندس هڪ غزل جو شعر آهي تہ:

جو شيــعن ۽ سُـــنين ۾ هلندڙ آهي
اي زاهـــد! سو آهي شــريعت جو بحث
اسان سان جي ڪــرڻو آهي تان ڪريو
حقيقت جون ڳالهيون، طريقت جو بحث

مير عبدالحسين سانگيءَ جو ساڳيو فلسفو هـِـن شعر ۾ بہ نظر اچي ٿو:

نہ شيعو آهي، نہ سني آهي محي الدين
سو آهي صافي، صـُـفي، رهنما ۽ طريق
تفاوت آهي ڀنهي ۾ ڪيو مـُـتن مـُـلن
ڪيو مون شرب و مذهب جو تهدلئون تحقيق
مـُـلن جو مون کي ڪٿي سالڪانِ راهہ سلوڪ
وڃي ٿيان شوق مان تـــن رَهہ وارن جـــو آءٌ رفيق

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سانگي مذهبي انتهاپسنديءَ جي نندا ڪندڙ آهي ۽ مذهبي روشن خياليءَ جا مظهر سندس شاعريءَ ۾ جابجا نظر اچن ٿا. هو سمورن اصحابن سڳورن



Gul Hayat Institute

ڪي عقيدت جي نظر سان ڏسي ٿو. سانگيءَ جيءِ ان سوچ ۽ نظرئي جو عڪس هيٺين بيتن ۾ واضح پَسِي سگهجي ٿو.

جا آيت تطهير آهي شان ۾ جن جي
سي آءِ جزاز عزت اطهر نہ ٿو ڇاڻان
مرشد ڪان هي ارشاد ٿيو در راهہ تصوف
مُرسل جا جي اصحاب آهن صِدق جا صاحب
سي رُتبي ۾ هڪ ٿئي ڪان تہ ڪمتر نہ ٿو ڄاڻان

مذهب ۾ روشن خياليءَ وارو اهو تصور ۽ لبرل ازم وارو رويو عبدالحسين سانگيءَ جي فن ۽ فڪر تي ڀٽائي سائينءَ جي اثر ڪري ڇٽي سگهجي ٿو. شاهہ ڀٽائيءَ جي صوفي نظرئي جو اثر ئي آهي جو عبدالحسين سانگي بہ تصوف وارن نقطن ڏانهن راغب آهي. مير عبدالحسين سانگي حضرت علي ڪرم الله وجهہ ۽ حضرت شاهہ عبداللطيف رحمت الله عليه ٻنهي جو معتقد آهي ۽ تصوف ۽ مذهب ۾ مياناروي‌ءَ واري تصور ۾ يقين رکي ٿو. ساڳيءَ طرح سچل سرمست جي اناالحق واري نعري جي گونج هن شاعر جي فڪر کي ڳوڙهو بڻائي ٿي. سچل سرمست وَجداني شاعر هو مزاحمتي هو سندس عشق ۾ بہ مزاحمت آهي. ساڳيءَ طرح سانگي بلاشڪ هڪ ڀرپور رومانوي شاعر آهي پر سندس اناالحق جي نعري واري اظهار ۾ سندس پنهنجي مزاج سان گڏ سچل سرمست جي فڪر جو بہ عڪس نظر اچي ٿو. سانگيءَ جي فڪر ۽ فن بابت مختلف ماڻهن جا رايا ملن ٿا تہ هُو هڪ معصوم طبيعت جو هڪ رومانوي شاعر آهي ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سانگيءَ جي رومانوي شاعري بهترين ۽ لاجواب آهي پر سندس صوفياڻو ڪلام ظاهر ڪري ٿو تہ هو عشق ۽ محبت کي دُنيا جو مجازي معاملو نہ پر هڪ فطري عمل سمجهي پيو جيڪو ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ سان ۽ ساڳي ماڻهوءَ کي خلقيندڙ ذات جي ڪائنات ۾ خلقيل هر شيءِ سان پيار ۽ محبت ڪرڻ جي سمجهہ ڏيندي آهي. ان سلسلي ۾ سندس ڪلام جا ڪجهہ بند هيٺ ڏجن ٿا:

ملڪ ۾ پهري پيا منصور، لڳو آهي اناالحق جو نعرو
ڇڏي دورنگي دين دُنيا جي غازي ماري غرور
هٽي نڪتا نَر نَغارو
ڏجون لاتيون دردن دل ۾، چار ٿي بازُو چُور
اچي محبت پيو مارو

اڄ اسين وري جوش ۾ آهيون، مَئي محبت جا مخمور
واءُ لڳي ويو وحدت وارو
محبت ڪم متوالن جو سانگي آهي سُور
گوندر ۾ ٿيو آهي گذارو

**ڌرتيءَ سان عشق جو اظهار:**

انسان جڏهن محبت جو امين بڻجي ٿو ۽ قدرت جي خلقيل هر شيءِ سان سندس انس ۽ محبت جاڳي ٿي تہ پوءِ هُو سڀ کان پهريان پنهنجي پوڻ، ڌرتي جنهن تي قدم رکي هلڻ سکي ٿو ۽ جنهن جي اَناج ۽ پاڻيءَ جي ڪري جِي سگهي ٿو اُن ڌرتيءَ سان محبت جو جذبو پين سمورين آسائشن، رونق ۽ دُنياوي ڏيک ويک کان مٿي سمجهندو آهي. مارئيءَ جو حُب الوطنيءَ وارو ڪردار صدين کان وٺي سنڌ جي عوام لاءِ هڪ ڏِڍ ۽ فخر جو باعث بڻيل آهي. هر دور جي شاعرن ان کي علامتي، اُهڃاڻي توڙي ظاهري مفهوم ۾ بيان ڪيو آهي. اهو ڪردار پنهنجي ڌرتيءَ جي ماڻهن جي خُودداريءَ ۽ ڌرتيءَ سان محبت جي علامت آهي. مير عبدالحسين سانگي بہ مارئيءَ جي ان حب الوطن ڪردار ذريعي ڌرتيءَ سان اُڪير وارن جذبن جو اظهار ڪري ٿو

عـــجـــيـــبن جي ڏسڻ خـــــاطر سَوارا ڪيا منهنجي اکين آهين آرا
ڏسو ڪيئن منهن ڪٽي مون کي ڏسن ٿا ڪکر آهن جي پائُر پار ڪارا
رَهي لــــڄ لال لـــوئيءَ جي ســدائين، آءُ مـارُن ۾ وڃي لاهيان هي ميرا
اوهان جي بـــاغ ۾ ڏاڙهـــون ۽ لـيـمــان، اسان جي ڏيــهہ ۾ آهن ڏوئرا

..

ويڙهيچـــن کي وَنين ۾ آؤن ويـهــاريان، اکين ۾ ڏيان عجيبن کي اوتارا
پِـــنُـــن تي ويهـــي ڏسجي مينهن وَسندو، نـــزاڪـت ناڪ سي آهن نظارا
سُــــــتي، ويني هتي ســانـــگــي سي ساريان پري آهن پائُر ۾ جي پيارا
(ڪُلياتِ سانگي، ص: 201)

اهڙيءَ طرح پين بہ ڪيترن ئي غزلن ۽ بيتن ۾ بہ مارئيءَ جي پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ اُڪير ۽ عمر سومري سان سندس آزيون ۽ جهيڙا بہ بيان ڪري ٿو. جهڙيءَ ريت شاهہ ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ سسئيءَ جي ڪردار کان گهڻو متاثر آهي ۽ ان لاءِ سڀ کان وڌيڪ يعني پورا پنج سر چيا اٿائين، ساڳيءَ ريت ائين چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ سانگي مارئيءَ کان



Gul Hayat Institute

متاثر نظر اچي ٿو. وري اتي ٻه پهلو آهن: 1. يا ته هو مارئيءَ جي ڪردار کان گهڻو متاثر آهي، 2. يا وري هو پنهنجي ڌرتيءَ سان اڪير، انسيت ۽ پيار واري جذبي جو اظهار مارئيءَ جي ڪردار وسيلي ڪري ٿو.

عُـمـر انصاف ڪر، موڪل ڏي مون کي راڄ جا راڄا

وطن ۾ آئون وڃي هيڪر ڏسان سانگي ۽ سَنگهاريون

هتي سوچڻ جي ڳالهه آهي ته ان اظهار لاءِ هو سنئون سڌو ڪلام چئي سگهي پيو. پر هن مارئيءَ جي حب الوطني کي علامت بڻايو آهي جهڙيءَ ريت ڪلاسيڪي شاعرن خاص طور تي شاهه ڀٽائيءَ مارئيءَ کي سنڌ ڌرتيءَ جي علامت ڪري پيش ڪيو آهي. مير عبدالحسين سانگيءَ جي دور ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دور ۾ وڏو فرق آهي. شاهه کان سانگيءَ تائين عوام ۾ شعور، آگاهي ۽ بيداري اچي چُڪي هئي. خاص طور تي سچل سرمست کان پوءِ. شاهه سائينءَ ڪيترين ئي ڳالهين رَمز ۾ بيان ڪيون ۽ مارئيءَ کي اُن دور جي عوامي حالتن جي علامت بڻائي پيش ڪيو. شاهه لطيف جي ڪلام کي جيڪڏهن اُن دور جي حالتن سان ڀيٽيو وڃي ته اها ڳالهه ثابت ٿي وڃي ٿي. جڏهن ته مير عبدالحسين سانگيءَ جو دور ڪجهه مختلف هو. ان دور ۾ علامتي انداز جي ڀيٽ ۾ يا ان کان وڌيڪ حقيقت پسنديءَ سان اظهار ڪرڻ عام هو. هيءَ ته اُردوءَ جي هڪ چوڻيءَ مطابق 'ڊنڪي کي چوٽ!' يا ڍُهلين دَمامين اعلان ڪرڻ وارو زمانو هو سو جيڪڏهن ائين چئجي يا سمجهجي ته عبدالحسين سانگيءَ مارئيءَ کي علامت بہ بڻايو آهي ته ان ذريعي حقيقت ۾ پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ وارن سان محبت جي ڳالهه ڪئي آهي تہ اِن ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ سمجهڻ کپي، ڇو ته مير عبدالحسين سانگيءَ جي سموري ڪلام ۾ ڪجهه غزلن کان پوءِ وري مارئيءَ جي موضوع واري شاعري آهي جنهن ۾ مارئيءَ جي مُلڪ / ڌرتيءَ ۽ ماڻهن جا ڏُک، سُک، روايتون، ريتون، رسمون، رواج، تهذيب، تمدن، ڪاڌا، خوراڪون، مزاج، ناز، ماڻا، آنا، خودداريءَ وغيره وارن موضوعن کي مختلف انداز ۾ پيش ڪيو آهي. اِهي سڀ اُهن علامتون آهن جن کي سانگيءَ کان اڳ وارن شاعرن بہ هِـن ڌرتيءَ، ماڻهن جي حالتن، روين ۽ سوچن کي مارئيءَ واري ڪلام ۾ پيش ڪيو آهي. مير عبدالحسين سانگيءَ جي ڪلام مان مارئيءَ جي موضوعن واري شاعري الڳ ڪجي ته اِهو سندس ڌرتيءَ جي شاعريءَ جو هڪ جُدا موضوع آهي ۽ اِهو مقدار ۾ سانگيءَ جي ڪلام جو هڪ وڏو حصو آهي. ان مان اهو محسوس ٿئي ٿو ته سانگي ڌرتيءَ سان وچن

واري پنهنجي سوچ ۽ فڪر کي ڪلاسيڪي روايت سان جوڙي پنهنجي من جو آوازبڻائي مارئيءَ جي ڪردار وسيلي بيان ڪيو آهي. اهڙيءَ ريت اسين اهو چئي سگهون ٿا ته سانگي رومانوي شاعر سان گڏ هڪ وڏو محب وطن شاعر به آهي. سندس شاعريءَ ۾ ڌرتي ۽ ڌرتيءَ وارن سان وچن جو کليو اظهار ملي ٿو.

مير عبدالحسين سانگيءَ جي شاعريءَ جو وهنوار شاهاڻو آهي. سندس شاعريءَ جو گهڻو حصو رومانوي شاعريءَ وارو آهي جيڪا هُن مجازي عشق دوران ڪئي ۽ هُو اُن هر شئي سان محبت ڪندو نظر اچي ٿو جنهن سان سندس محبوب جو ڪو واسطو هو. اها پوءِ، اهي منظر، اهي ماڻهو، اهي سمورا اظهار سندس ڌرتيءَ سان ويجهو هئڻ ۽ ان سان محبت ۽ عقيدت جا نمونا ۽ سندس غزل جي سونهن آهن. اهڙيءَ طرح ڌرتيءَ متعلق سندس ڪيترا ئي غزل آهن جن ۾ ڪڏهن پنهنجي پرينءَ جي وڇوڙي جو وَرلاپ ڪندي ته ڪڏهن مارئيءَ جي مارُن کان جُدائيءَ تي ڳڻتي ڪندي مختلف نظارن، حالتن ۽ ڪيفيتن جو ذڪر ڪري ٿو. سندن سک تي سرشار ٿئي ٿو ته سندن اهنجن کي پنهنجو اهنج سمجهي ٿو ۽ سندن ڏک سک ونڊڻ پسند ڪري ٿو. سندس هڪ اهڙو غزل مثال طور پيش ڪجي ٿو جنهن ۾ عبدالحسين سانگي ڌرتيءَ جي غريب ماڻهن جي ڪاڏي ڏُٽ ۾ رِڀ ڪائڻ جي تانگهه ڪري ٿو. هتي به اختصار کي سامهون رکندي سندس غزل جا چند بند ڏجن ٿا.

پـــــيان وڃي آءُ پيارن ۾ رِڀ، پسند آهي جيڪا پنهوارن ۾ رِڀ
هتي جا آهن ڪاج ڪائڻ گناهه، ثواب آهي ڪائڻ سَنگهارن سان رِڀ

وڻي ڏُٽ ڏوٽين کي ٿو ڏيهه ۾، غنيمت آهي ويڙهه وارن ۾ رِڀ
نصيب آهن ڪُوڙن کي ٿيون نعمتون ٿئي سورن سان حاصل سچارن ۾ رِڀ
ڪري سانگ سانگي هِتي کان هُتي ورهائين ويهي ولهارن ۾ رِڀ
(ڪُلياتِ سانگي، ص: 221،222)

**سانگيءَ جو ڪلام، ڊائري ۽ سفرناما:**

سانگيءَ جي غزلن ۾ هڪ منفرد ڳالهه اها آهي ته هو پنهنجي ڪلام ۾ ڊائريءَ وانگر تاريخ پڻ شامل ڪري ٿو. سندس غزلن ۾ اڪثر هڪ بند اهڙو به هوندو آهي جنهن ۾ ان غزل لکڻ واري تاريخ، ڏينهن، مهينو ۽ سن وغيره بيان ٿيل هوندو آهي جيئن.

’ماهه مارچ آهي، سال اُوڻيهه سئو چار عيسوي، ڪيترن ڏينهن کان ڪيتيءَ ۾ رهون ٿا شادمان‘

اهڙيءَ طرح اهو آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ سانگي اهو غزل ڪڏهن چيو هوندو. شاعرن جي ڪلام ۾ اها خصوصيت ۽ انفراديت سانگيءَ جي ڪلام کان سواءِ شايد ڪنهن ٻئي ۾ نہ هجي.

مير عبدالحسين سانگي هڪ اميراڻو ٻار هو جنهن لاءِ شڪار ڪرڻ هڪ عام مشغلو هو پر جيئن تہ سانگي هڪ عام رواجي شاهاڻي سوچ وارن نوجوانن کان مختلف ذهن رکندڙ هو. اِن ڪري سندس رويو عيش عشرت ۾ زندگي گذارڻ بدران سماج ڏانهن گهڻو هو. ڪيٽي مهراڻي جيڪا ٽڪرُ جي ويجهو گنجي ٽڪر ۽ درياهہ جي وچ ۾ آهي سا سانگيءَ کي گهڻي پسند هئي. هو اُتي گهڻو ويندو هو ۽ اُن جي ساراهہ ڪندي ئي هُو پنهنجي ڏرتيءَ جي سونهن کي بيان ڪري ٿو. عبدالحسين سانگيءَ جي ڌرتيءَ جي سونهن کي ساراهڻ واري فن بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ ”ٻين شاعرن جيءَ ڀيٽ ۾ هُو سنڌ جي جاگرافيائي، سماجي توڙي سياسي ماحول کان وڌيڪ واقف ۽ متاثر هو. سندس ذاتي تجربن جي دُنيا وسيع هُئي. شڪارن ڪندي جبلن ۽ ڪَڇن، آبادين ۽ بَرن پَٽن جي فضا ۽ سانگين ۽ مارُن جي ماڳن ۽ مشغلن کيس متاثر ڪيو. مِينهن جي وَسڪارن ۽ سانوڻ جي نظارن کي ٻاهر جهنگ جي فطري رنگ ۾ ڏٺائين. انهن ذاتي احساسن ۽ عملي مشاهدن جي وُسعت ٻين شاعرن جي ڀيٽ ۾ سانگيءَ کي سندس غزلن ۾ ’سنڌي ماحول‘ کي چمڪائڻ ۾ وڌيڪ ڪامياب ڪيو.“ (ڪينجهر، ص: 96)

ان سلسلي ۾ مير عبدالحسين سانگيءَ جو ڪيٽي مهراڻيءَ جي تعريف ۾ چيل هڪ غزل جو مثال پيش ڪجي ٿو. ان غزل ۾ ڪيٽيءَ جا ڪيئي نظارا ۽ فطري سونهن ايتري تہ خوبصورتيءَ سان بيان ٿيل آهن جو پڙهندڙ پاڻ کي ان مقام کي پنهنجي تصوراتي اک سان حقيقت وانگر پسي سگهڻ سان گڏوگڏ پاڻ کي اتي موجود تصور ڪري ان وايومنڊل ۾ گم ٿي وڃي ٿو. (هي غزل ان خيال کان مڪمل پيش ڪجي ٿو تہ جيئن مفهوم واضح ٿي سگهي.) ان نوعيت جا سانگيءَ جا ٻيا بہ ڪيترائي غزل ڪُلياتِ سانگي ۾ مطالعو ڪري سگهجن ٿا.

واهہ مهراڻن جي ڪيٽيءَ جو ڪريان ڪهڙو بيان، سير حاصل جنهن کي آهي چوطرف آب روان
روز آمدرفت ٻيڙين جي رهي ٿي دل پسند، خوشــنما جن جا مُــصفا ٿين هر دم بادبان
ماهہ مارچ آهي، سال اُوڻيهہ سئو چار عيسوي، ڪيترن ڏينهن کان ڪيٽيءَ ۾ رهون ٿا شادمان
چيٽ سڀ آهي پڪو آهن هي لابارن جا ڏينهن، وَل لُئيو پاڳُر پريو هاري ڪٽن ٿا هيج مان



Gul Hayat Institute

ڪيٽ ۾ پنهنجو ڪروهر ڪنهن ڪيو آهي تيار، سپ ڪوئي جولان ڪري پوڪن ۾ پنهنجي پهلوان جو ٽُڪر لُٽجي ٿو تنهن ۾ مال چارڻ لئہ چڏين، ٻڪريون، مينهون، ڌڳيون ڪن قوت ڪائي بي گمان نوَنِ پاين ٿو ملي هڪ سير پڪو ڪير جو ڏيڍ رپئي ٿو ملي حلـــــواڻ، ٻن رُپين جـــو آن ڏيڍ سير ۽ اَٽ ڏُڪا مکڻ ٿو رُپئي جو ملي، هن آڳهن ۾ هي شيون وِڪڻن ٿا شورا شـوق مان رهندي هت چوبهہ ڏينهن ٿيا آهن بافضلِ خدا، خير و خوبيءَ سان ٿا گذرن ڏينهن باامن و امان مينهن هت ڏاڍا وَساياسون بہ گذري وقت ويو سنڌ تي پئي هئي سموري غيرتِ هندوستان گوڙ جا طبلا وَڄيا ٿي، ناچ ڪنوٽين جو هو ٿيو رَعد تي ڪيو راڳ سبحان الذيءَ جو هر زمان دم غنيمت سو جو ٿئي ٿو خير و خوبيءَ سان بسر، خوش نصيبي آهي اي سانگي ۽ موليٰ مهربان

(ڪُلياتِ سانگي)

جيئن غزل جي هڪ ست ۾ کير ۽ مکڻ جي قيمت جو ذڪر آهي اهڙيءَ طرح هي مهراڻي درياهہ جو سير ڪندي اُن علائقي (ڪيٽي مهراڻي) جي سماجي ۽ معاشي حالتن جي تاريخ نويسي ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح سندس هڪ ٻيو غزل هيٺ پيش ڪجي ٿو جيڪو ڪن مشهور ماڻهن متعلق آهي. اهو سانگيءَ هڪ سفرنامي جي صورت ۾ لکيو آهي. اهڙي قسم جا ڪيترا ئي غزل عبدالحسين سانگيءَ جي ڪلام ۾ ملندا جن ۾ هُـو سموري سفر جي وارتا بيان ڪري ٿو. جڏهن اسين سفرنامن جي تاريخ بيان ڪريون ٿا يا اِن صنف جي تحقيق ٿئي ٿي تہ هنن وڏن شاعرن جي اهڙين تخليقن کي نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي. اسين چئي سگهون ٿا تہ جيڪڏهن سند باد سيلانيءَ جي سفرنامن ۾ دُنيا جي ملڪن گهمڻ جو احوال آهي تہ انگريزن جي دور جي هِـن شاعر جي ڪلام ۾ پڻ منظوم سفرناما موجود آهن. پوءِ اِهي مختصر آهن يا مفصل اِها الڳ ڳالهہ آهي پر جڏهن اسين عبدالحسين سانگيءَ جا اهڙا سمورا غزل هڪ جاءِ تي گڏ ڪنداسين تہ ضرور ان جي ذريعي سندس سنڌ جي مختصر سفرنامن جو هڪ رڪارڊ جُڙي سگهندو جيڪو يقينن پنهنجي نوعيت ۾ مُـنفرد هوندو. جيئن شاهہ لطيف جي مختلف بيتن خاص طور سر رامڪليءَ وارن بيتن ۾ سفرن جو احوال آهي ۽ انهن کي منظوم سفرنامي جي صورت بہ چئي سگهجي ٿو ساڳيءَ طرح سانگيءَ جي غزلن ۾ ملندڙ احوالن کي بہ جُـدا ترتيب ڏئي منظوم سفرنامن جو نالو ڏئي سگهجي ٿو. ۽ يقينن اها سنڌي ٻوليءَ ۾ سفرنامي واري صنف جي تاريخ جي حوالي سان هڪ منفرد تاريخ هوندي ڇو تہ اهو بہ ممڪن آهي تہ اهڙا منظوم سفرناما ڪنهن ٻي ٻوليءَ يا ادب ۾ ورلي هجن. هت سندس اهڙن غزلن مان ڪجهہ بند مثال طور ڏجن ٿا:

زماني جا رنـــگ آهـــن عـبرت فزا، آهي هفتخـــوان هيءَ سپن جي سرا
اکين ۾ ڪـــنن جـــي ڏنـا نہ ٻـُڌا ڏيـکاري ٿي قـــســمت اُهي پـــيچرا
هليو سُنگ سامين جو تنديءِ منجهان ڪناري تي گونجيءَ جي جو خوش نما
روانا ٿياسون ٻـَڌي چُست چيلهہ، هٽـي ڪنڌ پيا پنڌ مهري ميا
ڪيوسون ٻہ پهرو ٻہ بلڙي شريف، وَسي جنهن زمين تي ٿو نورِ خدا
ڪيا لطف ’صاحب ڏني شاهہ پير‘، ڏسڻ سان مرشد جي سپ ٽڪ لٿا
ٻـــنـــوري جا ٿا چـــون ميرپور گذاري اُتي تـــــي پهر رات جا
اُتي مير محمد خان کي ملي سَناسي جي آيا سي سَرها ٿيا
مُلاقي ٿيو مير حسين بخش، پيا مير صاحب ٻہ مون سان مليا
(ڪُلياتِ سانگي، ص: 213)

**مير عبدالحسين سانگيءَ جي ٻولي:**

شاعر ڌرتيءَ سان گڏ ٻوليءَ جا بہ نگهبان هوندا آهن. مير عبدالحسين سانگي سنڌ جو اُهو شاعر آهي جنهن جي سڄاڻپ ۽ شاعريءَ ۾ سنڌس اعليٰ مَقام جو سبب سندس سنڌي ٻوليءَ سان چاهہ آهي. سانگي هڪ روشن خيال، جدت پسند، جديد نظرين جو قائل هو. سندس دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وڏي قدرداني ٿي. علم ۽ ادب جي ترقي ۽ ڦهلاءَ جي ڪري سنڌي ٻوليءَ جو وڏو مانُ وڌيو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا اِن سلسلي ۾ لکي ٿو ”هيءُ اُهو دور هو جنهن ۾ سنڌ ۾ سنڌيت جي وڏي لهر پيدا ٿي جنهن ڪري سنڌي زبان ۽ سنڌي ساهت کي نئين تقويت حاصل ٿي ۽ ماڻهن ۾ سنڌي زبان ۾ ڇپيل ادب پڙهڻ جو چاهہ وَڌيو. ڪيترن ئي هندو توڙي مسلمان اديبن ۽ شاعرن سوَن جي تعداد ۾ ڪتاب لکي سنڌي نثر توڙي شاعريءَ لاءِ ماڻهن ۾ شوق هيڪاري وَڌايو. سون جي تعداد ۾ ڪتاب انگريزيءَ، فارسيءَ، اُردوءَ، هنديءَ، گجراتيءَ، مرائيءَ ۽ بنگالي ٻولين مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيا.“ (سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا ـــ ص: 328)

مير عبدالحسين سانگي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو معتقد هو. شاهہ جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ ۽ لفظن جا ڀَنڊار آهن. ساڳي ئي ڳـَس تي هلندڙ مير عبدالحسين سانگيءَ جي ٻوليءَ ۾ بہ ڪيترا ئي ديسي لفظ استعمال ٿيل آهن. سانگي عروضي اثر کان غزل کي نج سنڌيءَ ۾ آندو. سندس اهو ڪم سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي تاريخ جو هڪ اهم ڪارنامو آهي جنهن ڪري ئي ڪيس سنڌي غزل جو شهنشاهہ چيو وڃي ٿو.



Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ لِسانيات جي ماهر جي اک سان ڏسندي سانگيءَ جي غزل ۾ سنڌي ويس لاءِ لکي ٿو ته ”هنن سنڌيءَ جي ’اساسي شاعريءَ‘ واري قديم روايت موجب سنڌي لفظن کي آکري هِـجي ۾ ورهائڻ جي بدران انهن کي روزمره جي ٻوليءَ واري عام اُچار ۽ آواز جي لحاظ سان استعمال ڪرڻ کي جائز سمجهيو. سانگيءَ ته خصوصن ’درسي زبان‘ بدران روز مره جي عام مروج ٻوليءَ کي ئي پنهنجي شعر جو ذريعو بنايو.“ (ڪُليات سانگي، ص: 67)

بلوچ صاحب وڌيڪ لکي ٿو ”اِهو سانگيءَ جو تخليقي ڪارنامو هو جو پنهنجي غزل لاءِ پنهنجو سنڌي ماحول پيدا ڪيائين ۽ روز مره واري نج سنڌي زبان ۽ سُهڻي پيرايئه بيان سان ان کي سينگاريائين جنهن ڪري صحيح معنيٰ ۾ ’سنڌي غزل‘ پوري آب تاب سان چمڪيو.“

مير عبدالحسين سانگيءَ جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي اهڙي اظهار تي تمام گهڻو لکيو ويو آهي بلڪ سانگيءَ جي شاعريءَ جا ٻه مکيه رخ ئي تحقيق / بحث هيٺ آيا آهن هڪ رومانوي غزل ۽ ٻيو سنڌي ٻوليءَ ۾ غزل جي نئين روايت. اِن ڪري هت گهڻي تفصيل ۾ وڃڻ بدران سندس شاعريءَ جو هڪ مثال پيش ڪجي ٿو جنهن ۾ سانگيءَ ديس ۾ مينهن وسڻ کان پوءِ سُڪار ۽ سُک اچڻ تي سَرهائي بيان ڪئي آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جي سونهن ۽ ديسي لفظن جا پِندار ملن ٿا.

ڪيا سـنـڌ ۾ آهن سـانـوڻ سُـڪار، سجو ملڪ آهي ٿيو ميگهه ۽ مَـلار
وُٺا وَڏڦڙا مينهن ساٽيهه ڏي، پـريـا چـَـڇ، چَـنـون ۽ تـَـرايون ٿيون تار
هـُـتي بندَ آهــن پــريا بي حساب، سجــو آهي ســاٽيهه ٿيو سبزازار
اُتر کان اچن ڏس ته ڪارا ڪڪر، ٿيون ڪنوٽيون ڪِوَن هــاڻ ڪاٺـُر جي پار

هيءَ مــوســـم آهي مينهن جي دلپسند آهيان جنهن ۾ آءٌ ڏنارن کان ڏار
سِـڪان ٿي ۽ ساريان ٿي ســاٽيهه کي، وِســاريان نه ٿي ويل پنهنجا پنهوار
ڦوڙائي ۾ هرگز نه ڦيريان ڦـَـٽي، ويڙهيچن ۾ واســيان وڃي پنهنـــجـا وار
ابـــاڻــــي امـــانـــت لـــوئي آهي لال، زرين سان نه پاريان اُها زِينهار
چـُـوڙيلن جي پــوشـــاڪ آهي چُــنـي، نه پــهـــرن پـَـٽولا نه پائين هار
پٽن جي پرن تي ٻِنڊيون ڪيون ٻـنـڊير، آهي سانوڻي سبز ٿي بي شـــمـار
سـَـڳـَـر سيڪي ڪاٺين سانگي سدا، سُکيا رهن سـَـنگهار ڍَنگرن جي ڍار تي

**تهذيب، ثقافت ۽ سماجي سجاڳي:**

هڪ شاعر پنهنجي دور جي حالتن جي عڪاسي ڪندڙ هوندو آهي. عبدالحسين سانگيءَ جنهن دور ۾ اک کولي اُهو هڪ وڏيءَ تبديليءَ وارو دور هو. ٽالپرن جي حڪومت کسي وئي ۽ هـُو حاڪمن بدران عام ماڻهن وانگر رهڻ تي مجبور ٿي ويا. انگريزن سنڌ ۾ ڪيترا ئي سـُڌارن وارا ڪم ڪيا ۽ ميرن لاءِ انگريز حڪومت پاران باقاعدي پينشن مقرر هوندي هئي. مير عبدالحسين سانگيءَ جي والده هڪ انگريز عورت هئي ۽ سندس ٻي گهر واري ٻـ هڪ انگريز عورت هئي. سندس خاندان جا انگريزن سان سـُٺا لاڳاپا هئا. سانگيءَ پنهنجي خانداني عروج وارو دور اکئين تـ نـ ڏٺو هو پر حڪمراني وڃڻ کان پوءِ زماني جي اکين ڦيرڻ يا وڏن جي عروج جا داستان ٻـُڌي پنهنجي عروج کان محروميءَ يا دنيا جي بي ثباتيءَ جو ذڪر ڪري ٿو. جيئن سندس هينيون شعر آهي:

هتي دردن جا تـ دُڪان هئا، هت سورن جا تـ سامان هئا
وڏا شوخن جا هت شان هئا، سي هاڻي ماڳ مَـٽائي ويا

تن شاهن جا شان ڪئي، ويا نـــوبـــت ۽ نيشان ڪئي
سي دهليون ۽ دربان ڪٿي، جي ماڙيون محل اڏائي ويا
(ڪلياتِ سانگي، ص: 57)

مير عبدالحسين سانگيءَ جي گهراڻي ۾ ڪيترا ئي شاعر رهي چـُڪا هئا. ٽالپرن جي دور ۾ سندن وفادار دوست ۽ ساٿي خليفو نبي بخش لغاري ڪـَرڙيءَ واريءَ جنگ واري واقعي کي ڪيڏاري ۾ بيان ڪري قومي جاڳرتا واريءَ شاعريءَ جو بنياد وِجهي چـُڪو هو. آزاديءَ لاءِ ڪيل جنگ جو واقعو سنڌ کي بمبئيءَ سان ملائڻ وارا فيصلا ۽ انهن سان گڏ ٻيا ڪيترا ئي اهڙا واقعا هئا جيڪي هڪ روشن خيال اديب ۽ شاعر جي مشاهدي جي اوليت تي هوندا آهن. عبدالحسين سانگيءَ جي همعصر شاعرن ۾ الهـ بخش اَبوجهي ۽ مير حسن علي خان حسن قومي بيداريءَ واريءَ شاعريءَ جي سلسلي جا اهم نالا هئا. اِنهن کان سواءِ شمس الدين بـُلبـُل جهڙا شاعر هئا جيڪي عوام جي انگريزي تهذيب ڏانهن لاڙي تي قلم کڻي رهيا هئا.

هر شاعر پنهنجي پنهنجي دور جي ناموافق حالتن ۽ روين تي جُهرندو آهي جنهن جو اظهار هُو پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪندو آهي. شاهـ ڀٽائيءَ کي پنهنجي دور جي حالتن کي ڏسي جيڪا پـيڙا ٿيندي هئي اُن جو بيان هـِن بيت ۾ ڏسجي ٿو:

نہ سي وونڻ وَٽن ۾ نہ سي ڪاتياريون
پَسيو بازاريون هينئون مُون لُوڻ ٿئي

سانگي پنهنجي دور ۾ جڏهن اهڙين بي ثباتين کي ڏسي ٿو ۽ سندس من جهري ٿو تہ هُو ان جو اظهار پنهنجي فن ذريعي ڪري ٿو. ڀٽائي سائينءَ ان کي مختصر ۽ علامتي انداز ۾ بيان ڪيو آهي ۽ سانگي اهو تفصيل ۾ ٻڌائي ٿو. سانگيءَ جي هن غزل ۾ موجوده دور وارين حالتن، ماڻهن جي روين، مزاجن، خودغرضي، ڪم ظرفي، نفسانفسيءَ وغيره واري ماحول کي چٽيءَ طرح پسي سگهجي ٿو. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن برائيءَ جون پاڙون بہ صدين ۾ ڪتل آهن تہ وري برائيءَ کي وائکو ڪرڻ وارا اڪابر بہ هر دور ۾ پيدا ٿيندا رهيا آهن. جيئن سانگي پنهنجي دور وارن ماڻهن جي ڪوتاهين کي وائکو بہ ڪري ٿو ۽ ننديءَ بہ ٿو.

هن ملڪ جي ماڻهن ۾ محبت نہ ٿي ڏسجي، پر ڇا ڪجي ڪنهن روح ۾ راحت نہ ٿي ڏسجي
غيور هـئا جي تن ۾ بہ غيرت نہ ٿي ڏسجي، شاهن جي هينئر شوق کي شوڪت نہ ٿي ڏسجي
غالب جي اصل سي وري مغلوب ٿا پَسجن، پيءُ، ڏاڏي، شجيعن ۾ شجاعت نہ ٿي ڏسجي
مُنصف هجي يا جج هجي يا هجي ڪو سيشن جج دُنيا جي امينن ۾ امانت نہ ٿي ڏسجي

پئسي جي سبب سڀ جي اڳيان پاند پکيڙين، فقراءِ زماني ۾ فضيلت نہ ٿي ڏسجي
شُـرفا سان رکين شور، ڪرين سَفلا نوازي، اي پِـيرِ فلڪ تو ۾ لـياقت نہ ٿي ڏسجي
جوڙي جَـکي ڪا درد محبت جي دوا ڪن، حُڪماءَ وٽ هن طرح جي حڪمت نہ ٿي ڏسجي
گل کي نہ آهي رونق ۽ نہ بُلبُل کي ترنم، گـُـلزارِ زماني ۾ سا رنگـــــت نہ ٿي ڏسجي
شوقين مزاجن کي جهليو پرت ڪان پيريءَ، سانگيءَ ۾ اڳي سانگ جي طاقت نہ ٿي ڏسجي
(ڪلياتِ سانگي، ص: 168,169)

مير عبدالحسين سانگيءَ جي دور جي سماجي مسئلن جهڙوڪ انگريزن جي تهذيبي اثر ۽ بدلجندڙ ماحول کي ڪن ماڻهن مثبت قبوليو ۽ پنهنجي تهذيب ۽ روايتن ۾ رهندي انگريزي تهذيب مان چڱيون ڳالهيون اَپنايون تہ ڪي چڱين ڳالهين پنهنجائڻ جي باوجود ڏاريءَ تهذيب ۽ روايتن ۾ ويڙهجي ويا. ساڳيءَ طرح ماڻهن جي اِنهن بدليل روين ۾ مصنوعيت، ڪم همتيءَ، خودنمائي، خود پسندي وغيره جهڙيون خصلتون وڌيون. سانگي ان دور ۾ پنهنجي تهذيبي توڙي اخلاقي قدرن جي وڌندڙ فقدان ۽ ڏاري تهذيب ۽ قدرن ڏانهن وڌندڙ لاڙن / روين کي نندي ٿو. هـُو اهڙي وقت ۾ پنهنجي نوجوانن کي

پنهنجي ديس جي اصلي جوهرن، همٿ، مردانگيءَ، جفاڪشيءَ، فقيري حالتن ۾ اعليٰ ظرفيءَ، محبت ۽ اَمانت جهڙن قدرن کي سانڍي رکڻ ڏانهن ڌيان ڏياري ٿو. سانگي عوامي حالتن جو هڪ چِٽو عڪس پيش ڪري ٿو ته جيئن سندس قدردان ان مان حِظ حاصل ڪري سگهن. اهڙيءَ طرح هو پنهنجي ديس جي عوام خاص طور تي نوجوانن کي ڪنهن به قسم جي انڌي تقليد ڪرڻ کان روڪڻ چاهي ٿو. هو پنهنجي خاندان ۾ انگريز عورتن جي شموليت ۽ يورپي ماحول سان ويجهڙائي هجڻ جي باوجود پنهنجي تهذيب، ثقافت جو پلئه نه ٿو ڇڏي. سندس اهو رويو سندس نظر ۾ هڪ پاسي پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت کي سنڀالڻ ۽ اهميت ڏيڻ سان گڏ غير تهذيبن جي اثر ۾ غير ضروري طور رڱجي وڃڻ جي ننڊا به ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ ائين چوڻ غلط نه هوندو ته سانگيءَ پنهنجي تهذيبي، ثقافتي قدرن ۽ ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ سان محبت وارن قدرن جو عروج چاهي ٿو.

انگريزن جي دور ۾ مغربي تهذيب جي تقليد متعلق سانگيءَ جو هيءُ غزل اُن دور جي رُجحان ۽ سانگيءَ جي فڪر کي ظاهر ڪري ٿو:

هڪڙا دنيا ۾ ٿا ڪن انسان انساني لباس، ٻيا آهن شيطان جي پائين شيطاني لباس
خار دنيا جو نه تن نانگن کي دامن گير ٿئي، اصل کان جن عاشقن جو آهي عرياني لباس
اصل عرياني آهي پر پوءِ ڪثرت ڪيا آهن رومي و ترڪي و سنڌي ۽ خراساني لباس
آءٌ به انسان آهيان جي پايان ته مون کي پي ٿهن هندي و چيني و انگريزي و ايراني لباس
پنهنجي هي راسين و ٻُگري ۽ ڪُلاهه و گوڏڙي، سو اسان جي لاءِ لاريب آهي سلطاني لباس
نازنين هن حال ۾ مون کي پسي پاسو نه ڪر، عاقن جو اصل کان هي آهي اي جاني! لباس
جنهن ڏٺو تي ويس منهنجو تنهن چيو تي چاهه مان ڪهڙو سهڻو ٿو لڳي سانگيءَ کي سيلاني لباس
(ڪُلياتِ سانگي، ص: 253)

مير عبدالحسين سانگي رڳو تنقيد ۽ تلقين نه ٿو ڪري بلڪ پنهنجي شخصيت وارا اهڙا مثال بيان ڪري ٿو جيڪي ٻين خاص طور تي سندس ايندڙ نسلن لاءِ روشن راهه ٿي سگهن. سندس خودداريءَ کي ئي وٺو!

آهيان آءٌ باز ڪريان پاڻ ٿو پاڻهي پرواز
ناهيان شِڪرو جو اُڏائيندو ڪري دستيءَ ۾
(ڪُلياتِ سانگي، ص: 41)

۽ وري غربت ۾ شهنشاهيءَ واري خودداريءَ کي ڏسو!



Gul Hayat Institute

اي غريبو! نہ غير ڏي ڏسجي
حالِ غربت ۾ پيي غيور آهيان!
(ڪُلياتِ سانگي، ص: 47)

عزتِ نفس کي قائم رکڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي تہ پلي بُڪ پَرم جي، شل نہ وڃي شان! مير عبدالحسين سانگيءَ جي شاعريءَ ۾ پڻ هوندئن تہ هنڌ هنڌ عزتِ نفس بابت اظهار ملي ٿو پر سندس هڪ غزل جا هي بہ شعر سندس فن، فڪر ۽ شخصيت جي اِن خوبيءَ جي چِٽي عڪاسي ڪن ٿا.

انسان کي آهي آبروءَ جو قطرو بہ ڪافي، بغداد ۾ جي آبِ فرات آهي تہ ڇا ٿيو؟
مالڪ ڏني مُفلس کي اِملاڪِ قَناعت، مَنعم وٽ جي مالِ زڪــــوات آهي تہ ڇا ٿيو؟
(ڪُلياتِ سانگي، ص: 50)

سانگي مصلحت، منافقت ۽ مصنوعيت بدران سنئين سڌي ڳالھ ڪري ٿو.

رَهائيندين يا تون رُلائيندين رڻ ۾
ســـچڻ ڪر تون مون سان صفائيءَ جون ڳالهيون
مَـدا ڪن مدائي، هي مشهور آهي
چـڱا ڪـن ســدائين چـــڱائيءَ جون ڳالهيون

شاعر، اديب، مفڪر ۽ فلسفي معاشري کي سڌاريندڙن جو ڪم ڪندا آهن. هومعاشري جا رهبر ۽ معلم هوندا آهن. سندن ڪلام سندن زندگيءَ جي وهنوار، سندن سوچ ۽ ذهني لاڙي جي نمائندگي ڪندڙ هوندو آهي. سانگي هڪ حقيقت نگار شاعر آهي. هُـو پنهنجي محبوب جي زُلف اَسيريءَ کي بہ صاف بيان ڪري ٿو تہ دشمن جي وار کي بہ نہ ٿو لڪائي پر هر حال ۾ اخلاقي بُلنديءَ، درگذر ۽ اعليٰ ظرفيءَ جو اظهار ڪري ٿو. مير عبدالحسين سانگيءَ جي زندگيءَ ۾ ڪيترا ئي اهڙا واقعا پيش آيا جن جي ڪري کيس معاشي مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو. سندس عزيزن ۽ رشتيدارن خاص طور تي سندس پُـڦيءَ ساڻس ڪَـلـُور ڪيا جن جو تاريخ ۾ واضح ذڪر آهي پر سانگي پنهنجي رويي ۾ اعليٰ ظرفيءَ ۽ بُـلند اخلاقيءَ وارين خوبين کي هٿان نہ وڃايو ۽ وڏن سان فرمانبردار رهي رشتن جي تقدس کي نڀائڻ جو هڪ مثال پيش ڪيائين پر پنهنجن تي ستم ظريفين سندس رُوح کي جيڪا تڪليف پهچائي اُن جو عڪس شاعريءَ ۾ ظاهر ڪرڻ کان نہ رهي سگهيو آهي:



Gul Hayat Institute

پانيان تہ ڪو دُنيا ۾ نہ ٿئي منهنجو مخالف پر زور ڪري ٿئي تہ سو الله کي پرتو
هن رنگ ۾ دنيا جي ڪجي ڏِنگ ڪو اهڙو دشمن نہ تجي ڪنهن جو ۽ دشمن نہ ڪجي ڪو
ٿيا يار وفادار گهـــــــٽا منهنجا مهربان پر تن مان ادا مون کي تہ ڪنهن ڪين سڃاتو
گو مائٽ هجن يا ڪَرَ هجن يار وفادار پر اهڙو هلج جنهن کان ڪڏهن ڪو نہ ٿئي آتو
ڪنهن ساڻ آءُ پانيان تہ وَسئون ڪين وِڃايان مون سڀ کي ٿي پاتو جي مون کي ڪنهن نہ ٿي پاتو
(ڪلياتِ سانگي، ص: 51)

هر دور جون پنهنجون تقاضائون ٿين ٿيون جن کي هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي طريقي سان سمجهي ۽ قبولي ٿو. اِهو هڪ فطري عمل آهي. شاعر ۽ اديب اِن سموري ماحول جو مشاهدو ۽ تجزيو بيان ڪندڙ ۽ پنهنجي شعور سان اُن ماحول جي مسئلن جو حل ٻڌائيندڙ هوندو آهي ۽ جيڪڏهن پنهنجي تخليق ذريعي سڌو سنئون حل نہ ٿو ٻڌائي تڏهن بہ هـُو ان ماحول جي اهڙي طريقي سان پنهنجيءَ تخليق ۾ عڪاسي ڪري ٿو جو پڙهندڙ (اُن ساڳي دور يا اُن کان پوءِ واري دور جو) پاڻ سندس نشاندهي ڪيل معاملي / مسئلي جو حل سوچي ٿو.

مير عبدالحسين سانگي دنيا جي بي ثـُباتين جو ذڪر ڪندي انهن کي اعليٰ ظرفيءَ ۽ اعليٰ اخلاقي قدرن، مثت سوچ ۽ عمل سان ختم ڪرڻ جو حل ٻڌائي ٿو. سندس اهو سمورو فڪر عوام لاءِ آهي. سماج ۾ اهي ڪردار ۽ قوتون جيڪي ماحول کي ڊانوانڊول ڪرڻ ۾ وڏن مـُحرڪن جو ڪم ڪن ٿيون اُنهن تي سانگي سنئون سڌو وار ڪري ٿو. وڏيرو لفظ پنهنجي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ هڪ اهڙو ذميدار شخص هجي ٿو جيڪو پنهنجي حد جي ماڻهن جي ڏُک توڙي سک، مشڪل توڙي آسائش جو نگهبان هجي. انساني رشتن ۾ وڏي ڀاءُ / پيءُ جو ڪم آهي ننڍڙي کي ڇـِيچ کان وٺي هلڻ سيکارڻ ۽ ڏَک لڳڻ تي ڪَڇ ۾ ڪٽي سيني سان لڳائڻ. ساڳيءَ طرح وڏيري جو ڪم بہ وڏو ٻڌجي پنهنجي ڳوٺ جي ماڻهن جي سک ۽ ترقيءَ لاءِ سندن هٿ ۾ هٿ ڏئي سندن رهبر ٿي هلڻ گهرجي ۽ سندن تڪليفن کي پنهنجي هنيانوَ تي محسوس ڪري ڪين ڏِيُ / آسرو ڏيڻ ڪپي پر اِهي لـُغوي ۽ ڪتابي دَليل آهن. هن وقت وڏيري جو ڪردار اهو مثبت نہ رهيو آهي. سانگيءَ جي دور ۾ بہ وڏيري جو ڪردار ڪو بهتر نہ هو. وڏيري جي معنيٰ اُها ٿي وئي هئي آهي تہ وڏيري کي جيڪو وَٽي سو ڪري. ان صورت ۾ عوام جي ذميواري آهي تہ هـُو پاڻ ڏِسي هلي ڇو تہ وڏيرو ظاهر آهي تہ پنهنجي مفاد کي ڏسندو وڏيري جو اهو ڪردار سانگيءَ جي



Gul Hayat Institute

دور ۾ بہ ساڳيو هو جنهن جي منظرڪشي سانگي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪري ٿو. سنڌ جي مؤرخن رحيم داد مولائي شَيدائيءَ ۽ غلام محمد لاکي جي لکيل حقيقتن مطابق جڏهن انگريزن سنڌ کي بمبئيءَ سان ملايو تہ سنڌ جو وڏيرو ۽ جاگيردار اُن جي خلاف وڙهيو. ياد رهي تہ ڪلهوڙا پڻ مغلن سان سنڌ جي وحدت لاءِ وڙهيا هئا. سندن مسلسل جدوجهد کان پوءِ سنڌ خودمختياري حاصل ڪئي هئي ۽ سنڌ جون واڳون پوءِ ڪلهوڙن کي مليون. ساڳيءَ طرح انگريزن جي دور ۾ بہ اها سنڌ جي وحدت واري جنگ هتان جي سياستدانن ۽ وڏيرن وڙهي. اِها هئي وڏيرن ۽ سياستدانن جي مٿينءَ سطح تي پاليسي پر هيٺينءَ سطح تي وڏيرن، جاگيردارن خلاف هاري هلچل ۽ وڏيرن پاران غريب نوجوانن کي پڙهڻ کان روڪڻ ۽ نوجوانن ۽ غريب عوام جو وڏيرن ۽ جاگيردارن جي خلاف مزاحمت ڪرڻ جو دور شروع ٿي چُڪو هو. انگريزن جي دور ۾ علمي ادبي ترقيءَ جي ڪري وِچون طبقو پيدا ٿي چڪو هو جيڪو وڏيري جي صدين وارين غلط روايتن جي خلاف هو. مير عبدالحسين سانگيءَ پنهنجي دور جي هڪ عام وڏيري جي منظرنگاري هيٺينءَ ريت ڪئي آهي:

ايندي سان چوَن جي ٿا اچن واهہ وڏيرا! پاريا تو سيئي پنهنجا وَچن واهہ وڏيرا!
اڄ راڄ مَها جڻ مِڙي آيا پر ڪنهن کي دســتار وڏيرپ جي ڀَڏن واهہ وڏيرا!
تو مان ڏنو مال جي خاطر، ڪري خواهش جيڪي ٿا اچن سي اَچو ڪن واهہ وڏيرا!
تنهنجو سُٽي سي وَرُ ڪري سئو ڪوهہ جو سياڻا تنهنجا اچو ڪرتوت ڏسن واهہ وڏيرا!
سي ڪُڙم ڦِٽن، راڄ ٿين ڪاڄُ ڪُٽن جو تو جهڙا جي راڄن ۾ ڄمن واهہ وڏيرا!
جي راڄ رُلائين ۽ گهر ٻار ڦِٽائين جڳ ۾ ٿا اُهي جاڙ جيئن واهہ وڏيرا!
تو ديس ۽ پرديس ڦِٽائي ڇڏيا، تنهنجا سانگي اچو انصاف وٺن واهہ وڏيرا!

(ڪلياتِ سانگي، ص: 214،215)

هن دور ۾ انگريزن وڏيرن کي آڇون، لقب ۽ اعزاز ڏئي پنهنجو بہ ڻايو پر اهڙن وڏيرن واري سيلاب ۾ ڪجهہ وڏيرا اهڙا بہ هئا جيڪي انگريزن جي حڪمتِ عملين کي سمجهي ويا ۽ اُنهن کين پنهنجا اعزاز واپس ڏنا جن ۾ شهيد الله بخش سومري جو نالو نمايان آهي. اهڙيءَ ريت سيد صِبغت الله شاهہ راشديءَ ۽ سر شاهنواز ڀُٽي جهڙا وڏيرا پڻ هئا جن انگريزن جا لقب واپس ڪيا پر عوامي مفادن تي سوديبازي نہ ڪيائون ۽ عوام جي آزاديءَ جي راهہ ۾ سر ڏنائون. وري ساڻن گڏ اهڙا سياستدان بہ هُئا جن انگريزن جي حڪمن تي عمل ڪندي سنڌ سان غداري ڪئي. اِنهن مان ڪيترن جا پونير اڄ بہ سندن ڪٽيو ڪائن

ٿا ۽ پنهنجن وڏن جي خان بهادرن سر جهڙن انگريزن پاران مليل خطابن ۽ اعزازن کي ساهه سان سانڍي نين پيڙهين وٽ سندن ڪارنامن کي عظيم ڪري بيان ڪن ٿا. مير عبدالحسين پنهنجي دور جي سياستدانن جو هر روپ ڏٺو جن کي هو هن غزل ۾ بيان ڪري ٿو:

آهن بي سر پولٽيڪل سردار مُرغ بي پر پولٽيڪل سردار
بي اثر جن جي آهي آهه و فغان اُهي اڪثر پولٽيڪل سردار
جنهن ۾ پاڻي نه ٿئي، نه پوک پچي اهڙا ڏُونگر پولٽيڪل سردار
جن کي دمباز دم ۾ ڪن مفلس سي تونگر پولٽيڪل سردار
بيڪَران بحر جن جي قسمت جو سي شناور پولٽيڪل سردار
باربردار بس آهن سانگي شڪل، اُشتر پولٽيڪل سردار

هز هائينيس (His Highness) لقب تاديب ۽ تعظيم لاءِ استعمال ٿيندو آهي. اُردوءَ ۾ چئبو آهي سرڪار ڪا اقبال بلند هوا سنڌيءَ ۾ سائينءَ جن جو اقبال بلند هجي! اهو لفظ انگريز ٽالپرن ۽ هند سنڌ جي مسلمان حڪمرانن جي زماني ۾ سندن اڳيان ڪنڌ جهڪائي ٽوپلو سيني تي رکي ۽ جهُڪي چوندا هئا. اهو مخاطب ٿيڻ جو هڪ انداز هو. ٽالپرن جي حڪومت کسڻ کان پوءِ هُو حاڪم ٿي وينا ۽ پوءِ به مير نصير احمد خان وارو هز هائنيس وارو لقب سندس اولاد کي ڏنائون. اهڙيءَ طرح مير عبدالحسين سانگيءَ کي اِهو لقب مليو. حڪمرانيءَ واري اِن لقب تي سانگي پنهنجي مفلسيءَ واري دور ۾ ٺٺول ڪري ٿو ۽ ان کي سنڌ جي مشهور چوڻي 'چري ڦِٽ ۾ خوش' سان تشبيهه ڏئي ٿو.

پينگ جا آهيون اسين واهه مزا! هز هائينيس، رُڃ جا آهيون اسين نامِ خدا هز هائينيس
مُلڪ ني مال، نڪو جاهه و حشم ڪو آهي، ڇا چوان ڇا جا اسين آهيون ٿيا هز هائينيس
نه رياست نه اَمارت نه خلافت آهي، ٿيندا اهڙا به آهن ڇا هز هائينيس
ناهي اِثبات ڪنهين طرح جو ڪنهن پر افسوس اسين تن مان آهيون جي آهن لا هز هائينيس
ڪي امير ۽ ڪي وزير ۽ ڪي ٿين ٿا ديوان پر اسين جي آهيون جي آهن گدا هز هائينيس
آهي ڏسڻو ته ڏسو! آهيون اي يارو! حاضر جهڙا ڪنهن ڪين ڏٺا ۽ نه ٻُڌا هز هائينيس
جي ڪريون ماٺ ويا آهيون، وجهڻ کان ٿا وجون، جي ڪريون دانهن چون آهن چريا هز هائينيس
آهي مشهور مثل هي ته 'چري ڦٽ ۾ خوش'، فخر بس آهي جو سڏجون ٿا ادا هز هائينيس
ڪوڙ ڪرڻو نه آهي چو نه چوان آئون سچ مُچ، سُچ جا آهيون اسين سانگي سدا هز هائينيس
(ڪلياتِ سانگي، ص: 256)

مير عبدالحسين سانگي هڪ اعليٰ تعليم يافته سياسي ۽ فڪري سوچ رکندڙ شاعر هو. انگريزن سنڌ مان ته ٽالپرن کي هارايو پر هندستان مان مغلن جي آخري بادشاهه بهادر شاهه ظفر ۽ سندس پٽن کي قيد ڪيائون. بهادر شاهه ظفر جو مشهور غزل آهي جنهن جو آخري بند:

عمر دراز مانگ کر لائي ٿي چار دن
دو آرزو ۾ ڪَٽ گئي دو انتظار ۾

چوٽيءَ طور مشهور آهي. اِهو غزل بهادر شاهه ظفر قيد دوران جوڙيو هو. عبدالحسين سانگي ظاهر آهي ته اِن سموريءَ رُوئداد کان واقف هو. هيٺ ڏنل غزل جي آخري بند ۾ بهادر شاهه ظفر جي غزل تي پنهنجا وِيچار بيان ڪري ٿو.

بيقدر بيت جي ڏسي ڪارا اکر ڪري، مضمون شناس تن کي وتن ٿا گهر ڪري
پائنين ٿيان منوتي محبت ۾ بند بند. جي نيشڪر گرهه نه هٽي ڪيئن شڪر ڪري
هيءَ سا زمين آهي جتي شهريارِ سنڌ بحرِ شڪار ايندا ها. چا ڪر وفر ڪري
آهن نشان هي زصناد يدگانِ سنڌ. اشراف جي ڏسن ته وجن چشم تَر ڪري
دنيا جو چار ڏينهن آهي چٽڪو يقين جاڻ هارائي جو هتي سو هُتي ٿو ظفر ڪري
ويو تنهن جو آهي توسنِ طبع روان تيز سانگي سمورو نظم جو ميدان سَر ڪري
(ڪلياتِ سانگي، ص: 82،83)

اڳ ۾ ذڪر ڪيوسين ته مير عبدالحسين سانگيءَ سفرنامن جهڙا غزل لکيا آهن. اِن کان سواءِ سانگيءَ گهڻي قدر اُن دور جي مُک واقعن تي پڻ غزل جوڙيا. انگريز فوجن حيدرآباد ۾ بارُود گڏ ڪري رکيو هو جنهن کي ڪنهن طريقي سان باهه لڳي وئي. بارود جي گودام ۾ لڳل باهه ڏاڍو نقصان ڪيو. لڪين ماليت جي نقصانن ۽ ماڻهن ۾ ڦڙڦوٽ جو ذڪر ڪري ٿو.

قابلِ تحرير ٿي هي ماجرا، حادثو هن وقت جو ٿيو رونما
يڪ هزار و نه صد و شش عيسوي، ٿيو آهي اپريل جو هي ابتدا
حيدرآباد آهي جو مِينو سواد تنهن ۾ جو آهي حصارِ خوشنما
ملٽريءَ وارن منجهس ڪي ميگزين ڪيو اُتي بارود گڏ بي انتها
اتفاقن هو رکيو بارود جت تنهن کي وئي گرمي رَسي ڪا بي خطا
وقت سُمهاٽيءَ جي پهرين برق وار روشني ٿي جنهن کان سڀ حيران ٿي ويا



Gul Hayat Institute

ڪــوٽ ۾ بــارُود ڦــاٽــي ڪيو ٺــڪاءُ، ويا ڏَڪي تنهن ڪان در و ديوار هٽا
ٻــي وري هــر ســمــت انڌُوڪــار هئي، درد ڪان بــارود جــي دم ٿــي گُهٽيا
هُــئي انهيءَ ۾ اهڙي بدبو ناپسند جنهن ڪان نفرت هر ڪنهين ڪِي ٿي صفا
(ڪُـلياتِ سانگي، ص: 207)

پليگ دنيا جي قديم وچڙندڙ بيماري آهي. پليگ ڪوئن جي هڪ قسم (Rodent) مان پکڙبي آهي جن ۾ يرسينا پاسٽيوريلا نالي هڪ جيوڙو هوندو آهي جيڪوان بيماريءَ جو ڪارڻ هوندو آهي. ڪوئن ۾ اِها بيماري هڪ ٻئي کي چڪ هڻڻ يا ڪوئن ۾ موجود جِيتن جي ڪري پکڙبي آهي. انسانن ۾ وري پليگ سنئِيل مُئل ڪوئي جا جيوڙا هوا جي ذريعي ماڻهوءَ جي ساهه کڻڻ سان ڦڦڙن ۾ پهچي بيماري پکيڙيندا آهن ۽ هڪ انسان مان ٻئي انسان ۾ ساهه جي ذريعي مريض جي ڪانگهاري جي ذريعي ۽ پليگ سنئِيل ماڻهوءَ سان آمهون سامهون ڳالهائڻ سان سندس وات مان نڪرندڙ جراثيمن ذريعي پکڙبي آهي. مريض کي اِن بيماريءَ جي شروع ۾ مٿي جو سور ۽ اوچتي ڪنگهه ۽ ساهه ۾ تنگي، ڪانگهاري ۾ رَت ۽ اُن کان پوءِ آخر ۾ رَت جون اُلٽيون اينديون آهن ۽ جي ان جو ترت علاج نه ٿيو ته مريض مري ويندو آهي.

حضرت عيسيٰ ع جي وِلادت کان 430 سال اڳ هيءَ بيماري ايٿوپيا، لبيا ۽ يونان جي ملڪن ۾ طاؤن جي نالي سان اُپري. هن بيماريءَ جي ڪري يونان جي شهر ايٿنس (Athens) جا 1/3 سيڪڙو ماڻهون مري ويا. يونان تنهن دور ۾ دُنيا جو باشعور ترين ملڪ هو ۽ ايٿنس اُن جو وڏي ۾ وڏو شهر ۽ گاديءَ جو هنڌ هو. ڇهين صديءَ عيسويءَ ۾ ٻيهر ايٿوپيا، لبيا، يونان، مصر ۽ شام ملڪن ۾ اِها بيماري پکڙي ته ڳوٺن جا ڳوٺ ڳِـڙڪائي وئي ۽ لکين ماڻهو مري ويا. 541ع کان 542ع دوران هيءَ بيماري قُسطنطنيا جي 40 سيڪڙو آبادي ڳڙڪائي وئي. 588ع ڌاري فرانس جي 100 ملين ماڻهن ۽ 561ع کان 700ع تائين ڏيڍ صديءَ کان به گهٽ عرصي ۾ سڄي يورپ جي اڌ آدم شماري کائي وئي. 1347ع جنيوا ۾ هِـن بيماريءَ کي منگول فوجن ڪيميائي هٿيار طور استعمال ڪيو جتي ڪاري ٻيٽ (Black Sea) جي ڪرائمين (Crimen) نالي اپ ٻيٽ ۾ ڪافا نالي وڏو واپاري مرڪز هو. ان اپ ٻيٽ تي منگولن قبضو ڪرڻ لاءِ محاصرو ڪيو پر محاصري دوران سندن فوجن ۾ پليگ بيماري پکڙجي وئي ۽ سوَن جي تعداد ۾ منگول فوجي مري ويا. بچي ويل فوجين مُئل فوجين جي لاشن جا ٽُڪرا ڪانپاٽين سان ڪافا شهر ۾ اُڇلايا.

اُتان جا واپاري بيماريءَ جي ڊَپ کان شهر ڇڏي جهازن ۾ چڙهي ڀڳا پر سندن بدقسمتي هئي جو جهازن ۾ ڪوڙهي ڪوئا ۽ پِسُون اڳ ۾ ئي سُوار هئا جيڪي قافلي ۾ ڦهلجي ويا. پوءِ اُهي جهاز جتي جتي پهتا اُتي اُهي ڪوئا اُنهن ملڪن ۾ بيماري پکيڙيندا ويا. سينيا ۾ واپارين کي ته لهڻ جي اجازت نه ملي پر ڪوئا ۽ پسون شهر ۾ داخل ٿي ويا ۽ سينيا جي اڌ آبادي اجل جو شڪار ٿي وئي. اهڙيءَ طرح بيماري اٽليءَ، فرانس ۽ جرمنيءَ کان پوءِ سڄي يورپ ۾ پکڙجي وئي. اُن کان پوءِ برطانيا ۾ ڦهلي. هِن موتمار بيماريءَ آبادين جون آباديون چَٽ ڪري ڇڏيون. اِن ڪري اِن کي يورپي Great dying discease چوندا آهن. ويهينءَ صديءَ جي شروعات ۾ هيءَ بيماري چين ۾ شروع ٿي جنهن ستن مهينن ۾ 60 هزار ماڻهون ڪاٽي ڇڏيا.

1896ع ڌاري هيءَ بيماري هندستان ۾ پکڙي. پَرما نَند ميوا رام 1920ع ڌاري ڇپجندڙ ڪتاب 'گل ڦل' ۾ اِن بيماريءَ بابت مضمون شامل ڪيو آهي جنهن ۾ ان بيماريءَ جي هاڄن ۾ جانيون وڃائيندڙ ماڻهن ۽ دربدر ٿيندڙ ماڻهن جو بيان لکيو اٿائين. حڪومت پاران دربدر ماڻهن کي حفاظت سان رَهائڻ لاءِ لانديون ٺهي ويون. اُن دور ۾ اِن وَبا کان حفاظتي قدم کڻڻ جي باوجود ماڻهن جو وڏو انگ بيماريءَ جو بَک بڻجي ويو. اخبارن ۾ بيماريءَ جي خبرن ۽ ماڻهن جي دربدريءَ جا حال احوال ڇپجڻ لڳا.

پرمانند ميوا رام اخبارن ۾ ڏنل احوالن جو ذڪر به ڪيو آهي جن مان ڪجهه هن ريت آهن ته "اڙي حيدرآباد! تنهنجا ڀچا ڪيڏي پچي ويا؟ بازار ۾ هَٽتاڙ ڇو آهي؟ سپاهي ڪوڏرون ۽ ڇنجور ڪنيون بيٺا آهن. ماڻرون ڏيٺرن کان وڇڙي ويون." وڌيڪ لکي ٿو "سرڪار جي ڏاڍي سختي هوندي هئي. ماڻهن کٽي اصل بيت ناهيا. 'ڪُئي مئي جو ڪِيس ڪياؤن چڻ ته مُئو سردارا' رڳو ڪنهن گهر ۾ ڪئو ٿي مئو يا ڪنهن کي مهامري ٿي ته پاؤڊر ڇَٽجي ۽ فنائل جا ڦوهارا لڳي ويندا هئا. ڪپڙا ساڙيا ويندا هئا بلڪِ ڇتين کي پَٽرائي هوا لاءِ سوراخ ڪيا ويندا هئا." (گُل ڦُل، ص: 82)

مير عبدالحسين سانگي پڻ اُن دور جو شاعر هو. هن اِن موتمار بيماريءَ جي هاڄن ۽ ماڻهن جي دربدريءَ جو ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيو آهي. سانگيءَ پنهنجي غزل ۾ سن 1915ع ۽ اپريل جو مهينو ڄاڻايو آهي. پرمانند ميوا رام جي 1922ع واري ڪتاب جي مضمون ۾ سندس لفظ آهن ته "اڄا تائين به سندس ٻج ويو ڪونهي." (گل ڦل، ص: 81)

اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي سالن تائين اِن موتمار بيماريءَ جو راڄ هند ۽ سنڌ تي به رهيو. اِنهيءَ سموري وقت دوران سماج وڏي بحران جو شڪار رهيو. سرنديءَ وارا ته ان کي



Gul Hayat Institute

منهن ڏئي تي ويا پر غريب ماڻهن جي وڏي بربادي ٿي. مير حُسين سانگيءَ اِنهن لاءِ 'گلن جا محافظ خار ٿين' وارو محاورو ڪم آندو آهي.

ٿي پليگ آهي ملڪ ۾ اظهار, وقنا ربنا عذاب النار
هٽي تَنبُو وڃي آهيون ويٺا, آهي هر حال فضلِ حق درڪار
ٻن مياڻين جي وچ ۾ آهي هُڙي, جا مُکي جي چون ٿا اهلِ دَيار
هاڻ ڏَنگر جي ڏار ٿا گهاريون پر وَسي مينهن ڪِي آهي تذڪار
سن اُٺيهہ سئوءِ پندرهين جو ماهہ اپريل هي آهي اي يار!
جي هوا ٿي لڳي تہ ڏُوڙ وري ڪري وارِي جا چار سئو وسڪار
مارِي درياهہ ۾ ٿا پَلا مارِين, پَنَ پهرائي ڪن بشوق شڪار
هڪ طرف رَعد, ٻئي طرف ملاح ڪن ٿا گويا سي پاڻ ۾ گفتار
بس غريبن جو جهنگ ننگ آهي, ٿا گلن جا ٿين محافظ خار
ڪنهن جي پرواهہ نہ آهي اي سانگي! آهي سانگين تي لطفِ حق بسيار
(ڪُلياتِ سانگي, ص: 250)

1994ع ۾ ٻيهر پليگ هندستان ۾ پکڙي ۽ پاڪستان ۾ بہ اِن جو خطرو هيو پر ميڊيڪل سائنس جي ترقيءَ جي ڪري اڳواٽ احتياط ۽ ويڪسين جي ذريعي اِن کي ڦهلجڻ کان روڪيو ويو. هينئر اِها بيماري گهٽي ڦهلجندڙ تہ ناهي رهي پر خطرناڪ ضرور آهي. سانگيءَ جي اِها شاعري ظاهر ڪري ٿي تہ هُو نہ رُڳو هڪ مؤرخ هو بلڪِ هُن اُن وقت جي حالتن کي بہ پنهنجي فن وسيلي بيان ڪيو آهي ۽ اِها خصوصيت ڪيس سماج جو نمائندو شاعر ظاهر ڪري ٿي جيڪو ايڏي وڏي قومي سانحي کي فن جي ذريعي تاريخ جو حصو بڻائي ٿو ۽ عوام جي ترجماني ڪري ٿو. مير عبدالحسين سانگي بنا شڪ جي هڪ رومانوي ۽ حب الوطن شاعر آهي. رومانويت ۾ هو پنهنجي محبوب, ڌرتيءَ ۽ هتان جي فطرت جي سونهن سان پيار ڪري ٿو ۽ ان کي شاعريءَ ۾ سمائي ٿو جنهن کي اسان سندس سماجي رومانويت, روشن خيالي ۽ ترقي پسندي چئون تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. مجموعي طور تي سانگيءَ جي ڪلام ۾ ساٿيهہ جي سِڪ سرس ملي ٿي ۽ انگريزن سان رشتيداري هئڻ جي باوجود هو ڌرتيءَ کي اوليت ڏئي ٿو. هن جي ماءُ انگريزڻ هئي ۽ هڪ گهرواري بہ انگريزڻ هئي, جيڪڏهن سانگي چاهي ها تہ انهن رشتن سبب انگريزن سان ملي سک واري زندگي گذاري ها ۽ سنڌ کي ڇڏي وڃي پنهنجيءَ امڙ جو ديس وسائي ها.

**مددي ڪتاب ۽ حوالا:**

1. ڪُلياتِ سانگي – ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ – سنڌي ادبي بورڊ، 2005ع
2. سانگي (شخصيت، فن ۽ ڪلام) – احسان بدوي – مڪتب اسحاقيه جونا مارڪيٽ ڪراچي 1964ع
3. لطائف لطيفي (احوال ۽ آثار شاهه عبداللطيف ڀٽائي) – تاليف: مير عبدالحسين سانگي – مترجم: مير عبدالرسول قادري بلوچ – ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ 2012ع
4. سنڌي غزل جي اوسر – اياز قادري – انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 1984ع
5. سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو – مختيار احمد ملاح – ڪانياواڙ اسٽور ڪراچي 2006ع
6. سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا – ڊاڪٽر غلام علي الانا – سنڌي لينگئيج اٿارٽي حيدرآباد 2006ع
7. ڪينجهر – مير عبدالحسين سانگي نمبر – ناز سنائي / راحيلا ناز – سنڌي ساهت گهر حيدرآباد 2006ع
8. سنڌي ادب جي تاريخ 2 – ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو – سنڌي لينگئيج اٿارٽي حيدرآباد 2005ع
9. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد ٽيون) – پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين – سنڌي لينگئيج اٿارٽي حيدرآباد 2011ع
10. گل ڦل – پرمانند ميوا رام – سنڌي ادبي بورڊ 2005ع
11. https://www.medicinenet.com/script/main/art.asp?articlekey=141316
12. https://www.britannica.com/science/plague/History
https://www.historytoday.com/archive/black-death-greatest-catastrophe-ever

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

# سائل آزاد جي شخصيت ۽ ڪلام: هڪ اڀياس

## A Research Study of the Poetry and Personality of Sail Azad

**Abstract:**

Sail Azad is a renowned poet of Radio Pakistan, Pakistan Television, films and stage. Very few of his writings have been published in newspapers or magazines. Most of his poetry is sung by popular vocalists of Sindhi and Urdu language, including Syed Suleman Shah, Humera Channa, Alan Faqeer, Ghulam Fareed Sabri Qawwal, Munni Begum, Ustad Amanat Ali Khan, Ahmed Rushdi, Mujeeb Alam, Muhammad Yousif and Hasan Jahangir among others.

He wrote in Sindhi, Urdu, Balochi, etc. Sindhi was his mother tongue. He was born in 1938 in Karachi and died in 2018. There is still no published book of his poetry collections. I have taken upon the effort to compile the poetry of Sail Azad in the form of a book which will hopefully soon be published by Sindhi Adabi Board, Jamshoro.

This is the first ever comprehensive paper on the life and poetry of Sail Azad.

سائل آزاد سنڌي ٻوليءَ جو هڪ مقبُول شاعر هو جنهن جو ڪلام ڇپيو تہ تمام گهٽ آهي پر اليڪٽرانڪ ميڊيا ريڊيو پاڪستان، پاڪستان ٽيليويزن، ڪيسيٽ ۽ فلمن وغيرهہ وسيلي تمام گهڻو پکڙيو. ڪيترن ئي وڏن وڏن ڳائڻن سندس ڪلام کي جهنگ جهر پهچايو. اهو ئي سبب آهي تہ پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل عام ڳوٺاڻي ۾ بہ هيءُ مشهور شاعر آهي.

هُن شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي. ريڊيي پاڪستان ۽ پي ٽي ويءَ تي پروڊيوسرن جي گُهرج مطابق هن هر موضوع تي لکيو. هاري، مزدور، ٻار، وطن جا نغما، مختلف شخصيتون قائدِ اعظم، شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو، شهيد بينظير ڀُٽو، ملالا يوسف زئي وغيره بہ سندس شاعريءَ جا موضوع رهيا آهن. چاڪاڻ تہ اڪثر ائين ٿيندو رهيو



Gul Hayat Institute

آهي تہ سرڪاري نشرياتي ادارن کي ڪنهن ورسيءَ، سالگرهہ يا ٻئي موقعي تي پروگرام ڪرڻ جو جڏهن او چتو حڪم ملندو آهي تہ پوءِ هُن کي ٿورڙي وقت ۾ پروگرام لازمي تيار ڪري هلائڻو پوَندو آهي. ان ڏکيءَ گهڙيءَ ۾ سائل آزاد جهڙا اديب ۽ شاعر ادارن لاءِ ڏاڍا ڪارائتا ثابت ٿيندا رهندا آهن.

سائل صاحب ڪيترا ئي ڀيرا ڪُجهہ ئي منٽن اندر موضوعن جي مناسبت سان شعر جوڙي ڏنا. انهن شعرن ۾ هُن رڳو تُڪ بنديءَ کان ئي ڪم نہ ورتو ويتر ان ۾ تخيل جي اُڏام بہ نظر ايندي تہ ٻوليءَ جي سُونهن بہ ملندي. جيئن هارين مزدورن بابت سندس لکيل هن تخيل ۾ خيال جي گهرائي پسي سگهجي ٿي!

خستور نہ ڪا مشڪ، نہ عنبر ۾ ملي ٿي،
پورهيت جي پگهر مان اُها سُرهاڻ اچي ٿي،

ڌرتيءَ کي جڏهن رت جو هي ريج ڏئي ٿو،
گلزار ٿين، اَن اُپن، پوک پچي ٿي.

پورهيت جي نہ جاڳي، تہ هُجي رات انڌيري،
پورهيت جي اُٿڻ سان ئي، پرڀات ڦُٽي ٿي.

دنيا ۾ اُها قوم، ٿي خوشحال گذاري،
محنت ۾ شب و روز جا مشغول رهي ٿي.

ماڻهوءَ کي حقيقت ۾، ٿي انسان بڻائي،
هيءَ علم جي دولت، وڏيءَ محنت سان ملي ٿي.

سائل صاحب سان منهنجي ڏيٽ ويٽ ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي ٿي، جتي مشاعرن، ادبي پروگرام 'رسالي' ۽ ٻين پروگرامن ۾ شرڪت دوران ساڻس قرب جون ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون. سندس ڳايل ڪلام خاص ڪري نشر ڪرڻ دوران ٻُڌڻ جو موقعو بہ ملندو رهندو هو.

منهنجي سائل آزاد صاحب ۽ ڪراچيءَ جي ٻين ليکڪن سائين علي محمّد مجروح، GM گليم، سائين رشيد صابر، شيخ عبدالحليم جوش، سائين اصغر هالي، سائين اقبال شاهين ۽ ٻين سان گهڻي لڳندي هُئي ۽ مختلف محاذن (Forums) تي



Gul Hayat Institute

سندن وڪالت بہ ڪندو رهندو هُئس ۽ آهيان. خاص ڪري ريڊئي پاڪستان ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت ۾ سندن وقار جتائيندو رهيو آهيان. مون انهن سنڌي اديبن ۽ شاعرن بابت ڪتاب 'ڪراچيءَ جا اديب ۽ شاعر' بہ لکيو جيڪي ڪراچيءَ جاوا آهن. انهيءَ ڪتاب تي ڪُجهہ دوستن چيو تہ جيڪي ڏاها سنڌ جي ٻين علائقن ۾ پيدا ٿيا آهن ۽ هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا, اُنهن کي بہ ڪتاب ۾ شامل ڪرين ها. مون چيو ايندڙ ڪتاب ۾ ائين ڪندس پر مُنڍ ۾ رڳو ڪراچيءَ جاوَن تي لکندس ڇاڪاڻ تہ انهن جي ايتري پذيرائي نہ ٿي ٿئي, جيتري ٻين ماڻُهن تي جاولن جي ٿئي ٿي. ڪتاب 'ڪراچيءَ جا اديب ۽ شاعر' سُرهاڻ ويلفيئر سوسائٽيءَ 2007ع ۾ شايع ڪرايو. سائل آزاد جي صدارت ۾ انهيءَ ڪتاب جي مهورتي تقريب مراد ميمڻ ڳوٺ گڏاپ ٽائون ڪراچيءَ ۾ ٿي.

منهنجا ڪجهہ ريڊيو پروڊيوسر ساٿي ڪراچيءَ جي اديبن, شاعرن ۽ فنڪارن بابت چوَندا هُئا تہ هنن جي سنڌي سُٺي ناهي. مان کين چوَندو هُئس سائين! هي همراهہ لياريءَ يا ڪراچيءَ جي ٻين علائقن ۾ رهن ٿا, جنهنڪري سندن سنڌي ٻوليءَ تي ٻين ٻولين جو اثر لازمي پوَندو. اهڙيءَ ريت سنڌ جي ٻين حصن ۾ رهندڙن جا مختلف لهجا آهن. جڏهن اسان انهن جي لهجن کي قبُول ڪريون ٿا تہ هنن جي لهجي کي ڇو نہ قبُول ڪجي؟ ڪراچي سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ آهي. هي همراهہ ابن ڏاڏن کان وٺي هتي رهن پيا ۽ سندن سُڃاڻپ بہ سنڌي آهي. تنهنڪري ڪراچيءَ ۾ موجُود ادارن تي سڀ کان ڀرپور حق هنن جو آهي. هي سنڌي اديب, شاعر ۽ فنڪار ڪراچيءَ جي سُڃاڻپ آهن. تنهنڪري هنن جو مانُ ۽ شانُ ڪنهن کان گهٽ نہ آهي.

سنڌ جي ثقافت کاتي, پي ٽي وي پروڊيوسر الطاف سُومري ۽ ٻين دوستن ڪراچيءَ ۾ 29هين آگسٽ 2013ع تي سائل آزاد سان رهاڻ رچائي ۽ کيس ڀيٽا پيش ڪري منهنجي پراڻي خواهش پوري ڪئي, جنهن ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر نظر محمّد ڳاهو بہ شريڪ ٿيو. ڳاهي صاحب سائل آزاد کي خراج تحسين پيش ڪرڻ سان گڏ سنڌي ادبي بورڊ پاران سندس شاعري شايع ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ۽ ڪلام سهيڙڻ ۽ ترتيب ڏيڻ جي ذميواري منهنجي حوالي ڪيائين. ڪتاب مڪمل ڪري سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي ڪيم. ڪتاب جو نالو 'ڪانهي ويل ويهڻ جي' (سائل آزاد جو ڪلام) رکيو ويو آهي. اهو نالو سائل صاحب پاڻ رکيو هو. ان کان پوءِ سائل آزاد ڪتاب جي نالي تبديل ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري. سندس خواهش کي مانُ ڏيندي



Gul Hayat Institute

ڪتاب جو نالو تبديل ڪيو ويو. موجوده نالو به سائل صاحب جو ئي رکيل آهي. ’گودڙين ۾ لال ملن‘ سندس لکيل هڪ وطن جي نغمي مان چونڊيو ويو آهي. اهو نغمو”جت گودڙين ۾ لال ملن، جت ڪک هيٺان لک لِڪن“ جميلا ناز، ماسٽر اياز علي ۽ ساٿين جي آوازن ۾ ريڊئي پاڪستان تان هلندو آهي. اهو ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ وٽ ڇپائيءَ جي اوسيئڙي ۾ آهي.

وڌيڪ تجزيي کان اڳ، سندس زندگيءَ ۽ سندس فني سفر جو ذڪر ڪجي ٿو. سائل آزاد جو اصل نالو غلام حُسين سُومرو هو. کيس گهر وارا بابوءَ جي نالي سان سڏيندا هُئا، جڏهن ته ادبي دنيا ۾ ’سائل آزاد‘ جي نالي سان مشهور آهي. هو ڪراچيءَ جي چنيسر ڳوٺ ۾ 1938ع ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو الهه بچايو ڏکڻ سُومرو آهي. سائل آزاد جو ڏاڏو رمضان واڍو به مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. سائل آزاد سوا چار درجا سنڌي پرائمري اسڪُول چنيسر ڳوٺ مان 1948ع ۾ پڙهيا. اُن زماني ۾ انجام نالي ڪراچيءَ مان هڪ اُردو اخبار شايع ٿيندي هُئي، جنهن جو ايڊيٽر عثمان آزاد هيو. اها اخبار سائل آزاد صاحب جو والد صاحب باقاعدگيءَ سان پڙهندو هو. انجام اخبار ۾ مجيد لاهوري حرف و حڪايت نالي سان مزاحيه ڪالم لکندو هو. اهو ڪالم سائل آزاد کي ڏاڍو وڻندو هو. هو ان ڪالم مان ايترو ته متاثر ٿيو جو پاڻ به لکڻ شروع ڪيائين. مجيد لاهوريءَ بعد ۾ روزاني جنگ ۾ اهو ئي ڪالم لکڻ شروع ڪيو ۽ جنگ اخبار سان لاڳاپجي ويو. سائل ان مزاحيي ڪالم کان متاثر ٿي اُردوءَ ۾ مزاحيا شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. اُن وقت هو غلام حُسين ناشاد جي نالي سان لکندو هو. ناشاد صاحب پنهنجي شاعري مجيد صاحب وٽ ڪٽي جنگ اخبار ۾ شايع ڪرائڻ لاءِ پهتو. اُتي سندس رهنمائي به ٿي ۽ لاهوري صاحب سندس تخلص ناشاد مان مٽائي شاد رکيو. ڪجهه عرصي کان پوءِ مجيد لاهوري صاحب وفات ڪري ويو ۽ سائل آزاد جو اهو رشتو ٽُٽي ويو. جنهن سبب کيس مجيد لاهوري صاحب کان باقاعدي تربيت حاصل ڪرڻ جو موقعو ته نه مليو پر هن لاهوري صاحب کي پنهنجو روحاني اُستاد مڃي ورتو.

سائل آزاد جي اُردو شاعري 1965ع ۾ اخبار نوروز ڪراچيءَ ۾ شايع ٿيڻ لڳي. علي محمّد اسير هتان جو سُٺو شاعر ٿي گذريو آهي. ان جي ڪتاب ’عيوب شعر‘ به سائل آزاد جي راهنمائي ڪئي. اُن کان پوءِ سائل آزاد سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪرڻ لڳو. سڀ کان پهريان سندس سنڌي ڪلام 1968ع ۾ ماهوار نئين زندگي ڪراچيءَ ۾ شايع ٿيو جنهن

Gul Hayat Institute

جو ايڊيٽر شمشير الحيدري هو. نئين زندگي اڳتي هلي حيدرآباد مان شايع ٿيڻ لڳو. هاڻي جهڙوڪر بند ٿي ويو آهي. تنهن کان پوءِ سائل آزاد جي شاعري مولانا دين محمّد وفائيءَ جي اخبار روزاني آزاد ۾ ڇپجندي رهي. سائل آزاد کي ڳائڻ جو شوق بہ هو. ابتدائي زماني ۾ قواليون ڳائيندو هو. قوال ڇوٽي صالح محمّد سان اُن جو وڏو ساٿ رهيو جنهن سان گڏ قواليون ڳائيندو هو. هُن سائل جو تخلص سائل آزاد تي رکيو. هُونئن سائل آزاد گهڻي پاڳي قوال اسماعيل آزاد جون قواليون ڳائيندو هو.

سائل آزاد جو ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي سڀ کان پهريان جيڪو ڪلام ڳايو ويو اُن جي ڌن نالي واري ڪمپوزر ۽ بينجي نواز بلاول بيلجيم تاهي هُئي، جڏهن تہ آواز ظفر علي، گليم سرور ۽ نجف عليءَ جا آهن. انهيءَ ڪلام جا ٻول هن ريت آهن.

تمنا آهي مُدت کان، اها سائل جي سيني ۾،

گُهرايو يا محمّد مُصطفيٰ! مدني مديني ۾.

ٽيليويزن تي هُو نالي واري شاعر شمشيرالحيدريءَ جي معرفت 1970ع ۾ آيو جتي عبدالڪريم بلوچ ڪانئس هڪ ڊرامي ۾ ڪردار ادا ڪرايو. اُن کان پوءِ هُو پي ٽي ويءَ تي سنڌي ۽ اُردوءَ ۾ لکڻ کان سواءِ مختلف پروگرامن ۾ ميزباني، خاڪا ۽ پروڊڪشن بہ ڪرڻ لڳو. سڀ کان پهريان 1971ع ۾ مهاڻن بابت هُن جو ڪلام عبدالله ڪڇي، اياز علي ۽ اُستاد محمّد حَسن جي آواز ۾ رڪارڊ ڪيو ويو جنهن جي موسيقي بلاول بيلجيم ترتيب ڏني هُئي. انهيءَ نغمي جا ٻول آهن:

ڪري سفيني جو سينگار،

اُتي خوشيءَ سان سِڙهُ سَنيار،

ساٿي هلڻو آ پار.

سائل آزاد وطن جا نغما، ٻارن جا نغما ۽ خاص موقعن جهڙوڪ عيد بَراد جا نغما بہ لکيا. سندس ٻارڙن لاءِ جيڪو پهريون نغمو رڪارڊ ڪيو ويو اُهو ”محبت جو قَل مِنڙو آهي، جيڪو پوکي سو ئي کائي“ آهي.

اهو نغمو پي ٽي ويءَ جي پروگرام روشن تارا ۾ رڪارڊ ڪيو ويو. هن مختلف اردو ۽ سنڌي فلمن جي لاءِ بہ نغما لکيا، جن ۾ سنڌي فلم ڦل ماڇي، جانو ڏاڙيل، طوفان، همت، ميراڻ جمالي جڏهن تہ اُردو فلم ڪاغذ کي ڦول ۽ پيار ڪا ساگر شامل آهن. فلم ’ميراڻ جماليءَ‘ جي لاءِ هُن مَڪالما بہ لکيا. جن فنڪارن سائل آزاد جو ڪلام ڳايو آهي اُنهن ۾

علڻ فقير، اُستاد محمّد يوسف، انور حُسين وسطڙو، منظور سخيراڻي، اُستاد امانت علي خان، مني بيگم، ٽينا ثاني، ماسٽر اياز علي، سيد سُليمان شاهه، ڇوٽي صالح محمّد قوال، غلام فريد صابري قوال، ظفر علي، ڪومل رضوي، مهناز، بلقيس خانم، حُميرا چنا، مجيب عالَم، احمد رُشدي، اسد امانت علي، حسن جهانگير وغيرهه اچي وڃن ٿا.

ڪراچيءَ جو سُڄاڻ صحافي نذير ڪاڪا ٻڌائي ٿو ته غلام فريد صابري قوال هڪ آڊيو ڪيسيٽ ڪڍي هُئي جنهن جو عنوان 'پيسا بولتا هي' هو. انهيءَ ڪيسيٽ جي شاعري سائل آزاد جي لکيل آهي. ان البم جي مشهوريءَ جو سبب به اها قوالي بڻي. ان قواليءَ جو آخري بند آهي:

*جو سائل تھا آزاد رہا، تیری زلفوں سے آزاد رہا،*
*ہر دور میں زندہ باد رہا، اور دونوں جگ میں شاد رہا۔*

سائل آزاد صاحب جي گهڻي شاعري سيد سُليمان شاهه ڳائي. سندس ڪجهه ڪلامن جا ٽُلهه ۽ ڳائڻ جا نالا هتي ڏجن ٿا.

01. جڳ ڏکن سکن جو ميلو آ، ميلي ۾ ڪو اڪيلو آ: علڻ فقير
02. هڪ وار ته آ تون اڱڻ هتي، پرين پوءِ اسان جو ڀاڳ ڪتي: اُستاد محمّد يوسف
03. حياتي حُسن وارن سان گذارڻ ڪو گناهه ڪونهي: انور حُسين وسطڙو
04. سوين دور دنيا جا ايندا ۽ ويندا، ڪڏهن گيت پنهنجا پُراڻا نه ٿيندا: حميرا چنا
05. سڄڻ اچ قرب ڪري وچ، پِرت جا پير پري وڃ: سيد سُليمان شاهه
06. دل تو کي ڏئي درد پِرايو، آهي مون پڇتايو: سيد سُليمان شاهه
07. سُهڻا سڄڻ مون کي ڇو پيو سَتائين؟ سيد سُليمان شاهه
08. اچ اکڙين ۾ ويهه يار مِٺا! سيد سُليمان شاهه
09. ڪري ڪانگا پرواز، سگهو وڃ سانگيئڙن ڏي: سيد سُليمان شاهه
10. ساريو سانگيئڙن کي اکيون روز روئن: سيد سُليمان شاهه
11. پرين پنهنجي درشن جو پيالو پيار، اُجايل اکين کي اچي ٿو قرار: سيد سُليمان شاهه
12. جان ڳڻتين ۾ ڳري، تو سِوا پَل نه سَري، تو کي دل ياد ڪري: سيد سُليمان شاهه
13. جت گودڙين ۾ لال ملن، جت ڳڪ جي هينان لک لين: جميلا ناز
14. راڻا او راڻا! رُسين متان سياڻا، مومل ڪري ماڻا: عبدالعزيز بلوچ
15. خستور نه ڪا مشڪ، نه عنبر ۾ ملي ٿي، پورهيت جي پگهر مان سُرهاڻ اچي ٿي: منظور سخيراڻي

16. تمنا آهي مدت کان سائل جي سيني ۾ (نعت سڳوري) ظفر علي ۽ ساٿي
17. درد جي دولت دل ۾ ڊار، درد بنا ناهي ديدار: بلقيس خانم ۽ اسد امانت علي خان

سائل آزاد شاعريءَ جي سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. اُردو ۽ سنڌيءَ کان سواءِ سرائڪي، پنجابي، پوربي، بلوچي ۽ گهيرا (جيڪا هندو پاڻ ۾ ڳالهائيندا آهن) ۾ شاعري ڪيائين. نثر ۾ مضمون، افسانا ۽ ٻيون صنفون به لکيائين پر مون کي سندس ڪا به نثري لکڻي هٿ نه اچي سگهي آهي. سندس ڪلامن جو تعداد تمام گهڻو آهي. هيل تائين سندس ڪو به ڪتاب شايع نه ٿيو هو. 'گوڏڙين ۾ لال ملن' سندس پهريون ڪتاب آهي، جيڪو مون ترتيب ڏنو آهي. اميد ته جلد ئي شايع ٿي ويندو.

سائل آزاد فني دنيا کان سواءِ ٻڪرا پڙيءَ ۾ منشيءَ جي حيثيت سان ملازمت ۽ تجارت پڻ ڪئي پر انهن پيشن کي گهڻو عرصو جاري نه رکي سگهيو.

سائل آزاد لڳ ڀڳ سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي پر سندس غزل وڌيڪ ليائيندڙ آهي. توڙي جو غزل جو عُنوان عشقيه آهي پر هُن ان ۾ عشق جو دائرو وسيع ڪيو آهي. عام ليکي ۾ غزل ۾ عورت جي واکاڻ هُوندي آهي پر سائل انسان ذات سان پيار، ڌرتيءَ سان محبت ۽ سچائيءَ کي غزل ۾ سُهڻي نمُوني اوتيو آهي. هُو چوي ٿو:

بي قراري قرار ڳولي ٿي،
ڪا خزان جيئن بهار ڳولي ٿي،
شهر تي راج آهي نفرت جو
دل نادان پيار ڳولي ٿي.

ٻئي هنڌ چئي ٿو:

هن دور ۾ انسان ٽيڻ راند ته ڪانهي،
هر حال ۾ خوش حال رهڻ راند ته ڪانهي،
هڪ ديد جي بدلي ۾ ڏيڻ ساهه تو چاهيان،
سائل ٿي اها سين هٽڻ راند ته ڪانهي.

ٻئي غزل ۾ چئي ٿو:

سُر راڻي مان اڄ پٽ ڏٽيءَ جا بيت پڙهي محسُوس ڪيم،
چڻ ڪاڪ ڪنڌيءَ تان مُومل جو مانداڻ ڪٽي آيو آهيان.

Gul Hayat Institute

سندس تشبيهه ڏاڍي نرالي آهي جنهن ۾ شاهه جي رسالي جي سُر مُومل راڻي جي سمجهاڻي ڏني وئي آهي. شاهه سائينءَ جي راڻي جي بيتن پڙهڻ سان ماڻهو تصوُرن ۾ ڪاڪ ڪناري پهچي ٿو وڃي ان ئي غزل ۾ موهن جي دڙي جي مِٽي به لاجواب انداز ۾ بيان ڪري ٿو:

اُٿ ڪر خُدا جو فرض ادا، اڄ پنهنجي نرڙ تي سائل،
موهن جي دڙي جي مٽيءَ جي، سُرهاڻ کڻي آيو آهيان.

هُو سنڌ ڌرتيءَ تي پنهنجي ڄمڻ ۽ موجُودگيءَ کي وڏو اعزاز سمجهي ٿو ۽ پاڻ کي موهن جي دڙي جي مٽيءَ جو تسلسل سمجهي ٿو. شاهه سائينءَ جي بيت ’پسو پکيئڙن‘ وانگر چئي ٿو:

وڃو مورن کان محبت جو سبق،
قرب ڪونجن جي قطارن کان پُڇو.

هُو سنڌي قوم جي ماضيءَ کي ياد ڪندي هن ريت ماتم ڪري ٿو:

جاڳائي ٻين کي جا، وڃي پاڻ سُمهي پئي،
سا قوم اڃا ننڊ مان، بيدار نه آهي.

سائل آزاد جي غزل ۾ فارسي رنگ به ڏِسڻ ۾ اچي ٿو. مثال لاءِ هڪ غزل جو هڪ بند پيش ڪجي ٿو:

بي مزه مئه ڪدي ۾، مئه ڪشن جي زندگي،
چشم ساقي ساڻ هو وابسته مئه خاني جو رنگ.

سائل آزاد اُردو شاعري توڙي جو ٿوري ڪئي پر جيڪي شعر ڪتاب ’گودڙين ۾ لال ملن‘ ۾ ڏنل آهن سي ڏاڍا پُختا ۽ دل ۾ گهر ڪري ويندڙ آهن. سندس ڪجهه شعر ته پاڪستان توڙي هندستان ۾ گهڻا مشهور آهن. سندس هيءُ غزل به ڪمال جو غزل آهي:

زنده ہے آدمی، مگر انسان مر گیا،
ایک شخص سارے شہر کو، ویران کر گیا،
اس شہر میں خیراتِ محبت نہ مل سکی،
دوران بند ہو گئی، سائل جدھر گیا۔

Gul Hayat Institute

سائل آزاد جيئي انسان جو نعرو به هڻي ٿو ته انسان کي خبردار به ڪري ٿو ته تون جيڪي ڪُڌا ڪم ڪرين ٿو. هٿيار ناهين ٿو، سي سڀ تباهيءَ جا سامان آهن:

منتظر آهي زمانو امن جي اعلان جو
سڀ چڙهي نعرا، هڻو نعرو جيئي انسان جو
مذهب انسانيت جهڙو ڪو ئي مذهب نه آ،
هي اکر آهن مون کي، چئني ڪتابن ۾ مليا،
خلقِ خدمت ڪرڻ سان، ٿو رهي راضي خُدا.
آهي هي فرمان، هر هڪ صاحبِ ايمان جو
سڀ چڙهي نعرا، هڻو نعرو جيئي انسان جو.
حضرت انسان! تون بيدار ٿيو ناهين اڃا،
زندگيءَ جي رازن کان، نا آشنا آهين اڃا،
ڪنهن جي لاءِ ايتمي هٿيار پيو ناهين اڃا؟
پاڻ مؤجد آهين، پنهنجي موت جي سامان جو
سڀ چڙهي نعرا، هڻو نعرو جيئي انسان جو.

سائل آزاد سمُوري انسان ذات جي ڳالهه به وڏي واڪي ڪري ٿو. هُن جيڪي به وطن جا گيت لکيا اُنهن ۾ سندس وطن سنڌ جي ساراهه ۽ سُڪار جي آس سمايل آهي. "سنڌ نالو اٿم" ۾ چئي ٿو:

پاڪ پروَر جو مون تي سدائين ڪرم،
آهي حامي سندم تاجدارِ حرم،
منهنجي پڙ ۾ قلندر به پاتو قدم،
منهنجي سِر تي آهي ڀِٽائيءَ جو عَلم،
منهنجا جهانگي ۽ سانگي، سڀئي محترم،
سنڌ نالو اٿم!

منهنجو سائل به آزاد سڏجي نه ٿو،
منهنجو مارو ڪو ئي شاد ڏِسجي نه ٿو،
منهنجو پورهيت به آباد ڏسجي نه ٿو
ڪنهن به فرياد جو داد ڏسجي نه ٿو

Gul Hayat Institute

ماٺ آهي پلي، چپ چور ڏنم،
سنڌ نالو اٿم!

2009ع کان سنڌي ثقافت جو ڏهاڙو هر سال ملهائجي پيو. سائل صاحب بہ اهڙن ميڙن ۾ شريڪ ٿيندو هوءِ پنهنجو ڪلام پيش ڪندو هو. سنڌي ٽوپيءَ جي واکاڻ سائل آزاد هن ريت ڪئي:

سوٽ بوٽ پائي، ڪو ئي صاحب سڏائي،
تاءِ لڳائي يا ڪٽي ٽوپلو پائي،
سنڌي ٽوپيءَ جو جيڏيون جواب ناهي.

نئين زندگي رسالي جي بند ٿيڻ ۽ سنڌي فلمن جي نہ نهڻ تي بہ هُو ڏاڍو ڏڪارو هو. هُن جو ڪلام تمام گهڻ ڇپيو. نئين زندگي رسالي ۾ ڪجهہ ڪلام شايع ٿيس. ان رسالي سان سندس اُنسيت تمام گهڻي هُئي جنهن جو اظهار هُن هتي ڏنل شعر ۾ ڪيو آهي. سندس هيءُ شعر نئين زندگيءَ جي شمشير صاحب جي زماني ۾ بند ٿيڻ دوران چيل آهي. اُن کان پوءِ نئين زندگي رسالو ٻيهر شروع ٿيو.

چؤطرف هيءَ خبر آهي گرم ٿي،
سنڌڙيءَ مان وئي لڏي، نئين زندگي،
ڪو چوي آهي سڀ ڏوهہ شمشير جو،
ڪو چوي پيو آهي مُجرم سُومرو،
جيترا وات اوتريون ڳالهيون ٻُڌو،
ڪين ٿو ’نئين زندگيءَ‘ جو پئي پتو.

پورهيت جي عظمت کي بہ سائل ڏاڍي سُهڻي نمُوني ڳايو آهي. پورهيت جي پگهر جي خوشبوءِ سان زماني ۾ سُرهاڻ ۽ محنت سان خوشحالي اچي ٿي. هاري مزدور پرهہ ڦٽيءَ جو جڏهن ننڊ مان اُٿن ٿا تہ ان منظر لاءِ سائل چئي ٿو:

پورهيت جي نہ جاڳي، تہ هجي رات انڌيري،
پورهيت جي اُٿڻ سان ئي، پرڀات ڦٽي ٿي.

اهڙيءَ ريت سندس شاعريءَ جا ڪيترا ئي رنگ ۽ روپ آهن، جن جو مزو وڏيڪ پڙهڻ سان وٺي سگهجي ٿو. سائل آزاد جا ڪيترا ئي سنڌي اُردو نغما نہ رڳو سنڌ ۾ مشهور



Gul Hayat Institute

آهن پر هند ۾ بہ مقبُول آهن. سندس شاعري نالي واري اُردو ڳائڻيءَ ڪومل رضويءَ چوري ڪري پنهنجي نالي تي ڳائي تہ سائل آزاد جو جيءُ جُهري پيو ۽ مختلف اخبارن وغيره ۾ واڪا ڪيائين. سندس هيءُ مشهور نغمو ڪومل رضويءَ چوري ڪيو آهي:

پربت کی پہنچ سے اُونچا ہے،
ساگر کی سوچ سے گہرا ہے،
یہ پیار جو تیرا میرا ہے۔

بهرحال سائل آزاد هڪ وڏو شاعر آهي پر افسوس آهي جو اسان ان جو قدر ناهي ڪيو. سندس ڪلام کي ڇپرائڻ جي سخت ضرورت آهي سائل صاحب جو ڪتاب سندس زندگيءَ ۾ ئي تيار ٿيو هو پر ڪن سببن جي ڪري شايع ٿيڻ کان اجا رهندو پيو اچي. سائل آزاد صاحب جي زندگيءَ جي آخري سالن ۾ طبيعت ناساز رهندي هُئي. تنهن هُوندي بہ هُن پنهنجي تخليق جاري رکي. بيماريءَ جي بستري تي سندس لکيل شعر بہ ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن. هُن جو روح بہ اسپتال جي بستري تان اُڏامي ويو. پاڻ ڏهين نومبر 2018ع تي، هڪ لڳي پنجويهن منٽن تي، ڇنڇر جي ڏينهن، نيشنل هاسپيٽل ڪراچيءَ ۾ گذاري ويو. اُن ڏينهن اسلامي مهيني ربيع الاول جي پهرين تاريخ هُئي. کيس سيد محمود شاهہ قبرستان، چنيسر ڳوٺ ڪراچيءَ ۾ دفنايو ويو.

سائل آزاد کي سندس خدمتن جي موٽ ۾ مختلف اعزاز بہ مليا جن ۾ پي ٽي وي ايوارڊ 2001ع، نئين زندگي ايوارڊ ۽ پاڪستان پبليڪيشن ايوارڊ 2000ع شامل آهن.

سندس اولاد ۾ پُٽ طارق علي مجاهد، ظفر علي، امير علي، بهادر علي ۽ نادر علي شامل آهن. کيس زرينا بانوءَ جي نالي سان هڪڙي نياڻي بہ آهي. سندس هڪ نياڻي سفينا ننڍپڻ ۾ ئي فوت ٿي وئي هُئي.

سائل آزاد جا پُٽ محنت مزدوري ڪري پيٽ پاليندا آهن. هُن جو هڪڙو پُٽ امير علي 'محمّد امير علي نوشاهي فريديءَ' جي نالي سان نعتون پڙهندو بہ آهي تہ نعتيہ محفلون ڪونائيندو بہ آهي. امير عليءَ ميٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي آهي جڏهن تہ سائل آزاد جا ٻيا پُٽ اٺين درجي کان اڳتي تعليم پرائي نہ سگهيا. امير عليءَ کي پنهنجي والد صاحب جي ڪلام سان تمام گهڻي دلچسپي رهي آهي. هُو پيءُ جو ادبي وارث پڻ آهي. امير عليءَ ان سلسلي ۾ سائل آزاد ادبي اڪيڊميءَ جو بُنياد بہ وِڌو آهي. سندس ان سڄي ڪم ۾ راهنمائي نالي وارو شاعر صاحب خان ميمڻ پيو ڪري.

صاحب خان ميمڻ، سنڌ پبلڪ لائبريري پٽائي آباد ڪراچيءَ جو باني جاويد مهر، سنڌ جو اڳوڻو چيف سيڪريٽري سُبحان ميمڻ ۽ ڪجهه ٻيا دوست سائل آزاد جي امداد ڪندا رهيا. سنڌ جو ثقافت کاتو پاڪستان اڪيڊمي ادبيات ۽ ٻيا ادارا به سائل صاحب سان سهڪار ڪندا رهيا.

سائل صاحب جي پونيرن سان انشاءَ الله تعاليٰ منهنجو سهڪار به جاري هو ۽ رهندو.

**حوالا:**


1. سائل آزاد سان مختلف وقتن تي ملاقاتون.
2. نالي واري شاعر صاحب خان ميمڻ سان ڳالهه ٻولهه.
3. سائل آزاد جي پٽ، امير عليءَ سان ڳالهه ٻولهه.
4. نذير احمد ڪاڪا سان ڳالهه ٻولهه.
5. سائل آزاد جي ڪتاب ’گوڏڙين ۾ لال لين‘ جو مسودو.
6. ڪتاب: ڪراچيءَ جا اديب ۽ شاعر، ڊاڪٽر ڪمال جامڙو، سرهاڻ ويلفيئر سوسائٽي سنڌ 2007ع.


Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر علي جان ٻرڙو/ڊاڪٽر حاڪم علي ٻرڙو

# جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي باني جمال ابڙي جي افسانن جو مختصر جائزو

## Literary Analysis of Short Stories of Jamal Abro: Founder of Modern Sindhi Short Story Writer

**Abstract:**

Short stories are reflections of any society in Sindhi Literature, Short Stories since the days of its inception depicts social reality and its truth. Moreover in evolution of short stories, many writers have played their due roles. Among these, Jamal Abro, as a short stories writer, stands out.

Jamal Abro was son of Ali Khan Abro. His distinguishing style in perspective of him chosen topics and his plots give him a distinctive place in Sindhi "Peerani", "Shah Jo Phar", "Maan Mard", "Muhn Kaaro", "Kaaro Pani" and "Khameesay Jo Coat" are same of his short stories whose titles are also extra ordinary and eye-catching comparatively other writer have less much expertise. Short stories based on characters are also his unique style such as "Pasho Pasha", "Hoo Hur Ho" are very famous also.

In this research paper literary analysis of Jamal Abro's work is briefly presented so as to mention all the qualities of his short stories that make the reader believe that his short stories are true reflection of our society.

جمال ابڙو ولد علي خان ابڙو 2 مئي 1924ع ڳوٺ سانگي، ديهہ منگواڻي تعلقي ميهڙ جي پرسان ضلعي دادو [تنهن وقت لاڙڪاڻو ضلعو] ۾ پيدا ٿيو. جمال ابڙي شروعاتي تعليم ڳوٺ منگواڻيءَ مان حاصل ڪئي، تنهن کان پوءِ سيڪنڊري تعليم لاڙڪاڻي شهر جي ميونسپل هاءِ اسڪول مان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۽ انٽر جي تعليم بهاءُ الدين ذڪريا ڪاليج ۽ ڊي. جي ڪاليج مان حاصل ڪئي. ڪم جي شروعات 24 سالن جي عمر ۾ 1948ع کان لاڙڪاڻي کان ڪئي، تنهن کان پوءِ ستت

Gul Hayat Institute

ٿي 1949ع ۾ شهدادڪوٽ ۾ پوليس پراسيڪيوٽر جي عهدي تي فائز رهيو. هُو 1952ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري سول جج ڪپرو (سانگهڙ) مقرر ڪيو ويو. 1972ع ۾ ڪيس سنڌ اسيمبليءَ جو سيڪريٽري فائز ڪيو ويو تنهن کان پوءِ جمال ابڙو مختلف عهدن تي پڻ مقرر رهيو. سندس وفات 30 جون 2004ع تي ٿي. جمال ابڙي کي ادبي پورهئي عيوض 2004ع ۾ صدارتي ايوارڊ براء حسن ڪارڪردگي سان نوازيو ويو. هُن ڪهاڻين لکڻ جي شروعات 24 سالن جي عمر ۾، 1949ع ۾، ڪهاڻي "هُو حر هو" سان ڪئي. سندس ڪهاڻين کي سنڌي ادب ۾ ترقي پسنديءَ واري نظريي تحت ڪنيو وڃي ٿو. سندس ڪهاڻين جي ٻولي نج سنڌي، عام ۽ بلڪل سولي آهن. ڪيس عوامي ڪهاڻيڪار چئجي، ته ان ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو. درحقيقت، جمال ابڙي جو شمار انهن جديد ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو جن سنڌي ڪهاڻي کي نئين موڙ سان نئين راهه هموار ڪري ڏني، تنهن کان پوءِ انيڪ ڪهاڻيڪارَ پنهنجي قلم جي نوڪ سان سندس ڏسيل راهه تي نڪري پيا ۽ انهن ڪهاڻيڪارن پنهنجين ڪهاڻين ۾ اهڙا ته ڪردار تخليق ڪيا، جو اهي اسان جي معاشري ۾ جيئرا جاڳندا ۽ ساهه کڻندي محسوس ٿين ٿا. اهڙي ڪهاڻي يا افساني کي اسان ڪرداري ڪهاڻي يا افسانو به چئي سگهون ٿا. جمال جي افسانن ۾ حقيقت نگاريءَ ۽ ڪردار نگاريءَ کي تمام وڏي اهميت حاصل آهي. پشو پاشا ڪتاب پهريون دفعو 1959ع ۾ ڇپيو. تنهن کان پوءِ سندس اهميت کي ڏسندي مختلف وقتن تي ٻيهر ڇاپيو ويو. ان ڪتاب جو ٻيو ڇاپو 1972ع، ٽيون ڇاپو 1976ع، چوٿون 1992ع ۽ ڇهون ڇاپو 2016ع ۾ شايع ٿيا. ان ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت کي ڏسندي ان کي مختلف ٻولين ۾ پڻ ترجمو ڪيو ويو آهي. جمال ابڙي جي فن، فڪر ۽ لکڻيءَ جي حوالي سان، سماج اندر اهميت کي بيان ڪندي، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي لکي ٿو:

"جمال ابڙو پهريون ئي فنڪار آهي، جنهن فن ۽ مقاصد ۾ ظاهر ظهور حقيقت نگاريءَ جو رواج وڌو. ڪانئس اڳ ۾ انفرادي ڪوششون ضرور ملن ٿيون. ليڪن انهن جي منظم وجود جو ثبوت ڪو نه ٿو ملي. جمال ابڙي وٽ حقيقت نگاري روسي اديبن وانگر بلڪل نوس شڪل ۾ ملي ٿي. هو پنهنجي ڪهاڻين جا موضوع سنڌي سماج جي تلخ حقيقتن مان کڻي ٿو جيڪي زندگيءَ جا نهايت ئي بد زيبا روپ آهن. جمال ابڙي هڪ اديب جي حيثيت ۾ محسوس ڪيو ته سنڌ جا ماڻهو صدين کان انڌن عقيدن ۽ رسمن جي اذيت ناڪ پيڙا ۾ مبتلا آهن. هن سنڌي ماحول ۾ جهاتي پائي ڏٺو ته ڪيس اهڙا ڪيئي



Gul Hayat Institute

مجبور انسان ڦٿڪندا ۽ تڙپندا نظر آيا. جيڪي خود ساخته قانون ۽ سماج جي ٻي جوڙ ٻنڌڻ ۾ ڦاٿل هئا. جتي ماحول جي خسته حاليءَ انسان جي جيئڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ جي فطري امنگن ۽ خواهشن کي چيپاتي ڇڏيو هو. هن سنڌي ماحول جا قبيح لڱ ڪاڻا ڏاريندڙ ڏيک ڏنا. جتي ٻي ٻها انساني جانين جو ڍورن وانگر وڪرو ٿئي ٿو ۽ ٻانهون ڪامن ٿيون.“[1]

اهي سڀ رنگ سندس مشهور ڪهاڻي ”پيراڻي“ ۾ ڏسي سگهجن ٿا. جنهن ۾ کهڙيءَ ريت انسانيت جي لتاڙ ڪئي ٿي وڃي. هيءَ ڪهاڻي حقيقت نگاريءَ سان ڀريل ملي ٿي ۽ زندگيءَ جي هڪ تلخ حقيقت پڙهندڙن اڳيان رکي ٿي. ته ڪهڙيءَ ريت لاڏائو پنهنجي زندگي بسر ڪن ٿا. ان بابت ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي وڏيڪ لکي ٿو ته:

”پيراڻي“ جتي فطرت کان مجبور انسان کي ”ڪارو ڪاري“ ڪري ڪٺو وڃي ٿو ۽ پنهنجي بهيمانه خواهش کي ڪوڙي انانيت جو ويس پارايو وڃي ٿو.“[2]

سندس ڪهاڻين ۾ ”شاهه جو ڦَر“، ”پشو پاشا“، ”بدمعاش“، ”ڪارو پاٽي“، ”پيراڻي“ ۽ ”پاشا“ شامل آهن. جمال ابڙي کي سنڌي ادب جي اُستاد افساني نگارن ۾ به ڳڻيو ويندو آهي. سندس افسانا فن، فڪر، مقصد ۽ موضوع جي تناظُر ۾ لکيل آهن. بلڪِ هُن ٻين افساني نگارن وانگي هڪ ئي هنڌ ڳنڍ نه ڏني آهي. ”شاهه جو ڦر“، ”پشو پاشا“، ”بدمعاش“، ”پيراڻي“، ”خميسي جو ڪوٽ“، ”لاري“، ”بدتميز“ ۽ ”ڪارو پاٽي“ وغيره ۾ ڏتڙيل، هيسيل، هيڻا ۽ هيڻاهين سماج جا عڪس چٽيءَ طرح ڏسي سگهجن ٿا. پروفيسر سليم ميمڻ لکي ٿو ته: ”حقيقت ۾ جمال، زندگيءَ جو ترجمان افساني نگار آهي. زندگي، جنهن جا اٽڪت سلسلا، بي حساب جلوا ۽ ڪيئي رنگ ۽ روپا آهن. تن کي جمال ابڙي پنهنجن افسانن ۾ نهايت سادگيءَ، سچائيءَ ۽ اختصار سان پيش ڪيو آهي. جڏهن ته معاشرتي ڏاڍ، ڏتڙيل عوام جي اهنجن ۽ سورن، ڏکن ڏاکڙن، لاچاريءَ ۽ بي وسيءَ جي چٽڻ کي به نهايت اثرائتي انداز ۾ چٽيو اٿس.“[3]

سندس خيال روان بيان، ننڍن ننڍن جملن، سنڌي چوڻين، تشبيهن ۽ اَستعارن سان ٽِمٽار نظر اچن ٿا. هُن ٻاهر وڃڻ سان گڏ سنڌ جي ڪردارن کي به ترجيح ڏني آهي. جمال ابڙي جا افسانا سماجي حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل آهن جيڪي علامتي به آهن ته تصوراتي به آهن. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته: ”جمال هڪ اهڙي انسان جي نظر سان سماج ۽ اُن جي سنن ۽ خراب ماڻهن کي ڏٺو جي جج جي سامهون اچن ته ڇا ٿئي؟ هُن جا ڪردار جي اَرڏا آهن ته سماج اُنهن جي ڪنڌ تي لَت رکي، اُنهن کي اهڙو بڻايو.“[4]



Gul Hayat Institute

جڏهن تہ جمال ابڙو پيشي جي لحاظ کان جج هو ان ڪري هن انهن ڪردارن کي پنهنجن ڪهاڻين جا پلاٽ بڻايا. جيڪي ڪردار سندس چوگرد گهمندي ڦرندي لڳا، ۽ انهن ڪردارن کي هن محسوس ڪندي پنهنجي مشاهدي تحت تخليق ڪيا، ۽ انهن ڪردارن کي ويجهڙائيءَ کان ڏسي ڪري، پنهنجن ڪهاڻين ۾ جڳهہ ڏني، تہ پڙهندڙ هن پاسي بہ ڌيان ڏين، تہ اسان جي معاشري ۾ ڪوڙ ساريون بُرايون موجود آهن ۽ انهن برائين جي پاڙپٽي سماج ۾ هڪ سڌريل نئون نظام جوڙيو وڃي. جمال ابڙي اهي ڪردار تخليق ڪيا جيڪي ڏوهارين، زميندارن، ڌاڙي، انياءَ، جبر ۽ سماجي اڻبرابريءَ واري ماحول ۾ مسلسل پيوڳي رهيا هئا، هن اهڙن ڪردارن کي تخليق ڪندي، انهن ڪردارن کي قومي ڌارا، ذاتي ۽ انفرادي حيثيت ۾عوام اڳيان نروار ڪيو. ان کان سواءِ نسلي يا خانداني حالتون بہ ڪردار کي تخليق ڪنديون آهن ۽ جمال ابڙي بہ اهڙا ئي ڪردار تخليق ڪيا، جن ڪردارن کي نفسياتي حوالي سان، هر پاسي کان جاچي ڏٺو پوءِ انهن ڪردارن کي تخليق ڪيو جيڪي سندس ڪهاڻين جا موضوع آهن. جنهن ۾ مقامي رنگ چٽو ملي ٿو. هتي اسان سندس ڪهاڻين جو مختصر جائزو بيان ڪنداسين.

”مان مڙد“: هن ڪهاڻيءَ ۾ جمال ابڙي انڌي قانون کي پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ انسانيت نالي جي ڪا بہ شيءِ موجود نہ آهي. ماڻهو ماڻهو کي ائين ٿو کائي ڄڻ تہ اڳيان انسان نہ، جانور بيٺل اٿس. ظالم ڪير بہ ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ ضروري ناهي تہ اهو ڪو مرد هجي. هن معاشري ۾ ظالم عورت بہ ٿي سگهي ٿي. هر طرف انڌير نگري جو راڄ، راڪاس وانگي ماڻهوءَ جي پُٺيان آهي. شريف ماڻهو هر جاءِ بي وس ۽ لاچار آهي، ۽ ڪميڻا ماڻهو پيا هر جاءِ تي حڪومت ڪن. جيئن وڻين، تيئن پيا ڪن ڪين ڪا بہ جهل پل ڪانهي ملڪ جو ڪو بہ نظام ڪونهي، جنهنڪري چورن حوالي ملڪ جون واڳون ڪيون ويون آهن.

> ”بيهر پڳس. ساڳي ڪار، جنهن جي هٿ چڙهان، سو چار ڏينهن رهائي وڪڻيو ڇڏيم. انڌير نگري هئي. ڏڪا ٽاپا کائيندو، چورن وانگر وِڪامندو اچي، هڪ نئين قبيلي ۾ نڪتس. اتي جي سردارڻ جان تان ڇڳيري نندي نيٺي هئي. هن کي مان وٺي ويس. ڪٺي نڪاح ۾ آندائين. مان بہ رلي رلي ٿڪو هئس، بغاوت ۽ ڪشمڪش ڇڙهيون هٽي مري ويئي. مٿي ڇانوَ ڪري ويهي رهيس.“(5)



Gul Hayat Institute

هتي پيار ۽ خلوص جو ڪو بہ ملھ ڪونهي. هتي بدڪردار ماڻهن جي ضرورت آهي. شريفن جي نہ!

"بدتميز": هن ڪهاڻيءَ جي اندر ڊاڪٽر جهڙي پيغمبري پيشي کي ڏيکاريو ويو آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽرسماجي اڻبرابريءَ جي ڪردار تي بيٺل نظر اچي ٿو جنهن وٽ ماڻهوءَ جو ڪو بہ قدر ڪونهي، جنهن وٽ صرف ۽ صرف ڪرسيءَ جي اهميت آهي. ماڻهو پل پيا مرن، تنهن جي ڪا بہ ڳڻتي ڪانهي، بس سندس ڪيسو گرم رهي، ان جي ڪيس ڏاڍي ڳڻتي رهي ٿي، ۽ جنهن ماڻهو وٽ ڪجھ ناهي،غريب آهي، اُن سان چڙ تہ ڪاريهر وارو وير اٿس. جنهن وٽ ڪرسي ۽ دولت آهي اُن اڳيان اِهي مسيحا چڙ انهن جا غلام هجن.

"مان مئجسٽريٽ آهيان. پئسي وارو آهيان. ميچيءَ ماني وارو ۽ ڪجھ هلنديءَ پڄنديءَ وارو. منهنجي ڪِڪڙي بيمار ٿي پيئي. سج پئي لٿو پڄندو ڊاڪٽر ڏي ويس. ڊاڪٽر صاحب جي ڪمائيءَ جي سيزن. موسم هئي، ڪُتو نہ ٿي پڳو. نرڙ ۾ گُھنج. چڙيو چِڙيو ٿي ويو. مريض پچ پچ تي، دڙڪن تي. مون کي ڏسي مشڪيو "اچو سائين!" دلداري ڏيئي چيائين. "اجهو ٽا هلون!" تڪڙ ڪانہ هئي، ويهي رهيس. چيو مانس، "پلي ڪم اُڪلائي وٺ."[6]

هن ڪهاڻي مان اِهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اسان جي سماج اندر پئسي جي هوس، ماڻهپي جي ڪوٽ ۽ انسانيت کي وساري ڇڪي آهي. بس ماڻهو هن وقت مال ميڙڻ جي پنيان لڳي پيو آهي، اُها پلي حرام جي دولت ڇونہ هجي.

"پيراٽي": هن ڪهاڻيءَ جي اندر بک، بيوسيءَ ۽ لاچاري کي بيان ڪيو ويو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ لاڏائن کي ڏيکاريو ويو آهي. جيڪي پيٽ جي باھ کي اُجهائڻ جي لاءِ پنهنجين نياڻن کي چند ٽڪن جي عيوض ڪريو ڇڏين. انهن سان ڪهڙي حالت ڪئي وڃي ٿي، تنهن کي سامهون رکيو ويو آهي. هيءَ هڪ جاندار ڪهاڻي آهي جنهن ۾ ماءُ جي پنهنجي، اولاد لاءِ محبت کي ڏيکاريو ويو آهي. ليڪ هڪ هنڌ ڏيکاري ٿو تہ:

"پَٽ ۾ پيل پيراٽيءَ کي لالوءَ جي پيءُ جهليو. پيراٽيءَ جي پيءُ جي نڪ ۾ اکين جو پاڻي سندس ڏاڙهيءَ مان ٿي ٽمڪيو ۽ ڦٽڪندڙ زال کي پئي جهليائين. لَڏ رواني ٿي، پيراٽيءَ اوباسين ۾ "ابا ۽ اما" پُڪاريو. ماڻس کي گهليندا ويا ۽ پري کان آواز ايندو رهيو "او جِي خدا، منهنجو پيراٽي نندڙو!... او ٽڪر کي باھ لڳي...، سنڌ وسي...، منهنجو پيراٽي نندڙو!" هن وار پئي پٽيا."[7]

جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ تخيل جي اُڏار حقيقت پسنديءَ سان نظر اچي ٿي. ڪردار جي جون ڪيفيتون ۽ مڪالما وقت ۽ حالتن پٽاندر آهن.

”شاهه جو ڦر“: هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ سيد جي ڪردار کي وائکو ڪيو ويو آهي، جنهن کي سماج جي اندر وڏي عزت وارو لقب مليل آهي. ڪيس پنجتن سان شجرو جوڙڻ جي ڪري سڀ ڪو عزت جي نگاهه سان ڏسندو آهي. ڪيس پاڻ کي سڀ جڳائي جيڪو وٺيس سو ڪري، ڪيس ڪوبه روڪڻ يا ٽوڪڻ وارو ڪونهي. پاڻ کي ٻئي جهڙو سمجهي ئي ڪونه ٿو.

”پر اچ سندس مقابلو ڪنهن ٻئي جانور سان هو. بگهڙ واري رومڙ ڪيو سڏو هليو آيو ”اُمتڻ تي اهلبيت کي مامو ڪري؟“ هڪ ئي لت سان ممڙي ليٽڙيون پائيندي ويئي. ڪانئس هڪ دانهن نڪتي، ”شائين!“ شاهه سچو ڪاوڙ ۾ پئي ڏڪيو. چئن تي جهليس. چي، ”... اهلبيت کي مامو! ... اهلبيت کي مامو!“ جيئن شاهه ان تي غور ڪيو تيئن تي ڪيس اها گار وڏي نظر آئي.“[8]

ذات پات ۽ ننڍ وڏائيءَ جو فرق انسان ذات جي، انسانيت تي هڪ بد نما داغ آهي، سڀئي مخلوق خدا جي تخليق ڪيل آهي، جڏهن ان وٽ ڪو فرق ڪونهي، ته انسان ذات پاڻ کي سيد ۽ اُمتي جي وڇيڙي ۾ وجهي، چو غلطان تي رهيو آهي! سنڌ جي سيدن جو اهڙو رويو جيڪو هو پاڻ کي سيني ڪان اُتم ۽ اعليٰ تصور ڪري ٿو اهائي سوچ برتريءَ واري رويي ۾ مبتلا ڪريس ٿي، جڏهن ته ماڻهو پنهنجي محبت ۾ ڪين ماڻ ۽ مرتبو ڏئي ٿو.

”بدمعاش“: هن ڪهاڻيءَ ۾ غربت، مسڪيني، لاچاري ۽ سماج طرفان مليل زخم ڏيکاريل آهي، جنهن ۾ نفرت، ڌڪار، ويڳاڻپ ۽ پنهنجن پراون جا سور اٿس. خاص طور تي، سماج اندر انڌن ڪارن ڪرتوتن کي لڪائڻ لاءِ جيڪي عام ماڻهو تي ظلم، ڪيس يا ڏاڍ ڪيا وڃن ٿا تن کي وائکو ڪيو ويو آهي، ته شريف کي هرو ڀرو تنگ ڪري وڏيري يا پئسي واري کي خوش ڪرڻ لاءِ اجايا سجايا الزام لڳائي، قابو ڪرايو وڃي ٿو. هن ڪهاڻيءَ جو خاص مقصد آهي. هن ڪهاڻي جو هيرو چئجي يا وري غندو؟ جنهن ڄمندي سور ڏٺا ۽ سڄي حياتي انهن سورن ۾ گذاريو جيڪو زخم ڪيس سماج ڏنو. هن ڪهاڻيءَ ۾ جمال ابڙو هيري جي مظلوميت کي هن ريت بيان ڪري ٿو:

”ڪيس سنٽر جيل موڪليو ويو لولو جمعدار جيلر ٻڌجي چڪو هو هن ڪيس چوڪنيو ٻڌايو. ڪيس اگهاڙو ڪرايو ۽ ڪيس ڏنڊي لنگهائي. هن کي اونڌو

ڪري سنتر جي وڻ ۾ لڙڪايو ويو. سندس ڏندڙي ڪڍي ويئي. رت وهي هليو. چيائون تہ سوري هيس. لولي جيلر ڪيس ٽڏو هنيو چيائين، ”بدمعاش!“[9]

هن ڪهاڻيءَ ۾ سماجي اڻبرابري ۽ ڏاڍي جي لٽ ڪي بہ مٿا ڏيکاريو ويو آهي.

”مُنهن ڪارو“: هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ڳوناٺو ماڻهو ڏيکاريو ويو آهي ۽ جڏهن هُو تهذيب يافتہ، پڙهيل، لکيل ماڻهن ۾ اچي ٿو جتي انساني وقار ۽ ماڻهوءَ جي اهميت کي ڏيکاريو ويو آهي، تہ هن جديد دور ۾ بہ انسانن جي روپ ۾ رهزن موجود آهن. هڪ پنج وقت نمازي دينو جنهن سان قانون جي رکوالن جيڪا جُٺِ ڪئي سا ڪنهن کان لڪل يا ڳجهي ڪين آهي. قانون جا رکوالا ئي، جڏهن قانون هَٿَ ۾ کڻن تہ پوءِ عام ماڻهوءَ جو ڇا ٿيندو. انڌي عقيدي کي واڱکو ڪيو ويو آهي، تہ ماڻهوءَ وٽ ماڻهوءَ جي ڪا بہ عزت ڪانهي رهي، رڳي کوکلا لفظ بچيل آهن. ماڻهوپڻ مري ان جي ڪا بہ ڪنهن کي پرواهہ ڪانهي، بس ڳٽتي غلط ريتن، رسمن کي بچائڻ جي آهي. هن ڪهاڻي ۾ جمال ابڙو لکي ٿو تہ:

> ”پيري وٽن جي وچ ۾، قبي جي اندر . پٿرن مٿان ڏيئن جي جهرمر ۾ قيمتي پٿر تجلا ڏيئي رهيو هو. سنها سنها تجلا! ڄڻ تہ سُيون هيون، خناق جون سيون! ٻاهر مواليا جا ٽمڪڙا پئي پيا. پِير ڏني جي ڄمر تي، الله ڏني جي موت تي. سُلفين جا دگاڙا ٿي لڳا، پيير سائين مٺل جا دنبا ٿي هنيائون. دين محمد جا نالا وٺي لعنتون ٿي موڪليائون.“[10]

هن ڪهاڻيءَ ۾ جيئري انسان جي ضرورت کان وڌيڪ مُدي خارج ريتن، رسمن ۽ مٽيءَ جي ڍير سجاوٽ کي اهميت ڏني وئي آهي.

”هُو حُر هو...“: هيءَ ڪهاڻيءَ ۾ انگريزن ۽ حرن جي وچ ۾ ٿيل جنگ ۽ مقابلن کي ڏيکاريندي، ورهاڱي کان پوءِ جي حالتن کي پڻ فوڪس ڪيو ويو آهي. جيڪو انگريزن ظلم، ڏاڍ ڪيو تنهن کي واڱکو ڪيو ويو آهي، تہ ماڻهن ڪيئن انهن جي ظلم کان تنگ ٿي هٿيار هٿن ۾ کنيا. تن کي قانون جي رکوالن ڏاڙيل، رهزن ڄاڻائي مارائي ڇڏيو.

> ”اڄ خيري تي گهيرو هو. بندوق، بم، مشين گنون ۽ اسٽين گنون ـ چاليهہ ملٽريءَ جا جوان. هوائي فير ڪري خيري کي اطلاع ڏنو ويو. ڄڻ تہ سُتل شينهن جاڳيو. گولين جا مينهن وسي ويا. خيري، حسينہ جي منهن تي محبت جي آخري مهر هنئي ... گوليءَ جو جواب گوليءَ سان ۽ بم جو جواب بم سان.

حسينہ مُشڪندي ڪيس گوليون ڏيندي رهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ مقابلو
هليو... ۽ هڪ آخري بم خيري جي بدن سان ٽڪر کاڌو... حسينہ ڳنڀير ٿي
وئي ۽ ڇهن مهينن جي ولي عهد زور سان زمين تي چڙهيون هنيون.“[11]

هن ڪهاڻيءَ ۾ انساني جذبن جي قتلام ۽ قانوني هڪ هٽيءَ کي ڏيکاريو ويو
آهي.

”ڪارو پاڻي“: هيءَ ڪهاڻي ٻوڏ جي تباهيءَ ۽ بربادي جي ڪهاڻي آهي، جيڪا
مڪمل طور تي سمجهاڻي واري ڪهاڻي آهي. قدرت جي طرفان ستم ظريفي جي هڪ
ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ڏڪ، سور، ماڻهن جانورن جي مرڻ ۽ تڪليفن ۾ ڪيئن ٿو پنهنجو
پنهنجي کي وساري ويهي. ماڻهو بي گهر در در جون ٺوڪرون کائڻ تي مجبور ٿي ٿا وڃن.
غربت کي ڏيکاريو ويو آهي، تہ ٻوڏ ڪيڏيون تباهيون آڻيندي آهي.

”ماڻهو ويچارا دربدر ۽ بي گهر ٿي ويا. سرڪار تقاويون ڏنيون. وڏيرن شهرن ۾
وينئي ئي ڳوٺاڻن جو حصو ورتو. ڪامورن ڪمدارن جاوا ڪيا. سندن ٻيگهي
مڇي ويئي. ويا ڏڪويلن کي ڏڪائيندا، ۽ مئلن کي ماريندا.“[12]

هن ڪهاڻيءَ ۾ انساني بي وسي ۽ لاچاري ڏيکاري وئي آهي، اهو ئي پاڻي جيڪو
زمينن ۽ انسان جي ضرورتن کي پورو ڪري ٿو پر جڏهن ٻوڏ جي صورت ۾ اچي ٿو تہ اڇو
اُجرو پاڻي ڪارو بڻجي وڃي ٿو. اهڙي بي وسيءَ جي حالت ۾ وڏيرا ۽ ڪمدار، پنهنجي
حرص کي ويتر وڌائيندا، ڪين غريبن جي ڏکن ڪابہ پرواهہ ناهي هوندي.

”مهرباني“: هن ڪهاڻيءَ جو خاص موضوع سرمائيداري آهي، جيڪي ٻاهر رهن ٿا،
۽ جڏهن پنهنجي ملڪ موٽي اچن ٿا، تہ پنهنجي ملڪ کي ناهڻ بدران اتان جي ڳالهہ
ڪندا تہ فلاڻي ملڪ ۾ هيڏي ترقي آهي، فلاڻي ملڪ ۾ هيڏي ترقي آهي. هتي ڏسو ساڳي
حالت ساڳي بدبو ساڳيا ماڻهو ۽ ساڳيون ڳالهيون، ڪنهن ڪم جا نہ ڪار جا. غريب
هن سماج ۾ ڇميو ڇو آهي! هن کي ڇمڻ شرط ئي ماري دفنائي ڇڏڻ گهرجي! جڏهن تہ
پنهنجي هوس کي پوري ڪرڻ لاءِ اُهي پيپ وڏا ۽ سرمائيدار ماڻهو غريبن جي عزت سان
کيڏڻ ۾ بہ عيب نٿا سمجهن.

”تون پڻين ڇو ٿي؟“

”ڇا ڪجي صاحب؟“ هن سڌو جواب ڏنو.

”تنهنجو مڙس ڪٿي آهي؟“

Gul Hayat Institute

”منهنجي شادي ڪانہ ٿي آهي. بابُو صاحب، پيسو!“

اسان جي اکين ۾ شرارت پرجي آئي. سڀ مُشڪڻ لڳاسين، ”پوءِ تو هي پُٽ ڪٿان آندو؟“

هن ڪنڌ لاڙي نماڻين اکين سان اسان ڏي نهاريو ”اها اوهان صاحبن جي مهرباني آهي، بابُو صاحب!“(13)

سماج اندر سڀ کان خراب ۽ ڪِريل حرڪت غريب جي بي وسيءَ ۽ غربت جو ناجائز فائدو ڪڻڻ آهي ۽ اهڙوئي فائدو ڪو بابو صاحب فقيرياڻيءَ جو ڪٽي ٿو. هي سماج غريب ڪان جيئڻ جا وسيلا تہ ڪسي سگهي ٿو پر سچ ڳالهائڻ جي سگهہ ڪوئي ڪسي نٿو سگهي. انهيءَ ڪهاڻيءَ جون آخري سٽون سماج جي حقيقت کي ننگو ڪري ڇڏن ٿيون، جيڪي هن ريت آهن:

> ”اسان کي جڻ تہ ڪنهن ٺڦڙ هٽي ڪڍي، ڪپڙا لاهي وڌا. ننگو ڪري ڇڏيو. مٿي ۾ ڦيريون اچڻ لڳيون. تہ اسين بہ بدبودار گند ۾ سرڪندڙ ڪينئان هٽاسين. سُرهاڻ مان بي خبر، انڌا، ٻوڙا، جهل جا ابا!“ (14)

شيون جيئن ٻاهران ڏيک ڏينديون آهن، ضروري ناهي تہ انهن جو اندر بہ اهڙو هجي. هن ظالماڻي سماج جو ٻاهريون ڏيک ڪيڏو بہ خوبصورت هجي، پر اندر غلاظت سان ڀريل هوندو اٿس.

”خميسي جو ڪوٽ“: هن ڪهاڻيءَ ۾ مفلسي ڏيکاريل آهي تہ غريب ويچارو غربت ۽ بيماريءَ جي هٿان ڪهڙيون پوڳنائون پوڳي ٿو. جمال ابڙي جي هيءَ ڪهاڻي هڪ ڪرداري ڪهاڻي آهي، ۽ اهڙو ڪردار سنڌ جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پسي سگهجي ٿو. سموري ڪهاڻي جتي غربت جو داستان ٻڌائي ٿي، اتي ئي سماج جي رائج ٻٽي معيار کي بہ اگهاڙو ڪري ٿي. ليڪڪ جيڪو پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي، سوئي پڙهندڙن آڏو پيش ڪيو اٿس.

> ”ٻئي ڏينهن وري ساڳي ڪار، ٻاهر نڪتس ۽ خميسي رڙ ڪئي، ”آ ملان!“ ۽ وٺي پڳو خبر نہ آهي هن کي مُلان سان اهڙي نفرت ڇو هئي. پهر سچ نڪرڻ ڏاري مان خميسي جي گهر وٽان لنگهيس. ڇنل کٽ تي اس ۾ پراڻيءَ رليءَ هينان ويڙهيو سيڙهيو پيو هو. ماٺس ڇيڻا ڪيندي چيو:
>
> ” مال وٺي موٽيو آهي تہ ٻيٽو تي ڪِريو آهي، ٽُڪر بہ نہ کاڏائين. مهيني کان ٻيئڙ تو اچيس، مُلان نورل کان ڌاڳو ٻڌايو بہ هومانس!“ مون بہ رلي مٿي کڻي ڏٺو.



Gul Hayat Institute

”پِشو پاشا هڪ مثبت ۽ ڪليل ڪردار آهي جو اتساهه (Inspiration) لاءِ چوڦير ۽ مٿي ڪليل فضائن ۽ زميني حالتن کان متاثر ٿي عوام جي رهبري ڪري قربان ٿي ٿو وڃي.“[17]

پر ان حوالي سان وري شمس الدين عرساڻي صاحب جن هتي هيئن لکن ٿا ته :

”پشو پاشا“ وڏي حد تائين هڪ مناسب ۽ سهڻو ارتقائي ڪردار چئي سگهجي ٿو جنهن جو انجام به منطقي طور غلط ناهي. ليڪن پشو پاشا ۾ ظاهري عيب اهو آهي، جو ساڳيو ڪردار ڪنهن اجنبي ماحول جو لڳي ٿو. جمال ابڙي جي اها واحد ڪهاڻي آهي، جنهن جو پس منظر سنڌ سان واسطو نٿو رکي. حقيقت نگاريءَ بدران ان ڪهاڻيءَ جو پلاٽ محض خيالات ۽ تصورات تي ٻڌل آهي، جنهنڪري ان ۾ هڪ فئنٽسي جي خصوصيت پيدا ٿي پئي آهي.“[18]

”پشو پاشا“ جو ڪردار اسان کي هن سماج مان ملي ٿو ڇو ته جڏهن عام ماڻهو تي ظلم وڌي ۽ هر پاسي کان انصاف جي اميد پنهنجي موت پاڻ مري، ته انهيءَ ماحول ۾ وري پشو پاشا جهڙا ڪردار جنم وٺندا آهن. هيءَ ڪهاڻي وڏيري ۽ پشو پاشا جي چوگرد گهمي ٿي. وڏيري جي ظلم، ستم، انياءَ ۽ ڏاڍ کان تنگ ٿي ڪري پشو پاشا ان خلاف اٿي کڙو ٿئي ٿو جنهنڪري وڏيرو ڪيس پسند نٿو ڪري. قانون جي بالادستي ته قانون به انهن جو آهي، جنهن وٽ پئسو يا داٻو آهي. هن ڪهاڻي ۾ جمال ابڙو لکي ٿو ته:

”حيوانيت ڦٽڪڻ ۽ چڙٻون هڻڻ لڳي. وڏيرن ۽ وياج خورن، نانگن ۽ سانڊن وانگر ڳوٺاڻن جي ٻڌل ڪوٽ ۾ ڏرڙ ۽ ڪوڙا ڪوٺڻ گهريا. پر پِشُو ۽ پئنچات سندن ڏند ڀوڙي ڇڏيا ۽ چنبا ڀڃي وڌا.“[19]

هن ڪهاڻيءَ ۾ جتي حقيقت نگاري آهي، اُتي تخيل جي اُڏار به نظر اچي ٿي. جمال ابڙي جي اها ذاتي خواهش آهي، ته سنڌ جا سمورا ڏکويل ڪردار، سماج خلاف اُٿي کڙا ٿين. جڏهن ته اسان کي هن ڪوڪلي سماج ۾ اهڙا انيڪ ڪردار ملن ٿا، جن پنهنجي خود داري ۽ غربت ڪري آڻ ناهي مڃي ۽ ظلم خلاف هر وقت اُٿي بيهن ٿا. پشو به هڪ اهڙو ئي ڪردار آهي، جيڪو اسان جي معاشري سان ئي واسطو رکي ٿو.

”پاشا“: هن ڪهاڻي ۾ هڪ ارڏي ڪردار کي ڏيکاريو ويو آهي. هيءَ اصل ۾ مئڪسم گورڪيءَ جي لکيل ڪهاڻي آهي، جنهن جو ترجمو انگريزي زبان مان ٿيل



Gul Hayat Institute

آهي. هڪ شوخ طبيعت معاشري جو ستايل، جيڪو هن معاشري مان سکيو سو ئي موٽائيندو رهيو. هي ڪردار ماڻهن جو ستايل ۽ هر ڪنهن ڪان پري پري رهڻ ڪري ۽ شراب نوشيءَ جي ڪري، سيني کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو هو. جڏهن پاشا گذاري ويو تہ سندس هڪ وفادارساٿي ڪتو جيڪو سندس قبر تي ويٺو رهيو.

"پاشا کي قبر داخل ڪيو ويو. سڀ هليا ويا. سندس ڪتو ويٺو رهيو. تازي نڪتل مٽيءَ تي ويهي رهيو. خاموشيءَ سان قبر کي پئي سنگهيائين. ڪنڌ مٽي ڪري گُوڪر ڪيائين. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ ڪتي کي بہ ڪنهن ماري وڌو."[20]

هي ڪردار سماجي ويڳاڻپ جي ڪري تنهائي پسند بڻجي ويو ڪردار جو سمورو ڪروڌ سماج تي ڇوهہ ڇنڊي ٿو.

"سِينڌ": هن ڪهاڻيءَ ۾ خارجي قوتن جي ويڙهہ ڏيکاري وئي آهي، جنهن ۾ ڪارو ڪاري جهڙي ڪُڌي رسم ڏيکاري ويئي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ معاشري جي اندر جيڪو عورت کي مان ۽ مرتبو ڏنل آهي، تنهن کي جمال ابڙي خوبصورت نموني سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هي معاشرو مردن جو معاشرو آهي، هن معاشري ۾ عورت کي ڪا بہ عزت مليل ڪانهي. عورت ويچاري عورت ئي آهي، جنهن جي ڪا بہ مرضي ناهي ۽ هي اهو دور هو جنهن ۾ هن موضوع تي تمام گهٽو لکيو ٿي ويو جنهن لاءِ جمال ابڙو صاحب لکي ٿو تہ:

"ہي ڪهاڻي "سينڌ" مون ان دور ۾ لکي جڏهن جنسيات جي موضوع تي لکڻ فيشن ٿي پيو هو. جنسيات هڪ مقدس ۽ بامقصد موضوع آهي، جنهن ۾ اگهاڙپ ۽ چسڪي بازي خيانت آهي. مون سينڌ ڪهاڻي لکي اصل مسئلن ڏانهن رخ موڙيو."[21]

ڪهاڻي "سينڌ" اسان کي حقيقي ڪهاڻي لڳي ٿي، ڇو تہ هي مسئلو اڄ بہ اسان جي معاشري ۾ موجود آهي. اڄ جي جديد معاشري ۾ عورت اڄ بہ هيسيل رهي ٿي ۽ مرد ڇڙواڳ، جنسي لذت لاءِ هر در تي نوس نوس ڪندو رهي ٿو. مرداڻي سماج جي هن ہٺي رويي، سماج جون پاڙون کوکليون ڪري ڇڏيون آهن.

"لاٽ": هن ڪهاڻيءَ جو موضوع لاڙ جا غريب، مسڪين ۽ ڏتڙيل ماڻهو آهن، تہ اهي لاڙ ۾ ڪيئن زندگي گذاري رهيا آهن. انهن جي گذر سفر جو ڪهڙو طريقو آهي؟ انهن



Gul Hayat Institute

سمورن مسئلن کي فوڪس ڪيو ويو آهي. بي وسيءَ، لاچاري، غربت ۽ مفلسي ۾ هتان جا ماڻهو ڪهڙي ريت زندگي گهاري رهيا آهن!

”پر ۾ نهندڙ رستي تي مٽيءَ جو ڪم پئي هليو. لاڙ ملڪ ۾ ڇِت چوري ۽ پنگ جي عام ۽ ڪلم ڪلا بازار لڳندي هئي، اتي چند غيرتمند انسان تغاريون ڍوئي مزدوري ڪري رهيا هئا. ساران ۽ هُو ساڻن شامل ٿي ويا. ڪوڙر جي هڻ هٽان، تغاري جي ڍوءِ ڍوئان، مڙس شل ٿي رهيا هئا. ٺيڪيدار صاحب ڪٽ تي ويهي، حقي جي گڙ گڙ ۾، ”شاباش! شاباش!“ جي اهم سخاوت نڇاور ڪري رهيو هو. هڪ شام تغاري ڍوئيندي ڍوئيندي هُو مري ويو. مزورن ڪم ڪٽي بند ڪيو. ڪٽي ڪيس پونگيءَ پيڙو ڪيائون.“(24)

هن ڪهاڻيءَ ۾ غريب ماڻهوءَ جي مفلسيءَ، لاچاري ۽ بيوسيءَ سان گڏ سندس خودداريءَ سان گڏ محنت واري عنصر کي بہ ڏيکاريو ويو آهي. انسان جي چاهي تہ سڀ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو بس اميد جو دامن ڪڏهن بہ پنهنجي هٿن مان وڃڻ نہ ڏي. جمال ابڙي جي افسانن ۾ مڪالما نگاريءَ سان گڏوگڏ منظر نگاري بہ ڪمال تي پهتل آهي. سندس ڪهاڻين جا سمورا ڪردار، سماج سان نهڪندڙ آهن، جيڪي هينين طبقي سان واسطو رکن ٿا. جڏهن تہ وچولي طبقي جي خوبين ۽ خامين تي چوهہ پڻ چنديا اٿس. سندس ڪهاڻين جا ڪردار پنهنجي ذات ۾ هڪ وڏي معنيٰ رکن ٿا.

جمال ابڙي جي مختصر ڪهاڻين جي مشاهدي ڪرڻ کان پوءِ اها ڳالهہ واضح ٿي وڃي ٿي تہ ورهاڱي کان پوءِ جمال ابڙو اُهو واحد ڪهاڻيڪار آهي، جنهن جي ڪهاڻين ۾ نوان موڙ نوان لاڙا ۽ نئون فڪشن ملي ٿو.

**حوالا:**


1. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر: آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ڇاپو پهريون سيپٽمبر 1982ع، ص 368۔ 369
2. ساڳيو ص 369
3. ميمڻ، سليم، پروفيسر: جمال ابڙي جو افسانوي فن، ڪلاچي تحقيقي جرنل، شاهہ عبداللطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، جلد سورهون، شمارو: ٻيو ڊسمبر 2013ع، ص 61




Gul Hayat Institute

4. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر: سنڌي ادب جي تاريخ (جـُلد ٽيون)، ڇاپو ٻيون 2006ع، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، ص 75
5. ابڙو جمال: پشو پاشا ۽ ٻيون ڪهاڻيون (مان مڙد)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو ڇاپو ڇهون، سال 2015ع، ص 29
6. ساڳيو (بدتميز)، ص 33
7. ساڳيو (پيڙاڻي)،ص 38
8. ساڳيو (شاهه جو قر)، ص 42
9. ساڳيو (بدمعاش)، ص 47
10. ساڳيو (منهن ڪارو)، ص 52
11. ساڳيو (هُوحُر هيو)، ص 55
12. ساڳيو (ڪارو پاڻي)، ص 59
13. ساڳيو (مهرباني)، ص 65
14. ساڳيو (مهرباني)، ص 65
15. ساڳيو (خميسي جو ڪوٽ)، ص_ 68
16. ساڳيو (لاري)، ص 72
17. ساڳيو(مهاڳ)، ص 15
18. عرساڻي، شمس الدين، آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر، ص 370_371
19. جمال ابڙو، پشو پاشا ۽ ٻيون ڪهاڻيون، ص 86
20. ساڳيو (پاشا)، ص 95
21. ساڳيو (مهاڳ)، ص 15
22. ساڳيو (فرشتو)، ص 105
23. ساڳيو (ماءُ جي جهولي)، ص 108
24. ساڳيو (لاٽ)، ص 113


Gul Hayat Institute

عابد مهيسر

# فقير قادر بخش بيدل جي شاعريءَ جو تحقيقي اڀياس

## The Stydy of Faqeer Qadir Bakhsh Bedil's Poetry

**Abstract:**

Faqeer Qadir Bakash Bedil was a genius poet of classic poetry of Sindhi language, specaily he wrote *Kafi* and *Bait*. He did analysis about real relation with Allah and his men. In his mistic poetry we can feel his enternal love with humanity and with Allah also. He suggested us to be sinscere and honest in every mater with each other for achievement of love and kindness of Allah.

In this research paper I have studies the great and thoughtfull poetry of Faqeer Qadir Bakhsh Bedil.

مؤرخ، شاعر، اديب ۽ گائڪ ئي ٻوليءَ، ثقافت، تهذيب و تمدن ۽ لوڪ ورثي جا اڏيندڙ ۽ محافظ ۽ قومن جي سڃاڻپ جو سبب بڻجندا رهيا آهن. اهي سماجي ڪارگذارين ۽ ادبي کيتر ۾ ڪيل ڪرت کي پيڙهي در پيڙهي پهچائي محفوظ بنائيندا آهن.

سنڌ ڌرتيءَ کي انساني تمدن جو آبيارو چيو وڃي ٿو ڇو ته هتي انسان پاڻ کي نون قدرن سان روشناس ڪيو ۽ پنهنجي سوچ ۽ نظرين کي هڪ دڳ ڏنو. سنڌ جي صوفين جي اها روايت رهي آهي ته انهن عِجزِ ۽ انڪساري ۽ نِوڙت و نِهٺائي پاڻ ۾ سموئي ۽ سڄي انسانذات جي رهبري ۽ رهنمائي ڪئي. سنڌ جي صوفي بزرگن ۽ ڪامل درويش بابت ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي: "سنڌو ماٿر جي صوفين ۾ هڪ ڳالهه نمايان آهي ته هو پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ خدا کي پنهنجو محبوب بڻائي ساڻس عشق حقيقي ڪن ٿا ۽ ڪڏهن سڌو سنئون ته ڪڏهن مجازي عشق جي ماڻ ۾ ان جو اظهار ڪن ٿا."[1]

سنڌي شاعريءَ جو يگانو شاعر، صوفي بزرگ، ڪامل درويش ۽ سنڌ جو ڀٽو ۽ ڪهنه مشق شاعر فقير قادربخش بيدل هڪ بهترين انسان هو. سنڌ ۾ شاعريءَ جا ڪئين راز کٽي وارد ٿيو. فقير قادر بخش جي ولادت جي باري مولانا دين محمد وفائي لکيو آهي ته

”فقير بيدل ١٢٣٠ھ مطابق ١٨١٤ع جي هن دنيا ۾ جنم ورتو“[2]. فقير قادر بخش بيدل سنڌيءَ کان سواءِ سرائڪي، اردو، هندي، عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ شاعري ڪئي. سندس شاعري صوفياڻي مزاج سان آراسته آهي، ته مجازيت جا به رنگ رچيل اٿس. پاڻ بيت، ڏوهيڙا، غزل، مرثيه، مناقبا ۽ ڪافيون چيون اٿس، تاهم سه حرفي ۽ پنج آتشسو به چيو اٿس. سندس شاعري تخليق جي بلندي ۽ تخيل جي تسلسل، فن و فڪر جي پختگيءَ سان سرشار آهي. سندس شاعريءَ جي ٻولي به سلاست و فصاحت ۽ بلاغت جو زنده مثال آهي. ان کان سواءِ عام فهم ۽ سليس لفظن جي صنعتگري ۽ جادوگري ۾ ردم ۽ رواني به ڪمال درجي جي نظر ايندي ۽ گڏوگڏ تشبيهون ۽ استعاره ديسي وديسي استعمال ڪيا اٿس. سندس سموري شاعري چند وديا توڙي عروضي بحر وزن تي عمدگيءَ سان رچيل آهي. سندس شاعري هر لحاظ کان مڪمل ۽ معياري آهي. بيدل هڪ بهترين شاعر ۽ عمده نثرنگار رهيو آهي، خصوصن فارسيءَ ۾ سندس قلم بنا رنڊڪ جي حق حقانيت جي پرچار ڪندو ۽ ڪئين مذهبي مسئلا ۽ انهن جا حل پڌرا ڪندو رهيو.

اها حقيقت آهي ته شاعريءَ جو جنم عشق ۽ درد جي پيڙا مان ٿئي ٿو. ڏٺو ويجي ته جڏهن ڪنهن وجود تي عشق جو غلبو ٿئي ٿو ته سندس سوچن جو محور ۽ تسلسل مڪمل طور بدلجي ويجي ٿو ۽ سندس خيالن جا خيابان ئي ٻيا ٿي وڃن ٿا ڇو ته عشق جي چِڻنگ جڏهن جِيءَ ۾ بَرپا ٿئي ٿي ته من اندر بِره جي باه پڙڪي پوندي آهي. پر ان عشق جي بِره جي لَهس ڪي دل جي محبت ۽ من جي اڪير سان سهجي ته جيئن ان جي ڪنهن ڪي به خبر نه پئي. شاه لطيف جون هي سِٽون به ان طرح جي عشق ۽ نينهن جي ترجماني ڪن ٿيون ته

نهائين کان نينهن، سڪ منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.
(شاه عبداللطيف ڀٽائي)

ان طرح سندس محبوب ۽ ان جي حسن و جمال جا خيال ذهن تي گردش ڪندا رهن ٿا ۽ محبوب جي حسن جا جلوه روح کي ريبي ڇڏيندا آهن ۽ هر وقت وصال يار جا خواب خيال پيا دل ۾ پيدا ٿيندا آهن. مجازي عشق جي منزلن کي طيءِ ڪندي حقيقي عشق جي حدن ۾ داخل ٿي ويجو آهي. فقير قادربخش بيدل جو ڪلام به ان قسم جي حساسيت ۽ جذبات سان سرشار آهي ۽ مجازي عشق کان حقيقي عشق تائين جي ڪيل جفاڪشن

Gul Hayat Institute

جي ڪٿا آهي. فقير قادربخش بيدل سموري ڪلام ۾ عشق جي عشقيت جو پيڪر نظر ايندو. ڏٺو وڃي تہ عشق جو انسان سان اٽوٽ رشتو ۽ لاڳاپو آهي. ان حوالي سان ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو لکي ٿو تہ: ”عشق ۽ محبت انسان جو هڪ فطري جذبو آهي. ان کان سواءِ انسان، انسان ناهي. عشق ۽ محبت جو مطلب رڳو ڪنهن هڪ ماڻهوءَ سان عشق نہ، پر سمورن ماڻهن سان ۽ ماڻهپي سان ۽ فطرت سان لاڳاپيل هر شيءِ سان محبت آهي، جيڪا روح کي راحت پهچائي.“[3]

ان طرح پنهنجي حقيقي معبود جي رضا ۾ راضي رهڻ بہ حقيقي عشق جو حصو آهي ڇو تہ جنهن ڳالهہ ۾ محبوب راضي هوندو آهي تہ ان ۾ عاشق بہ راضي رهندو آهي. ان حوالي سان کيس ڪافي سعوبتون سهڻيون بہ پونديون آهن. پنهنجي خالق جي مخلوق سان بہ کيس محبت ڪرڻي پوندي آهي خاص طور تي انسانذات جو پورو خيال رکڻو پوندو آهي، ڇو تہ جڏهن ربّ پنهنجي بندي سان پيار ڪري ٿو تہ سندس رضا چاهڻ واري تي بہ لازمي آهي تہ اوچ نيچ جي سمورن ڀيدن کي ڀلائي پنهنجي حقيقي محبوب جي ساري مخلوق سان پيار ڪري ۽ اها ئي انسانيت ۽ ماڻهپي جي نشاني پڻ آهي. هڪ جاءِ تي عشق جي حوالي سان فقير قادل بخش فرمائي ٿو تہ:

عشق ازلي جن کي آهي،
ڪاڻ ڪنن جي تن ناهي،
عبد القادر ڄاڻ - - - - - ،
ناهن ڪنهين جي سرڪ سلڻ جي.

يعني عشق ازل کان ئي ورثي ۾ مليل هوندو آهي پر ان جي ڪنهن کي پرواهہ ناهي هوندي، سو عبدالقادر (پنهنجي پاڻ سان مخاطب) تون سمجهي ڇڏ تہ اها ڪيفيت ڪنهن سان بہ اورڻ مناسب ناهي.

سيد عبدالحسين شاهہ موسوي، فقير قادربخش بيدل جو ولادت جو احوال ڏيندي لکي ٿو: ”فقير محمد محسن جي گهر پٽ ڄائو پر پير مڙيل هوس. ولادت وقت پاڻ مير صاحب جي ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو جتي دائيءَ اچي کيس واڌائي ڏني ۽ ڇيائينس ٻالڪ گهڻو ئي سڦرو آهي، پر هڪ پير کان منڊو آهي. جنهن تي مير صاحب فرمايو تہ ’ابا منڊو نہ چئو، پر اهو روهڙيءَ شهر جو جهنڊو ٿيندو.‘ بروقت سندس نالو عبدالقادر رکيو ويو پر پوءِ حضرت پيران پير دستگير جي ادب وچان کيس قادر بخش سڏيو ويو.“[4]



Gul Hayat Institute

ان طرح فقير قادربخش پنهنجي اصلي نالي عبدالقادر مان ڦري قادر بخش ٿيو ۽ سندس تخلص بيدل ٿيو پر ڪٿي طالب به تخلص طور استعمال ڪيو اٿائين. فقير قادربخش مجاز جا مزا ماڻيندي ڪئين ڪشالا ڪٽيا ۽ حق حقيقت تائين دلي توڙي روحاني پهچ حاصل ڪئي ته اهو پيغام عام ڪيائين ته:

تو ۾ سر سبحان جو عين العياني،
خودي ڪر فاني، ته پسين باغ بقا جو.
(ص 104)

عام طور تي خوددار ماڻهوءَ کي پنهنجي سماج ۽ معاشري ۾ عزت ۽ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو آهي، پر پنهنجي خالق ۽ مالڪ سان اها خودداريءَ جي روش اجائي آهي. ان اڳيان عجز ۽ انڪساري ئي روا رکڻ سان سندس رضا ۽ راضپو ملندو ۽ ان ۾ ئي بندي ۽ سالڪ جي سڦلتا آهي، جيئن ته فقير قادربخش بيدل برهه جي باهه سبب حساس ۽ جذباتي هئڻ ڪري صوفيت ۾ اڳ ڀرو هو. تنهنڪري صوفياڻي رمز ۾ دل جي ڳالهه جو اظهار ڪري ٿو ته:

عاشق ڪن آهون، ڦوڙائي فراق جون،
درد سنديون دانهون، شال پَوَنِ ڪَنِ قَرِيب جي.
(ص 105)

هتي بيدل ڪي عاشقن جي دانهن يعني ايلازن جي ڳڻتي آهي، ڇو ته محبوب کان وڇوڙي ۽ جدائيءَ واري ڪيفيت عاشقن لاءِ تمام گهڻي تڪليف واري هوندي آهي.

بيدل هي فرمائي ٿو ته:

پاڻ نه ڪٽج پاڻَ سان، پاڻ سڃاڻج پاڻ،
آ، ساجن تو هي ساڻ، تون ڳولين ٻي طرف ڏي.
(ص 103)

هتي بيدل سالڪ کي پاڻ سڃاڻڻ جو مشورو ڏيندي فرمائي ٿو ته پاڻ کي ڪڏهن اوچو نه سمجهج ۽ نه پنهنجي محبوب کي هيڏانهن هوڏانهن ڳولج، ڇو ته هو هر وقت ۽ هر ويل توسان گڏ آهي. اهو نه وسارج ته تنهنجو حقيقي محبوب تنهنجي دل ۾ رهي ٿو.

ٻئي هنڌ، هڪ ڪافيءَ ۾ چوي ٿو:

ظاهر بندو باطن مولي، برهه جي بازي پرجهي ڪير-
ايهو راز ڪري ٿو روشن عَلّي وَلِیّ شَہَ مردان شير.

مَن عَرَ فَ جي مام موچاري فرمودي ۾ ناهي ڦير،
تان تون پنهنجو پاڻ سڃاڻين وحدت وارو پيرج پير،
پاڻ ڳوليندڙ پاڻ کي ڳولي عشق غيور وڃايس غير.
(ڪافي روپ سارنگ، ص 119_120)

هتي بيدل سالڪ مخاطب ٿي چئي ٿو خالق، بندي جي روپ ۾ جڏهن سامهون اچي ٿو تہ الله جو بندي سان عشق آهي اهو ڳجهہ ڪير بہ نہ سمجهي سگهندو آهي ۽ هتي حضرت علي ؓ جو مثال ٿو ڏئي. علي سائين هڪ سچو ولي الله ۽ نهايت ئي بهادر انسان هو.

وري اڳتي بيدل اصلي ديس جو ذڪر هڪڙي ٻي ڪافيءَ ۾ ڪري ٿو:

ديس ڇڏي پرديس تون آئين، وطن تون ڪيم وسار
توڪئون عهد ورتائون ڪهڙا، پنهنجا تون وعده پار
سرتيون روز سنيارن توکي، پلپل ڪرڻ پوڪار
'ارجهي' جي ڪين ڪڏهن پئي، ڪن تنهنجي ڪوڪار
بيدل اڏري وڃ اوڏاهين، گوندر ڪين گذار.
(ڪافي روپ جوڳ، ص 118)

هتي بيدل پنهنجي ڪلام ۾ انسان کي پنهنجي اصلي يا ابدي گهر کي ياد ڪرائي ٿو ۽ عالم ارواح ۾ روح ۽ مالڪ وچ ۾ ٿيل واعدن اقرارن جو بہ بيان ڪري ٿو.

بيدل جي ڪلام ۾ الله ۽ بندي جي وچ ۾ عشق ۽ محبت جي احساسات ۽ جذبات جي عڪاسي ٿيل محسوس ٿئي ٿي. جيئن تہ بندو جڏهن پنهنجي حقيقي محبوب جي حقيقي عشق ۾ غرق ٿيندو آهي تڏهن ڪيس ڪجهہ بہ نظر نہ ايندو آهي ۽ اڪثر ڪري اهو چيو ويندو آهي تہ هر ڪم ڪار يا شيءِ جي پويان عشق ئي ڪارفرما هوندو آهي. ان حوالي سان محمد صالح ڪهڙو لکي ٿو تہ: ”عشق انسانذات ۾ هڪ اهڙو عنصر آهي، جنهن کان سواءِ انسان جي زندگي اڻ پوري سمجهي وڃي- ڪو بہ عمل، ڪا بہ چر پر، ڪا بہ هلچل ۽ ڪو بہ تحرڪ عشق کان سواءِ ڪامياب ٿي نہ ٿو سگهي.“(5)

ان لحاظ سان عشق کي ئي ڪاميابيءَ جي ضمانت چئي سگهجي ٿو. عشق بندي کي پنهنجي مالڪ جي ويجهو آڻي ٿو. حقيقي عشق جي شروعات بہ مجازي عشق جي توسط ٿئي ٿي. ان پسمنظر ۾ فقير بيدل هڪ ڪافيءَ ۾ فرمائي ٿو تہ:

صورت جو سردار پلي ڪري آيو



Gul Hayat Institute

وعده پنهنجا سيئي پاڙيا سهڻي يار سَچارَ
اڳڻ اسان جي پير گهمايا مهر منجهون منٺار
پاڻون جاڻي پنهنجي پاڇيءِ جو غور ڪيو غمخوار
اچي اچانڪ سار لڌائين جانبَ جيءَ جيار
بيدل اصلون آهي وڪاڻل در تنهنجي دلدار
(ڪافي، روپ ڪامول، ص 119)

هتي بيدل، دوست جون ڳالهيون ڪندي نظر ٿو اچي، ته سهڻي دوست سان ڪيل سمورا قول ۽ قرار پورا ڪيا آهن. هُو پنهنجي دوست کي پنهنجو غمخوار ڄاڻي ٿو.

محبت ۽ پيار جي بلندي ئي عشق سڏبي آهي. ان طرح مجازيت جا رنگ نکرندا آهن ۽ انهن رنگن مان ئي حق حقيقت نڪري نروار ٿيندي آهي. ان سموري ڪيفيت جي عڪاسي فقير قادربخش ڪجهه هن طرح ڪري ٿو:

عشق سندو آثار، نڪي ڳجهو رهندو،
برهه سندو بيمار، نڪي لِڪو رهندو.
شوق جو شعلو قولون فعلون، نيٺ ٿيندو نر وار.
ديد بازَنِ کي جڳ ۾ جائي، عشق ڪندو اظهار.
لونءَ لڳيءَ کي ڪير لِڪائي، پوي پڌر يَڪِبار.
مَن خدا چيو موج انهي ۾، عاشق بي اختيار.
بيدل عشق کي عار نه ڄاڻج، ڏينديءِ مرد ميار.
(ڪافي، روپ ڪامول، صد 120)

هتي فقير قادر بخش اهو اظهار ڪري ٿو ته عشق ڪڏهن به لڪي ناهي سگهندو ۽ عشق جون علامتون ۽ اهڃاڻ محسوس ٿيندا رهندا. جيئن عام طرح سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته ”عشق ۽ مّشڪ ڪڏهن به ناهِن لِڪندا“.

فقير قادر بخش بيدل جو ڪلام ۾ تصوف جا مڙئي رنگ سمايل نظر ايندا ته وجداني ڪيفيت جي جهلڪ به محسوس ٿيندي ۽ پاڻ حقيقي محبوب جي محبت ۾ ايترو ته اڳيان وڌي ويو آهي، جو پاڻ کي پنهنجي حقيقي محبوب جي ذات ۾ مغلوب ڪري ڇڏيو اٿس. فرمائي ٿو:

Gul Hayat Institute

آهيان اَسرار عجائب، ٿيءَ آيس اِنسان،
ٻانهي ٻولي نانهن ڪا، سارو سِر سبحان،
نوح نَبيّ جي ويس ۾، تار ڪيم طوفان،
آيس ابراهيم ٿي، باھ ڪيم بستان.

(ڪافي روپ سسئي، ص 126)

هتي بيدل جا خيال ۽ ويچار تصوف جي گهرائيءَ ۾ رچيل آهن. بيشڪ الله پاڪ حضرت نوحؑ ۽ حضرت ابراهيمؑ جي مدد ڪئي ڪين مشڪلاتن مان پار ڪيو ۽ منزل مقصود نصيب فرمائي، پر بيدل صوفيانہ طرز اختيار ڪندي حقيقي محبوب جي عشق ۽ محبت ۾ ايترو تہ مغلوب ٿي ويو آهي جو وڏي واڪي چئي ٿو تہ تمام ڳجهي ۽ حيرتناڪ ڳالهہ جو آئون هتي (الله پاڪ جي زباني) انسان ٿي آيس ۽ سموريون تعريفون منهنجي لاءِ آهن (هتي ٻانهپ واري ٻولي ناهي ٻولڻي) ۽ آئون نوح نبي بنجي آيس ۽ تمام وڏي ۽ ڪاري ٻاڻ اونده واري طوفان کي بنا خوف خطر جي اڪري پار ڪيم ۽ وري ابراهيم نبي بنجي اڃي باھ جي وڏي آڙاھ کي باغ بستان بنائي ڇڏيم. ان طرح بيدل وجدانيت ۾ موجزن ٿيندي پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻن نبين سان پيش آيل واقعن کي هڪ الڳ رنگ ۽ انداز ۾ بيان ڪري ٿو تہ جيئن ان مان عبرت ۽ سبق حاصل ڪجي.

وري بيدل ڪانگ جي لنوڻ کي محبوب اچڻ جو اشارو سمجهندي چئي ٿو:

ڪانگ لنوي مٿي لاتِ، محب جاڻ ڪي مسافر ايندا.
جيڪي دانهان درد منهنجي جون، پهتيون اتي پرڀات،
اٿم اميد تہ هِيئَن نہ ڇڏيندا.

(ڪافي روپ جوڳ، ص 112)

عام طور تي اسان وٽ ڪانگ جي ٻولڻ کي ڪنهن عمل جو اهڃاڻ سمجهيو ويندو آهي. گهڻا ماڻهو ڪانگ جي ٻولڻ کي ڪنهن جي اچڻ جي علامت سمجهندا آهن ۽ ڪي وري ڪنهن جي بي وقتي موت جو اشارو يا اهڃاڻ سمجهندا آهن. بهرحال هر جوءِ ۾ ان کي الڳ اشارو تصور ڪيو ويندو آهي، پر بيدل ڪانگ جي ٻولڻ کي پنهنجي محب جي اچڻ سان ڀيٽي ٿو ۽ چئي ٿو اڄ ڪانگ مٿي ٻولي ٻولي ٿو لاشڪ تہ اڄ منهنجا محبوب سڄڻ مون وٽ ايندا.

وري صوفيت جي پرچار ڪندي فرمائي ٿو:



Gul Hayat Institute

آجيان پيو ڪري ۽ وري ڪيس باور ٿو ڪرائي تہ احد تون اڪيلو ۽ واحد پنهنجي حبيب (آخري نبي حضرت محمد صلي الله وآلہ وسلم جن جو عرش تي اسم مبارڪ احمد آهي) ۽ سارا هيل هستيءَ سان بيحد گهڻي محبت ڪرين ٿو.

فقير قادربخش بيدل جي حيثيت بيان ڪندي پير حسام الدين راشدي لکي ٿو: ”هي تمام سٺي درجي جو صوفي شاعر آهي. هن دور ۾ سندس درجو اهو ئي هو جيڪو پوين دورن ۾ شاهہ ڪريم، شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست جو آهي.“[6]

فقير قادربخش جي سرائڪي شاعري بہ بهترين آهي جيڪا صوفياڻي رمز ۽ موسيقيت سان پرپور ۽ نهايت ئي جٽادار آهي. سرائڪي شاعريءَ ۾ سندس موضوع ۽ مفهوم ساڳيو آهي ۽ اها ئي مناس ۽ اهائي رواني رڌم ۽ لفظن جي شائستگي ۽ چاشني ۽ سلاست، جيڪا پڙهڻ توڙي پڙهڻ سان ذهن نشين ٿي وڃي ۽ بار بار پڙهڻ تي من ڪري.

ذات صفات هِڪا ڪر جاڻين، ٻي ڪنهن پول نہ پلين،
جيهي ويس لبيس ۾ ويکين، چال ادب دي چلين،
وحدت دي وادي ۾ آ ڪرِ، وَل نہ پڇون تي ولين.

(ص 245)

هتي بيدل سالڪ سان مخاطب ٿيندي وحدت الوجوديءَ جي صفتن جي اپٽار ڪري ٿو ۽ چئي ٿو تہ ڪنهن بہ غفلت ۾ نہ غافل ٿجانءِ ۽ پنهنجي حقيقي محبوب سان ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪجانءِ ۽ پنهنجي حقيقي محبوب کي ڪنهن بہ روپ ۾ ڏسين تہ ادب ۽ اخلاق سان پيش اچجانءِ ۽ پنهنجي محبوب جي عشق ۽ محبت ۾ ڪڏهن بہ همت نہ هارجانءِ ۽ نہ ئي هڪڙي ۽ اڪيلي محبوب کي وساري ويهجانءِ.

وري ٻي جاءِ بيدل پنهنجي دوستن يارن سان مخاطب ٿيندي عشق جون ڪارستانيون ۽ وارتائون بيان ڪري ٿو:

يارو عشق آکيندا اينوين، مين سڀ وچ سمايا،
آکاسين پاتال اسان ڏي، وحدت جلوا پايا،
مين هون ظاهر، مين هون باطن، ڪون مويا ڪون جايا.

(ص 246)

بيدل هتي پنهنجن دوستن کي عشق جون ڪيل ڪٿائون ٻڌائيندي چئي ٿو تہ اصل ۾ اهي ڳالهيون عشق جي روپ ۾ ڪيس وحدت الوجودي ئي ٻڌائي ٿو تہ آئون هر روح ۽ هر وجود ۾ شامل ٿي ۽ سمائجي سگهان ٿو ۽ سمائجندو بہ آهيان.



Gul Hayat Institute

بيدل هڪڙي ڪافيءَ ۾ هن طرح چئي ٿو:

ٿل - حسن اسان ڏا هادي برحق، وحدت راهِ بتاوندا---وي.
رکندا خيال خدائيِ والا وهم خودي نون کاوندا---
برهه لاوڻ ڪتِيِ اورنگيِ صورت وچ سماوندا ---
جوڙ سيڪو جِسماني والا جلوي نال جلاوندا ---
عشاتان دي نال عجائب رَل مِل رمزان لاوندا ---
گهن ڪر تخت دِلين دا بيدل شاهي طبل وڄاوندا---
(ڪافي روپ جوڳ، ص 155)

هتي بيدل سالڪ سان مخاطب ٿيندي پنهنجي حقيقي محبوب جي سونهن ۽ خوبصورتي جو ذڪر ڪري ٿو ۽ چوي ٿو بيشڪ اسان جو مالڪ اسان جو پالڻهار سهڻو ربّ واحد آهي ۽ اسان کي حق سچ جي واٽ ڏسي ٿو ۽ تلقين ڪري ٿو ۽ هاڻ تون بہ سندس خدائيءَ جو خيال رک ۽ رب پاڪ جي اوچي مقام ۽ عظمت کي سڃاڻ ۽ قدرت جي اسرار ۽ عجائبات جو احساس ڪر.

فقير قادربخش بيدل اڳتي پنهنجي حقيقي محبوب جي وحدت الوجوديت ۽ قدرت جي ڪرشمن، اسرارن ۽ عجائبن جو بيان ڪندي چئي ٿو:

ذاتي حسن صفاتي گهونگهٽ راز رموز نهاني دا.
شاهيِ دلي اولي يار ڇپايا جلوا نور نوراني دا -
جسم انڌيري دي وچ جالين روشن شمع روحاني دا -
سهسين ويس هڪوئي صورت سر اسرار معاني دا -
(ڪافي روپ ڪامول، ص 158)

هتي بيدل سالڪ سان مخاطب ٿيندي پنهنجي حقيقي محبوب جي صفتن جو ذڪر ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ سندس محبوب جي سونهن حسن ۽ نوراني نور جي جلون جي پسڻ جي سگهہ صرف صاف من ۽ پاڪ قلب وارن کي ئي حاصل هوندي آهي ۽ روحانيت جي رمز سان جڏهن چمڪندڙ ۽ روشن ڪرٽا جي نسورو نور هوندا آهن جڏهن جسم ۾ داخل ٿيا تہ وحدت الوجودي جو اونهو ۽ ڳجهو ڳجهہ دل، من ۽ تن کي محسوس ٿيڻ لڳندو آهي ۽ محبوب جي نوري صفت ۽ صورت جي روحانيت جا ڪرٽا پوري من کي منور ڪندا آهن ۽ محبوب جي محبوبيت نکري نروار ٿي پوندي آهي.



Gul Hayat Institute

فقير قادربخش بيدل جي اردو شاعري بہ بهترين ۽ نهايت ئي جٽادار شاعري آهي. ان ڏس ۾ سيد عبدالحسين موسوي ديوان بيدل ۾ لکي ٿو: ”(بيدل) جيئن عربي، فارسي، سرائڪي ۽ سنڌي شاعري ڪندو هو تيئن هن (اردو) ۾ طبع آزمائي ڪيائين. غائر نظر سان ڏسبو تہ جيڪي لفظ اردو جي پهرئين شاعر ”ولي“ دڪني جي شعر ۾ موجود آهن سي ئي سندس شعر ۾ ڏسبا.“[7]

ان طرح اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ بيدل واري وقت ۾ اڃا اردو ٻوليءَ جو شروعاتي دور هو ۽ ان ڪا خاص ترقي نہ ڪئي هئي. بيدل جو اردو ڪلام بہ تصوفي نڪتن سان ٽمٽار نظر اچي ٿو ۽ صوفياڻا راز رموز انتهائي عمدي طريقي ۽ اسلوب ۾، غزل ۾، بيان ڪيا اٿس:

جب سوں زاهد نے سنی اس رخ پر نور کی بات
بھل گئی اس سین ترے غرق سوں تب حور کی بات
بسکہ هیں نین تیرے ناز کے ساغر سیں مست
کیا کرون اس کے اگے نرگس مخمور کی بات
محفل بخت میں ممتاز هوں ارباب علوم
محکمہ عشق میں منظور هے منصور کی بات
مجلس وجد میں کیا کام هے خود بیناں کا
بزم رنداں میں نهیں زاهد مستور کی بات
الیقن عاشق و مشعوق حقیقت میں هیں ایک
لوگ کہتے هیں عبث ناظر و منظور کی بات
عقل اپنے سے هو کیا سر هویت کا سمجھ
جو اسے کب نہ سنیں ایسے دستور کی بات
و هو معکم مجھے دیتا هے تسلی بیدل
(ص 267-268)

هتي بيدل الله وارن نيڪ ۽ عبادت گذار بندن جي عبادت، رياضت، زهد و تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جو ذڪر ڪري، سندن پنهنجي محبوب سان تعلق ۽ ربط جو احوال ڏئي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ الله پنهنجي عبادتگذار ۽ نيڪ مومن لاءِ آخرت ۾ نور ۽ حور بطور انعام رکيو آهي پر انهن کي بہ پنهنجي پالڻهار جي عبادت ۽ رياضت کان سواءِ سندس مخلوق سان بنا ڪنهن مت ڀيد ۽ لالچ لوڀ يا دنيوي حرص کان هتي ڪري محبت ڪرڻي آهي.

اهڙيءَ طرح فقير قادربخش بيدل هندي ٻولي ۾ بہ گھڻائتي ۽ خوبصورت شاعري ڪئي آهي پر معنيٰ ۽ مفهوم اهوئي ساڳيو تصوف جا نڪتا صوفياڻي رمز ۾ سمجهائي ٿو.

حیراں ہوں کہ قد تمہارے کون کیا کہوں
طوبا کہوں کہ سرو کہ نخل وفا کہوں!
تیرے حسن کی دیکھ تجلی اے رشک حور
سورج کہوں کہ چاند کہ نور خدا کہوں!

(ص 268)

هتي بہ بيدل حقيقي محبوب وحدت الوجود جون صفتون بيان ڪري ٿو ۽ پنهنجي محبوب جي نور جي تجليءَ جو ذڪر ڪري ٿو. سندس قدرت جي عظمت بيان ڪري ٿو ۽ سندس مخلوق جي بہ ڀيٽ ڪري ٿو ۽ مخلوق جون وصفون بيان ڪري ٿو.

سندس فارسي ڪلام بہ پنهنجي نوعيت جي اعتبار ڪان بهترين ۽ اعليٰ نوعيت جو آهي جيئن تہ پاڻ مولانا جاميءَ کان تمام گهڻو متاثر ٿيل آهن. سندس فارسي ڪلام تصوف جي ترجماني ڪري ٿو ۽ حقيقي محبوب جي حقيقي عشق جي جاودانيءَ جو مظهر آهي. فارسي ڪلام ۾ وحدت الوجوديت جي عجب اسرارن جو ذڪر ڪري ٿو:

ای کہ از تحصیل ادنی تاج برسر یافتی،
خلعت اسریا بعیدہ ھم تو در بر یافتی۔
کحل ما زاغ البصر در چشم تو یزدان کشید،
عز رویت نزلتہً اخرا ازان در یافتی۔

(ص 270)

هتي بيدل پنهنجي حقيقي محبوب جي وحدالوجودي جو ذڪر ڪري ٿو ۽ بيان ڪري ٿو تہ الله تعاليٰ حضرت انسان کي وڏي علم ۽ اعزازن سان نوازيو ۽ سندس سامهون آسمان ۽ فرشتن جا احوال ڏنا ويا ۽ سندس پيارن بندن کي وڏين نعمتن سان نوازيو ويو.

ان طرح سندس فارسي ڪلام هر لحاظ کان مڪمل ۽ فن ۽ فڪر جي بلنديءَ تي نظر ايندو ۽ فلسفياڻي اسلوب ۾ حق ۽ سچ جي تلقين ڪري ٿو ۽ پليلن ۽ غافلن جي رهبري ۽ رهنمائي ڪري ٿو. سندس ڪلام ۾ جمالياتي عنصر بہ ڪثرت سان ملي ٿو ۽ حقيقي محبوب جو حقيقي عشق جي تمثيل ۾ پنهنجي رب جي هيڪڙائي ۽ وڏائي بيان ڪري ٿو ۽ سندس وحدت الوجوديت جو اظهار ڪري ٿو. فقير قادربخش جو ڪلام ۽ شاعري

بهترين ۽ معنيٰ خيز ڪلام آهي ۽ سندس شاعري سھڻي ۽ سيبتي سٽاءَ ۾ سرجيل آهي ۽ صوفياڻن نڪتن ۽ تصوف سان ڀرپور خيال ۽ ويچارن جي روح ۽ ڪيفيت ۾ حقيقي عشق جي اپٽار ڪئي اٿس، تہ گڏوگڏ انسانيت ۽ ماڻهپي سان محبت جا مثال بہ سندس ڪلام ۾ موجود آهن. سندس فن ۽ فڪر جي حوالي سان محترم عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو: ”بيدل بسيارگو شاعر هو ۽ هڪ يگانو عالم پڻ هو. سندس فارسي ڪلام ۽ نثر ۾ لکيل ڪتاب جي شاهدي ڏين ٿا. هو تصوف ۾ ممتاز حيثيت رکي ٿو ۽ تصوف سندس پسنديده موضوع رهيو آهي.“[8]

در اصل، بيدل وحدت الوجودي شاعر هو ۽ سندس سمورو ڪلام ان قسم جي ذڪر ۽ فڪر ۾ سمويل آهي. هن عشق جي هر پهلوءَ کي نروار ڪيو آهي. تصوف ۽ وحدت الوجودي شاعريءَ بابت غلام محمد گراميءَ لکي ٿو: ”تصوف پاڪيزه اخلاق ۽ بلند ڪردار پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ بهترين نصب العين پيدا ڪري ٿو پر شاعريءَ ۾ زياده تر وحدت الوجود کي تصوف جي نمائندگي ڏني وئي آهي.“[9]

تصوف جي پاڪيزگي ۽ بلنديت ئي انسان کي عمدگي ۽ بلند خيال اربي ٿي ۽ سندس سوچ کي پاڪائيءَ سان آراستہ ڪري ۽ زندگيءَ جي مقصد جو احساس ڏياري ٿي. خدا واحد وحده آهي ۽ شاعري ان جي اپٽار ڪرڻ جو هڪ ڪارآمد ذريعو آهي جنهن جي آڌار تي تصوف جي روپ وحدت الوجوديت جو نهايت اثرائتي ۽ وڻندڙ انداز ۾ اظهار ڪري سگهجي ٿو.

فقير قادر بخش بيدل جي حوالي سان مولانا دين محمد وفائي لکيو آهي تہ ”فقير قادر بخش ولد محمد محسن پاٽولي (ريشم فروش) مشهور فقير بيدل سنڌ جو هڪ نامور موحد صوفي شاعر، عالم فاضل، اصل کان روهڙي جو رهاڪو، وقت جو وڏو درويش ٿي گذريو آهي.“[10]

فقير قادربخش بيدل پنهنجو دور مشهور صوفي شاعر ۽ نيڪ بزرگ هو ۽ الله کي هڪ ڄاڻندڙ ۽ سندس وحدانيت تي پورو يقين ڪندڙ ۽ توحيد پرست صوفي بزرگ ۽ عمده شخصيت جو مالڪ هو. پاٽولي هاڻ ميمڻ قوم جي پاڙي طور مشهور آهي ۽ اصل ۾ پاٽولي ريشم وڪڻڻ کي پيو ويندو رهيو آهي.

فقير بيدل مجاز جي مجوزيت کان موحديت جي واٽ تائين رسائي حاصل ڪئي ۽ پنهنجي حقيقي محبوب جي هيڪڙائيءَ ۽ وحدانيت تي پختو يقين ۽ ايمان، تن جي تات ۽ من جي وجدانيت مان پروڙي پاتو ۽ محبوب جي قربت حاصل ڪئي.



Gul Hayat Institute

مولانا دين محمد وفائي، فقير قادربخش بيدل جي وفات بابت لکيو آهي تہ ”فقير (قادربخش بيدل) صاحب وڏي ڄمار کي پهچي ١٦ ذي القعد ١٢٨٩ھ ۾ عالم بقا ڏانهن راهي ٿي ويو.“(11) ان ريت سنڌ جو هيءَ عارف ۽ زاهد نيڪوڪار صوفي بزرگ ۽ ڪهنہ مشق شاعر ۽ ڪادرالڪلام درويش پنهنجي حقيقي محبوب سان وڃي مليو.

**حوالا:**


(1) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ پاڪستاني ٻولين جا صوفي شاعر ڪمال ڄامڙو - طارق عزيز شيخ، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي - ڪراچي سنڌ، 1998ع، ص 2
(2) تذڪره مشاهير سنڌ جلد ٽيون، مولانا دين محمد وفائي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد / ڄامشورو سنڌ، 1407ھ / 1986ع، ص 231
(3) شاهہ عبدالطيف ڀٽائي ۽ پاڪستاني ٻولين جا شاعر، ڪمال ڄامڙو - طارق عزيز شيخ 1998ع، ص 13
(4) ديوان بيدل، عبدالحسين شاهہ موسوي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ، 1411ھ / 1991ع، ص 3_5
(5) نئين زندگي ماهوار مئي 2001ع، حيدرآباد - اطلاعات کاتو حڪومت سنڌ، ص 16
(6) سنڌي ادب، پير حسام الدين شاهہ راشدي (غلام محمد لاکو)، سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد سنڌ، 1996ع، ص 79
(7) ديوان بيدل، سيد عبدالحسين شاهہ موسوي، 1411ھ / 1991ع، ص 56
(8) سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، عبدالجبار جوڻيجو روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1994ع، ص 181
(9) مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات، غلام محمد ”گرامي“، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو / حيدرآباد سنڌ. 1413ھ 1992ع، ص 54
(10) تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ٽيون، مولانا دين محمد وفائي، 1407ھ / 1986ع، ص 230
(11) ساڳيو ص 233


Gul Hayat Institute

قربان علي چنا

# ابراهيم منشيءَ جي شاعريءَ ۾ هارين ۽ پورهيتن جي حقن جو آواز: هڪ تحقيقي جائزو

# The voice for the rights of the Peasants and Labourers in the Poetry of Ibrahim Munshi: A Research Analysis

**Abstract:**

Ibrahim Munshi (1934-2003) was one of the great Nationalist and progressive poets of the Sindh. In his Poetry he has characterized the rights of the poor people; specially laborers, growers and the farmers. In his poetry, he has used the *Laari* accent of the Sindhi Language. Besides; he has motivated the common people to raise powerful voice against the social injustice and discrimination. He was not only the poet but he practically struggled a lot for the betterment of common people especially for the farmers and growers of the Sindh. Due to his active role against the establishment of his time; he was sent to the jail for 42 months.

His poetry created a great courage and confidence among the downtrodden masses. His poetry raised the love for the motherland among the youngsters. He was one of the most celebrated national poets of the Sindh. His poetry was sung by many famous singers like Abida Parveen, Sarmad Sindhi, Sanam Marvi, Ghulam Ali Sandeelo and others. Thus, his poetry was wide spread in the Sindh.

In this research paper, it has been tried to focus on his poetry, especially such verses which are written by him for the farmers, the labors and for the growers. As he was a strong voice of the downtrodden class, so in this article I have discussed his poetry in this aspect too. It has also been focused on his *Laari* accent of Sindhi Language as well as his art of poetry.

محمد ابراهيم تخلص ”منشي“ ولد محمد اسحاق سومرو 15 جنوري 1934ع تي ڳوٺ جنهاڻ سومري ۾ ڄائو. سندس والد صاحب مولودن ۽ نعت جو بهترين شاعر هوءِ سندس آواز بہ ڏاڍو سريلو هو. ڪيس بہ پٽ هئا، هڪ محمد ابراهيم ۽ ٻيو محمد قاسم. ڪيس پنج نياڻيون هيون. ڪافي وقت کان هن کي سلهہ جي بيماري هئي، جنهن جو ڳچ علاج ڪرائڻ کان پوءِ بہ سڌارو نہ آيو. نيٺ 15 مارچ 1945ع تي وفات ڪري ويو. ان



Gul Hayat Institute

وقت ابراهيم منشيءَ جي عمر فقط يارهن سال هئي. ان ننڍڙيءَ عمر ۾ ئي مٿس گهرو ذميواريون، سماجي ذميواريون، ۽ مٿن مائٽن سان اٿڻ ويهڻ جون ذميواريون وغيره سڀ سندس ڪلهن تي اچي ويون. انهن ڳالهين جي ڪري پنجن درجن کان مٿي تعليم حاصل نه ڪري سگهيو. توڙي جو هو يارهن سالن جي عمر ۾ يتيم بڻجي ويو ۽ سڄي گهر جو بار سندس ڪلهن تي اچي ويو. تڏهن به هن همٿ نه هاري ۽ ٻنون مياڻ کان پلا ڪڻڻ لاءِ هن کي اڌ رات جو اڪيلي سر اٿي وڃڻو پوندو هو. اتان پلا ڪٺي اچي ڳوٺن ۾ وڪڻڻ لاءِ نڪري وڃڻ، وري ٻيءَ رات اسر ويل اٿي ڳڙ ڪٺي وري به ڳوٺن ۾ کپائڻ، وري ٻنيءَ ۾ سڄو ڏينهن ڪم ڪرڻ، رات جو اڌ ڏيءَ، اڌ بک تي سمهي پوڻ ۽ شاعري ڪرڻ. يقيناً سندس عجيب تجربا آهن. غور ڪندي گهڻو ڪري هو مداح، مولود ۽ ڪافيون پيو جهونگاريندو هو. 1949ع ۾ ڪيس ڪنهن نوورنيءَ جي عشق جو نانگ ڪکي ويو. اندر مان عشق جا جلوا شاعريءَ جو روپ وٺي ڪاغذ تي اڪرڻ لڳا. پنهنجي شاعريءَ جي اصلاح پنهنجي والد جي استاد علي محمد ”سپاهي“ کان ڪرائيندو هو. جيڪو پاڻ به تمام وڏو شاعر هو ۽ منشيءَ تي تمام گهڻو مهربان هو. هُو نه صرف شاعريءَ پر عام زندگيءَ ۾ به منشيءَ جي رهنمائي ڪندو هو. ”ابراهيم منشي پهريائين ’مشتاق‘ تخلص سان شاعري ڪندو هو. ان کان پوءِ جڏهن ٺيڪيدار وٽ منشي گيري ڪرڻ لڳو ۽ ماڻهو به ڪيس منشي چوڻ لڳا ته پوءِ پاڻ به منشي تخلص سان شاعري ڪرڻ لڳو. 1951ع ۾ هن پهرين شادي ڪئي. سندس اها گهر واري 31 ڊسمبر 1962ع تي گذاري وئي، جنهن مان ڪيس به نياڻيون هيون ۽ پٽ جو اولاد نه هيو. هن جي سالي ويم دوران فوت ٿي وئي هئي، جنهن جي پٽ حيدر کي ابراهيم منشيءَ پاليو. ٻي شادي 1966ع ۾ ڪيائين. ان مان ڪيس به پٽ ۽ ٽي نياڻيون هيون.“(1)

جيئن ته منشيءَ جي ذاتي زندگيءَ جو سفر ڏکن پريو رهيو ۽ ڪيس زندگيءَ جي هر موڙ تي سخت محنت ۽ پورهيو ڪرڻو پيو. اهو ئي سبب آهي جو سندس شاعريءَ ۾ به اجائي لفاظي ۽ ڊائلاگ هڻڻ بدران پورهيو آهي ۽ شاعريءَ جي ٻنيءَ ۾ به اهي اوڙون ڏنيون آهن، جيڪي هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهن. هو هڪ سگهارو شاعر هو. ابراهيم منشيءَ غربت جي ٻاٽ اونداهيءَ ۾ اک کولي. سندس حساس شاعراڻي طبيعت ظلم، جبر ۽ ڏاڍ جي پيڙائن مان رچي ريتو ٿي. سندس محسوسات ۽ ڪيفيات ۽ واردات قلبي هيٺين طبقي هاري، مزدور، مظلوم ۽ مارو ماڻهن جي ڪرب جو عڪس آهن.



Gul Hayat Institute

ابراهيم منشيءَ ڪي شاعري ۾ ڪڙمت يا هارپو ورثي ۾ مليو هو. هن هاريءَ جي زندگيءَ جو مشاهدو ڪيو هو. ڪيس هاريءَ ۽ مزدور جي زندگيءَ جي سمورين تڪليفن جو جو مشاهدو هو. ڪيس غريبن، مزدورن ۽ هارين جي جي دردن جو درمان ڪپندو هو ڇو ته هو وڏيرن ۽ سرمائيدارن جي نا انصافين ۽ ويساهه گهاتين جو شڪار به رهي چڪو هو. هي پاڻ ان طبقي جي ماڻهن منجهان هو پر هو ڪوشش ۾ ضرور هو ته هارين ۽ مزدورن کي حق ملڻ کپن ۽ انهن کي متحد ٿيڻ گهرجي ۽ انهن ۾ سجاڳي پيدا ٿيڻ گهرجي. انهيءَ لاءِ جتن ڪرڻ لڳو ته ڪو اهڙو پليٽ فارم جوڙجي جنهن سان هارين ۽ مزدورن کي گڏ ڪري انهن جي حقن لاءِ آواز اٿارجي. آخر هو سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي پليٽ فارم تان ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ سان گڏجي هارين جي حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ لڳو. ”جن ۾ الاٽي تحريڪ به هڪ اهم تحريڪ هئي. انهن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن جاڪوڙين پنهنجي وس ۽ وت آهر هارين جي اصلاح لاءِ ڪيترائي ڪم ڪيا.“[2]

هُو هارين لاءِ شاعري به ڪرڻ لڳو. اهوئي سبب آهي جو سنڌس شاعريءَ جو پهريون مجموعو ”پيغام مظلوم“ 1970ع ۾ ڇپيو جيڪو صرف ۽ صرف هارين، پورهيتن ۽ مظلومن جو نه صرف آواز آهي، پر انهن جي دل جي ڌڙڪن، انهن جي زخمن جي مرهم ۽ سنڌن دردن جي دوا آهي. ”اهو سبب آهي جڏهن پاڪستان جو چونڊيل پهريون وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽو آيو ۽ هن جي ابراهيم منشيءَ سان ملاقات ٿي، جنهن جڏهن سنڌس ڪتاب ”پيغام مظلوم“ پڙهيو ۽ ابراهيم منشيءَ جي آواز ۾ ٻڌو ته اهو ڪتاب هزارن جي تعداد ۾ ڇپرائي ماڻهن ۾ ورهايو ۽ ابراهيم منشي اسٽيج جي زينت بڻجي ويو. جتي به ذوالفقار علي ڀٽو تقرير ڪندو هو. ابراهيم منشي پهريان ئي پنهنجي جوشيلي انداز ۾ ماڻهن جون دليون گرمائي ڇڏيندو هو پوءِ ڀٽو صاحب تقرير ڪندو هو. ڀٽو ۽ منشي جڻ ته لازم ملزوم ٿي ويا هئا.“[3]

اهو ابراهيم منشيءَ جي شاعريءَ جو اثر هو ۽ سنڌس سحر انگيز شخصيت هئي جنهن ذوالفقار علي ڀُٽي کي ابراهيم منشيءَ ڏانهن نه صرف مائل ڪيو بلڪ ابراهيم منشي سنڌس ضرورت بڻجي ويو هو. جو سنڌس ڪتاب جو هزارين ڪاپيون ماڻهن ۾ ورهايون ويون.

ابراهيم منشي سنڌي ٻوليءَ جو اهو شاعر آهي جنهن جو شمار مزاحمتي شاعرن ۾ صف اول ۾ ٿئي ٿو. هو جيتوڻيڪ سنڌي پنج درجا پڙهيل هو پر ان باوجود ڪيترن ئي

Gul Hayat Institute

وڏن وڏن شاعرن کي تمام گهڻو پوئتي ڇڏي اڳتي نڪري ويو. هن جي شاعري مختلف مضمونن جي رنگارنگي گلدستي تي ٻڌل آهي. سندس سڃاڻپ هڪ مزاحمتي شاعر جي حوالي سان ڪئي ويندي آهي، پر ان باوجود سندس شاعريءَ ۾ مختلف رنگ سمايل آهن، جن ۾ وطن جي محبت، هارين ۽ مزدورن جو درد، رومانوي رنگ، وطن جي دشمن لاءِ للڪار ۽ ٻيا ڪيترائي رنگ سمايل آهن.

اڄ هارين سان انيڪ مسئلا آهن، جيڪي ويچارا روز احتجاج ڪن ٿا. ڪين ٻڌڻ وارو ڪو بہ ڪونهي. هاري ويچارو وڏي محنت ڪري سردي، گرمي، مينهن واچ سر تي سهي جڏهن فصل تيار ڪري ٿو تہ ان عيوض ڪيس مارڪيٽ ۾ گهربل اگهہ نہ ٿو ملي. نيٺ ويچارو اڌ ملهيو اناج ڪپائي اچي ٿو جنهن مان ڪيس بچت تہ پري جي ڳالهہ آهي مورڳو قرض ئي ڪونہ ٿو لهي. انهن هارين کي سجاڳ ڪرڻ ۽ ڪين پنهنجو قدر ۽ قيمت ٻڌائڻ لاءِ ابراهيم منشي لکي ٿو تہ:

هاري تنهنجا هٿ چمان، چمان ڪهڙي چپ سان،  
تون ئي آهين وٿ، جنهن ۾ ساهہ سنسار جو.

هاري تنهنجي هڙ آهي، ويريءَ جي وات ۾،  
ڪڻ ڪهاڙي ڪڻ، پٽيان پيرِ پليت جو.

هاري تنهنجا هٿ، ڪسر هيري ڪوہ نور کان،  
تون ئي ساهہ سنسار جو، تون تان وڏي وٿ،  
پر ٻيپهري لٽ پٽ، ڪائيندي ڪپي وئين.  
(ڌرتي ڏين ڌرم[4]: ص 98)

هارين کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ ۽ انهن کي پنهنجو دشمن سڃاڻڻ لاءِ بہ هُو جتن ٿو ڪري ۽ هارين جي رهنمائي ٿو ڪري، تہ جيئن ويچارا وڏيرن جي شِر کان محفوظ رهن. ابراهيم منشي لکي ٿو تہ:

وڏي آ وڏيري، اک تنهنجي اَن ۾،  
ڪش ڪهاڙي ڪنڌ ۾، وجهہ ڪانئر کي ڪيري،  
سنگ سيئي سيري، گهوٽ ڪٽي رک گهر ۾.

هاري هڻ مَر هٿ، ڪش ڪهاڙي ڪنڌ ۾،

Gul Hayat Institute

ويري وچ وري ويا، وڏا ڪائي وٽ،
اهڙي سنئين سٽ، جو مٺڪي ڪان مٿي وڃي.
(ڌرتي دين ڌرم: ص 98)

هاري ڪيڏو نہ خوش نصيب آهي جو بنجر زمين ۾ محنت ڪري، ان کي سر سبز ڪري ٿو ۽ سڀ ان جي ڪيل محنت جو ڦل پيا کائون. ان جي عظمت بيان ڪندي ابراهيم منشي چوي ٿو تہ:

هاري ٻر ۾ باغ ٻڌائي، هن جي محنت هر ڪو کائي،
رت ولوڙي جڳ کي جوڙي، جهڙس جڳ ۾ ٻيو ڪو ناهي.
(ڌرتي دين ڌرم: ص 90)

ٻئي هنڌ هاريءَ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو تہ اي هاري بنجر زمين کي باغ بڻاءِ يعني ان کي سر سبز ۽ آباديءَ جي لائق بڻاءِ ۽ زمين مان گند گاهہ ميڙي چونڊي ساڙي ڇڏ.

بنجر باغ بڻاءِ او هاري، بنجر باغ بڻاءِ،
ميڙي چونڊي ڪهڙ ڪنڊن جا،
جاچي سڀ جلاءِ او هاري،
بنجر باغ بڻاءِ
(ڌرتي دين ڌرم: ص 142-143)

هُو هاريءَ کي تڪليف ۾ ڏسي ٿو تہ بہ خاموش نہ ٿو ويهي. ڪيس پڳهر جي حالت ۾ رت ولوڙيندي ڏسي ٿو ۽ ڪوڏر وهائيندي ڏسي ٿو تہ ان منظر کي بہ پنهنجي شاعريءَ جو روپ ڏيئي ٿو:

پس پوڙهي مڙس جو پورهيو منجهہ پگهر،
ڪوڏر سان ڪڙيي جا، ڏمريو ڪيي ڏر،
رت روئاري اڄ ٿو وڏيري جو ور،
هاريءَ سان حشر، ڪيڏو آهي قوم جو.[5]

ابراهيم منشيءَ جي هميشہ اها وڏي خواهش رهي تہ هاري ۽ مزدور پاڻ ۾ متحد هجن. ان لاءِ هن ڏاڍيون ڪوششون پڻ ورتيون. هو هارين جي جدوجهد واري تحريڪ ”الاٽي تحريڪ“ شامل ٿيو. مطلب تہ هر فورم تي هو آواز اٿاريندو رهيو. مئڊم ڊاڪٽر عابده گهانگهرو پڻ پنهنجي مقالي ”ابراهيم جي عوامي شاعريءَ جو جائزو“ ۾ لکي ٿي تہ:



Gul Hayat Institute

”ابراهيم منشيءَ جو چوڻ آهي تہ هاري ۽ پورهيت کي متحد ٿيڻ گهرجي ڇو تہ پورهيت طبقي کي ان ڏاڍ واري گهاتي مان رڳو اتفاق، ٻڌي ۽ حق لاءِ جدوجهد واري ويڙهہ ئي آجپوءِ آزادي ڏياري سگهي ٿي. ابراهيم منشيءَ جو حق جي ويڙهہ وڙهڻ ۽ ڏاڍ جا ڏونگر ڏارڻ لاءِ مسڪينن کي گڏجي ٻڌيءَ جي طاقت جوڙڻ لاءِ سڏ وارو هي گيت 1970ع يا 1980ع وارن ڏهاڪن ۾ هر ترقي پسند سوچ رکندڙ پورهيت، شاگرد توڙي هاري جهونگاريندي نظر ايندو هو“.(6)

متفق ٿي مسڪين اچو اڄ ڏاڍ جا ڏونگر ڏاريون ٿڙي،
ڏاڍ جا ڏونگر ڏاريون ٿڙي ۽ وير پراڻا واريون ٿڙي،

مزدور جي ماس منجهان ٿو مالڪ مل ڏس موج ڪري،
وال ڪروڙين روز بنائي پوءِ بہ تنهن کي سور نہ سري،
سردي گرمي گوڏ گنجيءَ ۾ بنا ڪنهن مزدور وري،
مرون ۽ ماريون ماروئڙن تان ظلم ستم جي ڏاريون ٿڙي.
(ڌرتي دين ڌرم: ص 13)

سنڌ زرعي خطو آهي، هتي معيشت جو انحصار گهڻي ڀاڱي زراعت تي آهي. ماڻهن جي اڪثريت ٻهراڙين ۾ رهي ٿي جن جي جيئڻ جو دارومدار زراعت تي آهي. پوکي راهي ڪري هو پنهنجي زندگي گذاريندا آهن. هاريءَ جو ڪم ڏينهن رات ٻني ڪيڙڻ سان لاڳاپيل هوندو آهي پر زمين تي فصل جي تياريءَ جا مختلف مرحلا آهن، جهڙوڪ رونبو ڪرڻ، لابارو ڦٽين جو چونڊو، ڪمند جي پوکي ۽ ڪٽائي، يا سارين جي سٽ وغيره اهڙا موقعا آهن جنهن وقت ماڻهن جي گڏجي ڪم ڪرڻ جي گهرج هوندي آهي. ان لاءِ جيڪي هاري هڪ ٻئي جا ويجها هوندا آهن سي گڏجي واري وٽيءَ سان ڪم ڪندا آهن پر جيڪڏهن پوک تمام گهڻي هوندي آهي تہ ٻاهرين ماڻهن کان بہ اجرتن تي اهو ڪم ڪرايو ويندو آهي. اهو ڪم گهڻي قدر ڦٽين جو چونڊو ڪرڻ، ڪڻڪ جو لابارو ۽ لاباري کان پوءِ ول جا گڏا ٺريشر تائين ڪٽي اچڻ، ڪجين جي موسم ۾ ڪجيءَ جي ڪٽائي ڪرڻ ۽ ڍوئڻ، ڪمند جي ڪٽائي ڪرڻ ۽ مرچن جو چونڊو ڪرڻ ۽ فصلن جي گُڏ ڪرڻ يعني انهن مان گند گاهہ ڪڍي صاف ۽ تندرست ۽ توانو رکڻ وغيره شامل آهن. اهڙي قسم جي اجرت تي جيڪي پورهيت ڪم ڪندا آهن انهن کي لاهيارا چوندا آهن يعني اجرت عيوض لابارو ڪندڙ پورهيت. انهن پورهيتن ۾ مرد بہ شامل هوندا آهن جن کي لاهيارا ۽

عورتن کي لاهياريون چوندا آهن. انهن لاهيارين عورتن جي تڪليفن ۽ دردن کي ابراهيم منشيءَ ويجهي کان محسوس ڪيو ڇو ته هو پاڻ به هاري هو ۽ هارين جي تڪليفن کان چڱيءَ طرح واقف هو. وڏيرن جو ناجائزيون ان وقت عام هيون. هو اڪثر ڪري ماڻهن کي بيگر وهائيندا هئا ۽ انهن کي اجرت به نه ڏيندا هئا ۽ عورتن سان به جنسي ڏاڍائي سندن معمول بڻيل هو. هو هارين کي پنهنجو غلام سمجهندا هئا ۽ اڪثر بٽئيءَ جو وڏو حصو پاڻ ڪٽي ويندا هئا. هاري ويچارا فاقي ڪشيءَ تي ويهندا هئا. انهن جي دردن جو عڪس ابراهيم منشيءَ جي شاعريءَ ۾ عام جام ملي ٿو. جيئن لاهيارين عورتن جو ذڪر ڪندي پاڻ لکي ٿو ته:

مان لاڙجي آهيان لاهياري، مان لاڙجي آهيان لاهياري،
تنهنجي وڏيرا اک آ ميري، تنهنجي وڏيرا دل آ ڪاري،
مان لاڙجي آهيان لاهياري،
مان تان من جي مور نه مندي، مون سان گڏ آ ڏاڻو گندي،
مان ته پنهوارڻ پورهيت وندي، سائين پنهنجي ساجن سندي،
ملي مارئي کان ڏات ۾ مون کي لوئي لڄ پياري،
مان لاڙجي آهيان لاهياري،
ڏينهن سڄو ڏاتو هٽان مان، شام مٽي تي پريون ڪٽان مان،
وروٽي مون ورکي وٽان مان، تنهنجي منهن تي ٿڪ هٽان مان،
تنهنجي ونئي ڏي مڙس منهنجي کي راڻي راڄ ڪماري،
مان لاڙجي آهيان لاهياري،
سر تين سٽ ۾ سريت سڏجان، مري انهيءَ کان مٽيءَ ۾ گڏجان،
سڄي سنڌوءَ ۾ مٽيءَ جو پاڻي، سورن ۾ سرجي آهيان سامائي،
صدين سڙيل سماج هن جي، منشي منشي مرض ماري،
مان لاڙجي آهيان لاهياري،

(ڌرتي دين ڌرم: ص 55)

هيءَ هنڌ ڪولهڻ عورت جي دردن جي داستان کي ڏاڍي اثرائتي انداز ۾ بيان ڪيو اٿائين. جنهن جي ور کي نانگ ڪکي وڃي ٿو جيڪو بستر تي بيمار لڳو پيو آهي. جنهن کي پيٽ پرڻ لاءِ ڏونئرن تي گذارو ڪرڻو پوي ٿو. انهن سوچن ويچاري وجود کي ڳٽتين ۽ پريشانين ۾ گهيري ڇڏيو آهي. انهيءَ جو ذڪر ابراهيم منشي هن طرح ڪيو آهي:



Gul Hayat Institute

هڪڙو پڏرو پيٽ ۾، ٻيو ڪولهڻ تي ٻار،
ڪانڊ ڪاريءَ ڪڪيو بستر تي بيمار،
پٽي پيٽ پرڻ لئہ، نايو ڏونئرن ڏار،
ويڙهي ويا ويچار، ويچاريءَ وجود کي.

ڪولهڻ ڪانبو ڪنڊ ۾ ونجهلي ور جي ڪاڻ،
ڪارا ڪوجها ٻارڙا، تن جي تاڻو تاڻ،
سٺ وڍي پار ڪيڍي، من وڏي مانڊاڻ،
ذرو زهر اماڻ، تہ پيڙي ٿيان پڳوان کي.

(ڏرتي دين ڏرم: ص 102)

جتي جتي لاهياري ڪم ڪري پئي اتي اتي ابراهيم منشي سندس تڪليفن ۽ دردن جي ترجماني ڪري ٿو ۽ وڏيرو جيڪو پرائين عورتن کي گندين نظرن سان پيو ڏسي تنهن جي ڪرتوتن کي بہ وائکو پيو ڪري. انهن پورهيتن کي پنهنجي شاعريءَ ذريعي مجتا ڏيندي چئي ٿو:

سهڪيو سنگ لُٽي،
ڪولهڻ ڪانبو ڪنڊ ۾،
روپ روپلي وارو ساڳيو
جوڏا جام ڇٽي،
ڪولهڻ ڪانبو ڪنڊ ۾،
پريان وڏيرو من ميرو
پونڪندو تہ پٽي،
ڪولهڻ ڪانبو ڪنڊ ۾،
موهن دڙي جي مورت ساڳي،
چر ۾ چير هٽي،
ڪولهڻ ڪانبو ڪنڊ ۾.

(ڏرتي دين ڏرم: ص 164)

هارين ۽ مزدورن جي عظمت ۽ محنت ڪان متاثر ٿيندي سندن دردن جي ترجماني ڪندي ۽ سندن محنت کي ساراهيندي چوي ٿو تہ جيڪي پنهنجي محنت سان اپ مان



Gul Hayat Institute

بلڪ اپ جي تارن مان لاهي اسان کي ڪارائين ٿا. تون انهن پورن ۾ ڪارن هٿن مان ڦري
ڇڏين ٿو. اها ڪيڏي نه نا انصافيءَ جي ڳالهه آهي!

محنت سان جي لاهي آيا، ماني اپ جي تارن مان،
سا تون ڦري ڏيکاري، هٿڙن گورن ڪارن مان.
(ڌرتي دين ڌرم: ص 37)

هارين ۽ مزدورن جي ڏکن جي ترجماني ڪندي ٻڌائي ٿو ته جن هارين ڌرتي چيري
تو لاءِ اناج اپايو ۽ تنهنجو پيٽ ڀريو. جن مزدورن ملون ۾ ڪارخانا هلائي تنهنجا اگھاڙا
انگ ڍڪيا. تون وري بدلي ۾ انهن جي مٿان نفرت مان بم وسائي وري ٺهڪ ٿو ڏئين تون
ڪيڏو نه بدبخت آهين! ابراهيم منشي لکي ٿو ته:

ڌرتي چيري آن اپائي، ملون هلائي انگ ڍڪائي،
تن مٿان تون بم وسائي، ٺهڪ ڏئين ٿو خارن مان.
(ڌرتي دين ڌرم: ص 37)

جڏهن پورهيت ڏينهن رات هڪ ڪري پگهر وهائي هن اونداهي سنسار ۾ اميدن
جي روشنيءَ جو ڪرڻو آڻي پر جڏهن کيس محنت جو بدلو يا اجورو صحيح نٿو ملي، ان
جي حالت ۾ ڪو سڌارو نه ٿو اچي بلڪ وڏيرو ۽ جاگيردار سندس ڪيل محنت تي ڌاڙو
هڻي ٿو ته ان منظر کي قلم ذريعي ڪاغذ تي لکي ٿو:

پورهيت پنهنجو پگهر وهائي، ساري جڳ ۾ جوت جلائي،
ڪير ڪمائي ڪير ٿو کائي، هت سا ريت نرالي آهي،
(ڌرتي دين ڌرم: ص 90)

هاريءَ ۽ مزدور جي محنت جيڪا هُو رات ڏينهن، سردي گرمي ۽ مينهن ۾ واچ ۾
ڪري ٿو انهن حالتن ۾ به صرف کين ڪم جي ڳڻتي رهي ٿي ۽ اهي ملڪ جي لاءِ سوچين
ٿا. پنهنجي ذاتي خواهش ملڪ جي اجتمائي خواهش تان قربان ڪري ڇڏين ٿا، انهن
جي ترجماني ڪندي ابراهيم منشي لکي ٿو ته:

راتو ڏينهان مينهان ٿينهان، دل ۾ تن کي ڪم جو غم،
ملڪ جي لئہ مزدور ۽ هاري ”منشي“ اچي هڏو چم.
(ڌرتي دين ڌرم: ص 90)

ڪٿي وري ابراهيم منشي هاري ۽ مزدور کي هر هڪ روح لاءِ رحمت ٿو سمجهي.
تڪليفون برداشت ڪري لنديون لتاڙي اچي دنيا وارن لاءِ جنت ٿو ناهي. انهن ڳالهين کي
بيان ڪندي لکي ٿو ته:



Gul Hayat Institute

هر هڪ روح لاءِ رحمت هاريءَ مزدور جي محنت،
پاڻ پتوڙي لنڊيون لتاڙي، جوڙي جڳ لاءِ جنت.

(ڌرتي ڏين ڌرم: ص 90)

ڪڏهن وري سنڌ جي پورهيتن ۽ سانگيئڙن جي سورن کي پنهنجي سيني اندر محسوس ڪري ٿو ڪڏهن وري انهن پورهيتن کي سخت گرمين ۾ پچندي ڏسي ٿو ته سندس دل ڏکي پوي ٿي ۽ انهن جي دردن کي پنهنجي تڪليف محسوس ڪندي لکي ٿو ته:

منهنجي سيني سنڌ وطن جي، سانگيئڙن جا سور سوين،
پورهيتن کي پچندي ڏسندي، پل پل جاڳن سور سوين.

(ڌرتي ڏين ڌرم: ص 90)

جڏهن پورهيتن کي سخت محنت ڪندي ڏسي ٿو ته جيتوڻيڪ اهي سردين گرمين ۾ به ڪم ڪن ٿا پر ان جي باوجود انهن جي ابتر حالت آهي، انهن جي زندگيءَ جي گاڏي ساڳئي رفتار سان پئي هلي. پر جيڪي ماڻهو ظاهر طور ڪجهه به نٿا ڪن. انهن جي خوشين جو دارومدار پورهيت تي آهي. پورهيتن جا حق ڪائي بنگلن ۽ ڪارين جا مالڪ ٿي وينا آهن ۽ پورهيت ساڳي پيرين پنڌ ۽ بدن اگهاڙو سخت سردين کان بچاءَ جا گرم ڪپڙا ڪين ميسر ڪونهن، انهن جا بدن سردين کان ڏڪن ٿا. انهن جي ترجماني ڪندي لکي ٿو ته:

بيڪارن کي بنگلا ۽ ڪاريون، پورهيت هنڙي پيٽ بکيا،
چانپ اتر ۾ لڳ اگهاڙا، ٺڙڪن مارو ڏيل ڏکيا.

بيشڪ باني ملڪ سڄي جا هاريءَ مزدور،
اٺو لٺو ڪن اجهو به پيدا،سهين ڪائڻ سور.

(ڌرتي ڏين ڌرم: ص 91)

**نتيجو:**

ابراهيم منشي هارين ۽ پورهيتن کي پنهنجي محنت جي عيوض جيڪو مانُ ۽ مرتبو ڏيڻ جو خواهشمند آهي، شايد ئي ان جو ڪو مثال ملي. سندس شاعري هارين، پورهيتن، مزدورن ۽ مسڪينن جو پڪو پختو ۽ مضبوط آواز آهي. هن جي شاعريءَ جو محور ۽ مرڪز هاريءَ پورهيت آهن، انهن جا ڏک، درد، تڪليفون، آهون، دانهون ۽ اميدون



Gul Hayat Institute

آهن. ابراهيم منشيءَ جي نظر ۾ هاري ۽ مزدور ئي هن سچي ملڪ جي بقا جا ضامن آهن. اهي پوکون پچائين ٿا، اَن اپائين ٿا، ڪمند ڪاهين ٿا، هر هلائين ٿا، پر موٽ ۾ ڪين پيٽ پري ماني به نصيب نه ٿي ٿئي ۽ نه ئي سندن پورو انگ ڍڪجي ٿو. اهي ايڏي محنت ۽ مشقت ڪرڻ باوجود اڃا به، لڱي ۽ اجهي لاءِ واجهائيندي نظر اچن ٿا. اهي وڏيون وڏيون تڪليفون سهي، هن ملڪ جي ماڻهن جي لاءِ اٽو لٽو ۽ اجهو ته پيدا ڪن ٿا. پاڻ ڪي تڪليف ۾ وجهي ٻين کي جيئڻ جو سامان مهيا ڪن ٿا. اونداهي چمن ۾ روشني پيدا ڪن ٿا، پر ان جي باوجود سندن دردن کي دُور لاءِ ڪو به اڳتي نه ٿو اچي. ابراهيم منشيءَ جي شاعريءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته اهي هاري، پورهيت ۽ مزدور جيڪي ٻين ۾ خوشيون ونڊين ٿا ۽ روئندڙ ماڻهن جي چهرن تي مرڪ آڻين ٿا، تن جي دردن جو درمان نظر نه ٿو اچي. ساڻن ڏک ونڊڻ وارو ڪو به نظر نه ٿو اچي. جيڪڏهن ڪائي شيءِ انهن اٻوجهن، هارين، مسڪينن، غريبن، پورهيتن ۽ لاهيارين جو ڏک، درد، اهنج، تڪليف ۽ سور ونڊي ٿي، ته اها آهي ابراهيم منشيءَ جي شاعري، جنهن جو مختصر وچور اسان هن مقالي ۾ ڏنو آهي.

**حوالا:**


1. کهڙو، منظور حسين (مرتب): شاعراڻو اپياس، شاهه حسين اڪيڊمي، سچل ڳوٺ ڪراچي، ڇاپو 2010ع، ص: 226.
2. گهانگهرو، عابده، ڊاڪٽر: ابراهيم جي عوامي شاعريءَ جو جائزو 'ڪارونجهر' تحقيقي جرنل، جلد_7، شمارو: 13، ڊسمبر 2015ع، سنڌي شعبو وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي، ص، 86
3. مهيري، منو: انٽرويو قاسم آباد حيدرآباد، 24 آگسٽ 2017ع، ٽائيم 11 وڳي صبح
4. منشي، ابراهيم: ڌرتي دين ڌرم، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو ڇاپو 2010ع
5. منشي، ابراهيم: ڌونئري ڏينهن ڌاڙا، الفقير پبليڪيشن ٽنڊو محمد خان، ڇاپو 1995ع، ص 49
6. گهانگهرو، عابده، ڊاڪٽر: ابراهيم جي عوامي شاعريءَ جو جائزو 'ڪارونجهر' تحقيقي جرنل، جلد_7، شمارو: 13، ڊسمبر 2015ع، سنڌي شعبو وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي، ص، 88


Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

# سنڌي شعبي پاران ثقافت جو ڏينهن: رپورٽ

[نامور سفرناما نويس الطاف شيخ جي اُتي بيهي آجيان ڪئي وئي]

اسان وٽ پئسي ڏوڪڙ واري ڪرپٽ ماڻهوءَ جو تہ وڏو مانُ آهي پر عالم، اديب ، ڏاهي، ڪري ۽ سچي ماڻهوءَ جو قدر ناهي. اسان جا حقيقي هيرا اهي ئي ڏاها ماڻهو آهن پر نئين نسل جي اڪثريت ڪين سڃاڻي ئي نہ ٿي. ان جو هڪ سبب تہ اهو آهي تہ اسان پنهنجن نوجوانن کي انهن هيرن بابت مڪمل ڄاڻ ڏيڻ ۾ ناڪام ويا آهيون. ميڊيا پنهنجن هيرن بابت ڪو خاص ڪردار ادا نہ پئي ڪري، غير معياري تعليم جو بہ ان ۾ وڏو هٿ آهي. اسان سڀني کي ان سلسلي ۾ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو .

مون جڏهن 2012ع ۾ وفاقي اردو يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي چيئرميني سنڀالي تہ ان پاسي بہ ڌيان ڏنو. ايم فل/ پي ايڇ. ڊي پروگرام ۾ اهڙن موضوعن کي بہ شامل ڪيو جن ۾ حال حيات اديبن ۽ شاعرن جي ڪم تي تحقيق جي شروعات ڪرائي، انهن ۾ الطاف شيخ صاحب، ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ، ڊاڪٽر ادل سومرو صاحب ۽ امداد حسيني صاحب شامل آهن. ادل صاحب ۽ امداد صاحب تي ٿيندڙ تحقيق جي نگراني ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري، جڏهن تہ الطاف صاحب ۽ ميڊم فهميده جي ڪم تي ٿيندڙ تحقيق جي نگراني مان پاڻ پيو ڪريان. ان ڪم جي ابتدا اسان الطاف شيخ صاحب کان ڪئي.

الطاف شيخ جي ڪم تي پي ايڇ.ڊي جو مقالو پروفيسر رضيہ ٻگهيو مڪمل ڪيو آهي، جڏهن تہ ٻين عالمن تي اڃا ڪم جاري آهي. اسان جي يونيورسٽين ۾ زنده شخصيتن تي پي ايڇ.ڊي ڪرڻ جون روايتون تمام گهٽ آهن. جنهن جا مختلف سبب ٿي سگهن ٿا. منهنجي خيال ۾ سندن موجودگيءَ ۾ جيڪڏهن پي ايڇ.ڊي ٿئي ٿي تہ ان شخصيت کي هڪ تہ خراج بہ پيش ٿئي ٿو جنهن سان سندس خوشيءَ ۾ بہ واڌارو ٿئي ٿو. ٻيو اهي اهڙيون شخصيتون آهن، جن تي هڪ کان وڌيڪ پي ايڇ.ڊيون ڪري سگهجن ٿيون. الطاف شيخ صاحب پنهنجي قلمي خدمت جي لحاظ کان دنيا ۾ واحد سنڌي آهي. هُن سنڌي سفرنامي جي صنف ۾ ساهہ وڌو. اردو سفرناما بہ لکيا اٿائين، سنڌي

Gul Hayat Institute

۽ اردو ڪالم بہ لڳاتار لکندو رهي ٿو. مان سمجهان ٿو سنڌي نثر خاص ڪري سفرنامي جي صنف ۾ سيني کان وڏيڪ پڙهجندڙ ليکڪ آهي. هُن سنڌين کي سڄيءَ دنيا جي ثقافتن بابت ڄاڻ ڏيڻ سان گڏ سنڌي ثقافت کي بہ نروار ڪيو آهي. لوڪ ڏاهپ کي بہ موضوع بڻايو اٿائين. هُن پنهنجين لکڻين وسيلي نوجوانن جي رهنمائي ۽ تربيت پڻ ڪئي آهي.

اسان جي شعبي، هن جي ڪم تي پي ايچ.ڊي ڪرائي، مٿس ڪو ٿورو ناهي ڪيو. اسان رڳو يوسف جي خريدارن ۾ شامل ٿيا آهيون. هو جيترو عظيم انسان آهي، اوترو ئي سادو، همدرد ۽ ملنسار آهي. مون سائينءَ کي جڏهن سنڌي ثقافت جي تقريب جي دعوت ڏني تہ خوشيءَ سان قبوليائين ۽ چيائين تہ ڪنهن نندي گڏجاڻيءَ ۾ گهرايو تہ جيئن وڌيڪ ڪچهري ٿي سگهي. مون کيس عرض ڪيو تہ سائين اسان جي خواهش آهي تہ اوهان يونيورسٽيءَ جي گهڻن شاگردن سان ملو! ڇاڪاڻ تہ هُو اوهان جا پرستار آهن. سائين وقت جو ڏاڍو پابند ۽ سخت محنت ڪرڻ جو قائل آهي. پيشي جي لحاظ کان ميرين انجنيئر آهي. ان شعبي ۾ بہ دنيا جو مڃيل انجنيئر آهي. سائين جڏهن 27 نومبر 2019ع تي، تقريب ۾ آيو تہ، نوجوانن جا ميڙا مچي ويا. هنن سان ڪچهريون ڪرڻ، فوٽو ڪڍرائڻ ۽ کين سوکڙيون ڏيڻ شروع ڪري ڏنائين. ڇا جي وڏائي، ڪهڙو عمر جو فرق؟ ايم اي سنڌي، سال پهرئين جو شاگرد الهواريو مون سندس خدمت لاءِ مقرر ڪيو ۽ پاڻ بہ حاضر هئس.

ٻين سوکڙين سان گڏ شاگردن ۽ استادن کي گهڻي کان گهڻا ڪتاب ڏنائين. هن ٻُڌايو تہ ، مان پهريون ڀيرو سنڌي ثقافت جي تقريب ۾ آيو آهيان، نوجوانن جي پنهنجيءَ ثقافت سان محبت ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. ان سان گڏ نوجوان تعليم بہ پرائن ۽ وڏ کان وڏ محنت ڪن، ٻيون ٻوليون خاص ڪري انگريزي بہ سکن.

وفاقي اردو يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي هن تقريب جو موضوع هڪ سنڌ، هڪ ثقافت هو، جنهن ۾ الطاف شيخ صاحب سان گڏ هڪ ٻيو ليکڪ، سينيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏياريندڙ ۽ سينيٽر ڊاڪٽر ڪريم احمد خواجہ هو. نالي وارو شاعر نصير سومرو ۽ وائس آف پاڪستان جو سربراهہ ايڊووڪيٽ محمد صديق ڪلاڊيا اعزازي مهمان هئا. مون جڏهن الطاف شيخ کي ڊائيس تي تقرير ڪرڻ جي گذارش ڪئي تہ، سڄي پنڊال سندس اُٿي بيهي آجيان ڪئي ۽ ڇڱيءَ دير تائين تاڙيون

وڃنديون رهيون. تقريب وفاقي اردو يونيورسٽيءَ عبدالحق ڪيمپس جي گرائونڊ تي ٽينٽ لڳائي ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ سوين شاگردن شرڪت ڪئي. سنڌي ثقافت بابت يونيورسٽيءَ جي تاريخ ۾ اها پهرين شاندار تقريب هئي. ان کان اڳ به مون ڪجهه تقريبون ڪرايون هيون پر اُهي هال ۾ ننڍي پيماني تي هيون. هڪ پاسي تقريب تاريخي هئي ته ٻئي پاسي الطاف شيخ صاحب جي پهرئين پيري اچڻ سان هڪ ٻي تاريخ جُڙي وئي. مُرڪ پبليڪيشن جي مرتضيٰ لغاريءَ پنهنجن ڪتابن جو اسٽال به لڳايو هو. سنڌي شعبي جي تقريبن ۾ اها به نواڻ هئي ۽ پهريون ڀيرو ڪتابن جو اسٽال لڳو هو.

ان تقريب کي مختلف اخبارن ۽ ٽي وي چينلن به تمام گهڻي موٽ ڏني. روزاني عوامي آواز ايڊيٽوريل به لکيو. مان سيني جو ٿورائتو آهيان خاص ڪري زرار پيرزادي صاحب، زلف پيرزادي صاحب، مصطفيٰ ملاح صاحب، فقير سليم صاحب، اسد ممتاز رڏ صاحب ۽ ٻين جو.

هن تاريخ ساز تقريب ڪرڻ ۾ مُک ڪردار شاگردن جو هو جن ۾ امتياز مستوئي ، دارا فهد، حسن سومرو ۽ سرفراز مسڻ اڳيرا هُئا. وفاقي اردو يونيورسٽيءَ جو ڊائريڪٽر ايڊمنسٽريشن بشير ٻگهيو به ٻانهن ٻيلي هو. يونيورسٽيءَ جي سينيئر ڊين ڊاڪٽر محمد ضياءالدين تقريب جي نه رڳو اجازت ڏني پر مڪمل سرپرستي پڻ ڪئي.

تقريب جو وڌيڪ حال احوال ڪجهه هن ريت آهي:

ڪراچي جي وفاقي اردو يونيورسٽي ۾ سنڌي شعبي پاران هڪ سنڌ هڪ ثقافت جي عنوان هيٺ پروگرام ڪوٺايو ويو جنهن ۾ شاعرن،اديبن پروفيسرن ۽ سياستدانن سوڏو شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. پروگرام ۾ سنڌي شاگردن سنڌي ثقافتي ٽيبلو ۽ رسمون پيش ڪري وڏي ڪان داد وصول ڪيو.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سينيٽر ڊاڪٽر ڪريم خواجا خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته سنڌي ثقافت ۾ فراخدلي آهي جنهن هر ثقافت واري ماڻهوءَ جو آڌر ڀاءُ ڪيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت جون سرحدون تمام گهڻيون وسيع آهن. ان بنياد تي اسان معاشي ترقي به ڪري سگهون ٿا.

نالي واري ليکڪ ۽ سنڌي سفرنامن جي بادشاه الطاف شيخ چيو ته سنڌي ثقافت هزارين سال قديم آهي ۽ سنڌي ماڻهن ان کي محفوظ رکيو آهي. وفاقي اردو يونيورسٽي کي جس هجي، جنهن سنڌي ثقافت تي شاندار تقريب ڪئي آهي.

Gul Hayat Institute

سنڌي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر ڪمال جامڙي چيو ته اسان سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب سان گڏ ثقافت به پڙهائيندا آهيون. اجوڪي تقريب ان جو عملي ثبوت آهي. ان سان گڏ تحقيق به ڪرائيندا آهيون. مان سڀني مهمانن جي آجيان ڪريان ٿو.

ڊاڪٽر اصغر دشتيءَ چيو ته سنڌي شعبو اردو يونيورسٽي جو هڪ فعال شعبو آهي، ڊاڪٽر ڪمال جامڙي ان کي وڏيڪ سرگرم ڪيو آهي.

شاگرد امتياز مستوئيءَ چيو ته هن پروگرام ۾ نه رڳو سنڌي شعبي جي شاگردن حصو ورتو پر سڄيءَ يونيورسٽي جي شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري خلوص ۽ سنڌي ثقافت سان محبت جو اظهار ڪيو.



تقريب ۾ مهمانن کي اجرڪ پڻ پارايا ويا. تقريب ۾ ڊاڪٽر خليل الرحمن شيخ، ڊاڪٽر عنايت لغاري، ڊاڪٽر سيما ابڙو، ڊاڪٽر عابده گهانگهرو نصير گوپانگ، ڊاڪٽر اڪبر علي چانڊيي، اشرف علي ڪهاوڙ عبدالواحد سومري ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ڪمپيئرنگ محمد حنيف ٻگهئي ۽ سرفراز مسڻ ڪئي. تقريب ۾ شاگردن شاعري ٻڌائي، ٽيبلوز، گيت ۽ تقريرون پڻ پيش ڪيون. ٽيبلو مومل راڻي، سسئي پنهونءَ ۽ ٻين موضوعن تي ڪيا ويا. ان کان سواءِ شاديءَ جون رسمون به پيش ڪيون ويون. جن شاگرن حصو ورتو انهن ۾ دارا فهد، مير ڪيريو اقرا شيخ، ورثا پيرزادو، خالده پيرزادو، زبير مسڻ، شفقت حسين، حسن سومرو، ذيشان پٽي، الهورايو حبيبه، احمد علي، حفصه، جيا، مهڪ، شهباز ۽ ٻيا شامل هيا.

تقريب ۾ ڪراچي يونيورسٽي، دائود يونيورسٽي، اقرا يونيورسٽي، ايس ايم لا ڪاليج ۽ ٻين تعليمي ادارن جي شاگردن شرڪت ڪئي.

Gul Hayat Institute

Recognized by Higher Education Commission

# KAROONJHAR

## Bi-annual

[ RESEARCH JOURNAL ]
ISSN 2222-2375

VOL:11, ISSUE 21, December 2019

Editor
**Dr. Kamal Jamro**

Gul Hayat Institute

**DEPARTMENT OF SINDHI**
Federal Urdu University of Arts, Science & Technology,
Abdul Haq Campus, Karachi, Sindh, Pakistan.
**https://fuuast.edu.pk/**